
جِت سنڌو ءَ ۾ سمنڊ وهي ٿو
سنڌ جي ڍنڍن، ڍورن، آبي گذرگاهن، وٽراهن، ريگستانن ۽ انهن
۾ وسندڙ مخلوق جو مشاهداتي مطالعو
امر لغاري

جت سنڌوءَ ۾ سمنڊ وهي ٿو

(سنڌ جي ڍنڍن، ڍورن، آبي گذرگاهن، وٽراهن، ريگستانن
۽ انهن ۾ وسندڙ مخلوق جو مشاهداتي مطالعو)

امر لغاري

موهن جو دڙو
پبلشنگ ايجنسي
لاڙڪاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو نالو	:	جت سنڌو وهي سمنڊ وهي ٿو
ليکڪ	:	امرلغاري
فوٽوگرافي	:	امرلغاري
اسڪيچز	:	اي. آر آزاد
ڪمپوزنگ	:	يونيورسل ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ لاڙڪاڻو
پهريون ڇاپو	:	2003ع

قيمت 120 روپيه

JIT SINDHUOA MAIN SAMUND WAHE THO
(Ecology)

Written By: Amar Laghari

Published By: Mohan Jo Daro
Publishing Agency Larkano

First Edition: 2003

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

ڪتاب سپر مارڪيٽ

الرحيم هوٽل، جناح باغ روڊ

لاڙڪاڻو

فون: 0741-457042

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتساب

فطرت سان پيار ڪندڙ اُنهن تمام تورن ماڻهن مان هڪ - محترم الهورائي بهڻ جي نانءُ، جنهن جي ڌرتيءَ ۽ اُن تي رهندڙ مخلوق لاءِ اڻ ٽٽ ڏسي، اميد جو حوصلو پيدا ٿئي ٿو. منهنجو هيءُ پورهيو، هن جي Un-conditional ساٿ ۽ همت افزائيءَ جو نتيجو آهي. هيءُ ڪتاب سائينءَ پاران ماحوليات جي تعليم ڏيڻ ۽ اُن جي سجاڳيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ وارين بي لوث خدمتن کي ارپيان ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

جت سنڌوءَ ۾ سمنڊ وهي ٿو 23
ابتدا - ڪاڪي عرس ملاح سان ملاقات
جنگي سر پتڻ تي هڪ رات
هُوڙا ۽ لائوڊ اسپيڪرن جي وبا
پنهنجن جا زخم - پٺائيءَ جو دادلو جت - فوزيہ نہ آئي تہ
شادي نہ ڪندس - ڇڙوڇڙ ماهيگر ۽ مضبوط مافيائون - گونگي
واري آخري لڪير
نوجوان ناکئو - محمد علي
تجربو ۽ مشاهدو سڀ ڪجهہ سيکاري ٿو - مالار: هڪ بدڪار
مڇيري جو ٻيو جنم
آتڙڪي
ڇاڙن مان ڪارين ۾ تبديل ٿيندڙ درياهي ٻانهون
مَنل پيرن جي واڙي
ڇولين سان جنگ
اڌ سفر تان واپسي
اڪبر ڪلهوڙي سان ڪچهري
انگور، ڏاڙهون ۽ ناريل جي ڌرتي -
عباسي صاحب جي حقيقت پسندي
ساموندي پلو
تري ڪاٺڻ جي شيءِ - واڌ - تباهي
سانهو يا ڪانگٽ
بولاڙچ - ناري جي مڇي جهينگو
ڪارا پيرون ۽ اڪبر ملاح جو ڳوٺ
ڪيلن جا باغ - ڪُلٽي آسمان هيٺ ڪچهري - مڇي ۽ سانها: الله
خير ڪري! بس، جڳاڙ ٿيو وڃي
ٻگهاڻ ڪان ڪيٽي بندر

ڪيٽي بندر
ناٽو وڏو شهر ويران - مٺائيءَ وارو ميمڻ دڪاندار - جيوڻ شاهه ۽ مائي سيداڻي جا ميلا
بندر جو تاريخي پس منظر
هڪ مسيحا سان ملاقات
ڪيٽيءَ جي اڪيلي حڪيم سان جنگ - نانگ جي ڏنگ ۽ ڪتي جي چڪ جي ويڪسين اسان وٽ ناهي!
هڪ شاگرد سان ملاقات
بندر ۽ لطيف جي ورسي
ڳاڙهو شهر، ڳاڙها ڇانور ۽ ڳاڙهو خاصخيلي
اسحاق ياران هڪ مظلوم ڪردار ڳولهي لهڻ
57 **ڇاڇر ۾ ڇيرون**
ڪپ جي مڇي - روهاڪي سانهه - پيڻ - سيراڙي - پٽيجي - ٽائيڊل لنڪ - مهرو ڍنڍ - چولري ويئر - جهينگو ۽ مڇي، اور فشنگ، دوبائي، دوبائي خوري، ڪناءِ، جهنگلي بدڪ، ڪائنرا، ڪنيا، چٽروڙ يا ٽورون، ٽيٽا ۽ پوراڙا - شير شاهه جا شڪرا - باز جو بہ شڪار ٿئي ٿو - بَدَوَرَ هڪ ڊيڪواءِ برڊ - عربن جو پئسو ۽ سنڌ جي جهنگلي جيوت - WWF ۽ IUCNP جا پيون ڪن؟ - ٽائيڊل لِنڪ جو حال هينئر ساڻ هيٺو آهي - گرم سمنڊ ڪي سلام ڪندڙ پکين ڪي هڪ پناهه گاهه گهرجي.
75 **ناري جا واڳون**
نارو پنهنجي هئيت ۾ هڪ درياءُ آهي - جديد آبپاشي نظام قائم ٿيڻ کان پوءِ واري صورتحال - حياتيات جي ورج - واڳون - هزارين سال اڳ جڏهن انسان پهاڙن تان لٿو - واڳون پالڻ جي ڀهرين ڪوشش - پرستش - واڳون ۽ ناري جو علائقو - ديهه اڪرو 2 - راهواري وارا ڏبا - سرور واري ڍنڍ - ٻڪسري وارو ڪورو - باقر شاهه وارا ڏبا - ناري جون پينٽلون - ٻوٽر نارا ۽ ڪهڪاري وارا ڏبا - سيري - ڪُڄهہ ٻيا ٽاڪ - نسلي واڌ -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسند ۽ عادتون - نسل ڪشي ۽ هاڻوڪي صورتحال

مکيءَ جي ڊيڄن جا پيهوڙي پکي 91

ڪنگور جا ترنڊڙ دڏ ۽ صدوري ڊيڄ جو جادو - ڊيڄ جو گاهه ۽ پيهوڙي پکي - آنا ۽ ٻي ترتيب آکيرو - پيهوڙي ۽ پيڻ جا پن - نر نِپائي مادي ڳائي - ڊئم ڪان پوءِ ڇا ٿيندو

سائيبيريا کان سانگراڙي تائين 97

جڏهن سائيبيريا برف سان ڍڪجي وڃي ٿو - ڇڏي ديس پنهنجو پکي اچ وڃن ٿا - انڊس فلاءِ وي - پکي پاڻيءَ جو پير ڏيئي اڏامن ٿا - پرديسي پکي ۽ مکي جون ڊيڄون - پکين جو پڙاءُ ۽ شڪارين جي ڇُر پُر - 15 اپريل کان 15 آگسٽ تائين - معافي آبگاهن جي صورتحال - چارٽ - نقشو

پکسريءَ جو سير 105

مکي ويئر - اهي رونقون هاڻي ڪٿي! - ڪارڪٽيجي سياڳو پکي آهي - پکسريءَ کان مکي ڪيئن ٿي نظر اچي - پير صاحب پاڳاري جي ڪٽ، صدوري ۽ سيري - ڊيڄون - مکيءَ جي ڊيڄن جا ٽوبا (ڪينگر ۽ دليل) - افسوس هاڻي اُها مکي ناهي رهي!

ڏوگريون ۽ کهڪارو: ٻن لوڪ ڪٿائي ڊيڄن جو الميو 115

ڏوگروين ۽ کهڪارو ويهه سال اڳ - هاڻوڪي صورتحال - رڻل واري پٽ - ڪريم داد جوڻيجو ۽ ڏوگريون رِزَرو - ڏوگريون جو ڦِتڻ - شڪار جي مارا ماري - بختاور ڪينال - پهريون نقشو ڇو ترڪ ڪيو ويو؟ - ٻه اڏ ڪنڊڙ هر دلعزيز رٿا - پهرئين ناري ۽ ٻئي ۾ ڪوبه فرق نه آهي - الله پاڻهي ئي پُڄندنِ!

سنڌي هرڻ راجستان کان ناري جي ڪس تائين 127

سنڌي هرڻ يا چنڪارا - سنگ، ڳريون ۽ سندس عمر - هرڻ، دنيا جو تيز ترين جانور - غزال، غزالہ ۽ غزل - سنڌي هرڻ (چنڪارا) جا قسم - قد، بت، رنگ ۽ وزن مشڪ هرڻ - ڪراس بريڊنگ - هرڻي هڪ سياڻي ماءُ - نسل ڪشي - ننڍي مک ۽ ڊيڄن جو پاڻي - هجرتي هرڻ جو ساليانو انگ - شڪاري ڇو

پريشان آهن - شڪار ڪاتي جو ڪردار

ڪنڊي: عام استعمال کان ثقافتي اهميت تائين 141

ڪنڊ - جُوهو - مورو - ڪنڊيءَجي وڻ مان فائدا: ميحر - مال جو چارو، سگر: ماڻهن جي ڀاڄي - سگر جي سوڪڙي - تاريءَ جي اهميت - ڍينگر - ڪنڊيءَ جي ڪاٺي - آڏ - ڇوڏو - ڪِرشي ۽ اُن جو استعمال - اُنهه - ٻارڻ - ڪنڊيءَ جي ثقافتي اهميت: ڪنڊي يا ڪنڊيءَ جو نالي طور استعمال - ڪنڊي ۽ انسان جي عمر - پراڻي ڪنڊيءَ جو احترام - چند ثقافتي اهميت واريون ڪنڊيون يا ڪنڊا - اڪيلي ڪنڊي بابت عقيدو - ڪومائل ڪنڊي ڇا ٿي بيان ڪري؟ - ڪنڊين پٺيان چند مشهور نالا - ڪنڊي ۽ سنڌي ادب - ڪنڊي ۽ لطيف سائين - ڪنڊي بابت ملڪيت جو تصور - ڪنڊي ۽ پيارا پکيڙا

مِيا ۽ مولها مارو پالين مرڪ سين 151

ٿر ۽ ان جا ڀاڱا - اٺ ان جا قسم - ناري جو ريگستان - سياري ۽ اونهاري جا چراگاهه - اٺ جي پسند جا ڪاڏا - اٺ جي پالنا - جهوڪ - ڏاچيءَ جو کير - نر اٺ جي تربيت - ٿري اٺ (ٿر جو مولهو)، پارڪري، ڍاٽي ۽ وچولي سنڌ وارو لاڏلو - اٺن جا نالا - اٺن جا رنگ - نسلي واڌ - سوڀارو يا سپوٽ - سائي - ڏُڪ رکڻ - جنهن گهر ۾ اٺ آهي، تنهن گهر جا ڏاٽا ڪُتا ٿي ناهن - اٺ جي لڳ بابت دلچسپ گفتگو - اوٺارن جي زندگي جو چڪر - جت پيريءَ ۾ منڊا ٿي گذاريندا آهن - اوٺار ٻيو مال ٻڪرين جو رکندا آهن - چند اوٺار ڀاڳين جا نالا - پير سڃاڻڻ - اٺ جو ٻِين ڪڍڻ - ”جهڙو اٺس نالو تهڙي آهي ڪونجَ“ ۽ ٻيا پهاڪا - اٺ جا سينگار - ڏاس جو ڪنجڻ - اٺ جي عمر - اٺ کي ست سيرون پون - اٺ سچ پچ ته ڪارائتو جانور آهي

جهنگلي جيوت ۽ انساني فطرت جا ايذائيندڙ پهلو 161

پيٽ پريل هوندي به ماڻهو بُکيو آهي - شڪار شوق آهي يا جبلت؟ دولاب ڏيئي شڪار ڪرڻ - ڪُتي جو ڪردار - باز

ذريعي شڪار - پهاڙي تتر، چڪور، ڪارو اڇو تتر - بنا موڙ واري چنبڙول - مهاڻا ۽ لڏڙا، لڏڙا ۽ خفتي - ناچ ڪندڙ ڪُونجون - اسان قطعي جنگلي جيوت دوست ناهيون - ٽيٽيهر، سيگل، ڪناءِ، سارس ۽ تور جا آنا به کائجن ٿا - چيني ۽ دريائي ڪميون يا ڪڇون - اسان ڳاڙهي رنگ کي ڏاڍو پسند ڪيون ٿا - هڪ نعرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليکڪ پاران

هونءَ ته مان به ان خيال جو آهيان ته سؤ - ڏيڍ - سؤ صفحن جو ڪتاب لکي ليکڪ کي پڙهندڙ کان هٿ ادب جا ٻڌي معافي وٺڻ کپي، پر خبر ناهي ڇو ڪتاب جي منڍ ۾ يا آخر ۾ به اکر، ٻي اکر يا اجا به پنهنجي پاران يا ليکڪ پاران لکڻ واري مسخري ضرور ڪرڻي پوي ٿي، سو ان لاءِ پڙهندڙن کان معذرت گهرندي مان به ٻه لفظ لکڻ جي اجازت گهران ٿو.

ٻه ٽي سال اڳ سنڌ جڏهن اجا نئون پاڻيءَ لاءِ ڦٿڪڻ شروع ڪيو هو ته، اسان به سنڌو درياءَ جي ڇپاڙ واري ڊيلٽائي علائقي کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ لاءِ روانا ٿي وياسين. ٺٽي کان جڏهن جنگي سر پترڻ پهتاسين ته اتان جي تبديل ٿيندڙ ايڪالاجي ۽ ماحول ڏسي گهبرائجي وياسين، جتان ڪنهن زماني ۾ سنڌو سيسر جي مستيءَ جيان گوڙيون ۽ ڏڏڪا ڪري گذرندو هو، اڄ اتي سمنڊ جو پاڻي مورڙي واري مگر مڇ جيان درياءَ جي پيٽ ۾ دهشگردي لايو ويٺو هو، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌوءَ جي مٺي پاڻيءَ ۾ موجون ڪندڙ مڇيون، سپي گل ۽ ساهنا، جڻ ته ناپيد ٿي چڪا هئا، پترڻ ويران ڏسڻ ۾ پئي آيا. هڪ اڌ ھُڙي کان سواءِ ٻيو مڙيئي خير لڳو پيو هو. سٽ سٽ راتيون سمنڊ ۾ گذارڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪو هُڙو ڪنڌيءَ لڳو ٿي، ته اُن جي پيٽ مان به اٺ يا نَو پلا نڪتا ٿي. ملاحن ويچارن جا منهن سچ پچ ته ڏسڻ جهڙا هئا. هو مٺي پاڻيءَ لاءِ رڳو رُنا نه ٿي، باقي سڀ ڪجهه هنن جي مُهانڊن تان بکي رهيو هو.

اسان مکيءَ جا ماڻهو، جن ڪڏهن به پاڻيءَ جي اُڻاٺ نه ڏٺي هُئي،

۽ ماڻهن کي انهن پاڻيءَ لاءِ اُباٽڪو ٿيندي نہ ڏٺو هو. اهڙو لقاءُ ڏسي پريشان ٿي وياسين. پوءِ جڏهن سمنڊ پاران سنڌوءَ جي فتح ڪيل ڪارين ۾ لڌاسين تہ انهن محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ تہ سمنڊ سنڌوءَ جي پيٽ ۾ صدين جو زهر اوڳاڇي رهيو هو.

ڊيلٽائي ڪارين جون ڪنڌيون ۽ انهن جي ور وڪڙن ۾ ڦاسي رهجي ويل ٻيڙاريون، جن جي چپن تي درياهي ماحول وارو پيلو اڃا بہ درياءَ جي مٺ پاڻيءَ جي ريلن جو وڏي بي چينيءَ سان انتظار ڪري رهيو هو. آهستي آهستي سمنڊ جي کاري پاڻيءَ جي نظر ٿي رهيون هيون. پر پاڻي اُپ جي اُپڪيرن ۾ ٿاڦوڙا هڻندڙ ڪڪرن کان سواءِ ڪٿي بہ ڪونہ هو. ملاحن کي تہ هاڻ اُها چيڪي مٽي بہ هٿ نہ ٿي آئي، جنهن سان ويهي ڪڏهن هو پنهنجا پڏر سنواريندا هئا. هاڻ تہ اُنهن جي اُڳر تي ڪنهن ڪانگ بہ نہ ٿي ٻوليو. بندر ۽ بازاريون سڀ سڃيون ٿي چڪيون هيون. فطرت جي هاڻ ۾ ديوي پنهنجا سيلها ڪشي چڪي هُئي. اهڙي منظر نگاريءَ ۾ هڪ ليکڪ لاءِ ڇا ان کان وڌيڪ بہ ڪو سنديس ٿي پئي سگهيو تہ هو بہ گونگي وانگر "آخري لڪير" تي اچي چڙهي بيهي رهي؟ پر ليکڪ گونگا نہ ٿيندا آهن. ليکڪ پنهنجي قلم کان پنهنجي زبان جو ڪم وٺندا آهن.

جتي هڪ طرف درياءُ سڪي ڀڙڀانگ ٿي چڪو هو ۽ سمنڊ جي اُرهہ زورائي زورن تي هُئي، اتي ٻئي طرف سنڌ جو سينو چيري هڪ وڏو سم نالو کوٽي اُن کي سمنڊ سان ملايو ويو هو. هڪ لوڻ، ٻيو ڪارخانن جو زهر ۽ ٽيون زرعي دوائن کي Wash up ڪندڙ پاڻي - اهي ٽيئي شيون جڏهن بدين جي ساحلي علائقن وارين پراڻين ڍنڍن ۾ پهتيون تہ پکين جو ڦهرام مچي ويو. ڪنهن ڏٺو، ڪنهن ڪڇيو. ڪير ماٺ رهيو. اسان سڀني کي خبر آهي، لڳي ٿو تہ سنڌ گونگن جو ديس آهي. اسان جا پاڙهو ماٺهو. جيڪي گڏريل پنجاهہ سالن کان فطرت کي پُٺ ڏيندا پيا اچن. سي پنهنجي ڌرتيءَ جي سونهن ۽ اُن جي مستقبل کان صفا لاتعلق ٿي چڪا آهن.

چوٽياريون ڍيم هجي يا ناري جو پاڻي، مکيءَ جو ٻيلو هجي يا

اڪري واريون ڍنڍون، ڪنڌيءَ جو وڻ هجي يا هرڻين جا معصوم ٻچا، هر شيءِ کي وڪٽي پنهنجو پيٽ ڀرڻ جي ديڳ هر جاءِ تي چڙهي پئي آهي.

مون هڪ ڪتاب ۾ پڙهيو هو ته، آمريڪا جي هڪ رياست ۾ هڪ ڪمپني 50 فوٽ ويڪرو روڊ ٺاهيو، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ايترائي فوٽ هر چورس پاڻيءَ جو تلاءُ سدائين لاءِ ڌرتيءَ جي گولي تان ميسارجي رهيو هو، جنهن ۾ دنيا مان گم ٿي ويل اڌ فوٽ ڊگهي مڇيءَ جا ڪجهه داڻا اچا به پنهنجو جيئدان حاصل ڪري رهيا هئا. اهو روڊ (جو اڌ ٺهي ويو هو) اتان جي مقامي ماڻهن جي سخت احتجاج جي ڪري ترڪ ڪيو ويو ۽ مڇيءَ جي ان معصوم نسل کي دنيا ۾ جيئڻ جو حق ڏنو ويو جنهن جو قصور فقط اِهو هو ته هن جو گهر انسان جي رستي ۾ پئي آيو. جو صنعتي ترقي، سائنسي دريافتن ۽ مذهبي منافرتن ڪري وڏو منافق ۽ بي حياءُ ٿي چڪو آهي، جنهن کي گهمنڊ آهي ته هو چنڊ فتح ڪري چڪو آهي ۽ هاڻِ ڪهڪشائن ڏانهن رُخ اٿس، پر حقيقت اها آهي ته هن پنهنجي پاڙ تي رنبو رکي ڇڏيو آهي. هو انهن املهه شين کي تباهه ڪرڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺو آهي، جن صدين جي تبديلين کان پوءِ ڪيس دنيا جو هي رنگ ڏيکاريو آهي. مڇيءَ کي مخلوق جو پهريون مائٽ سڏيو وڃي ٿو، اها پاڻيءَ جي مخلوق آهي ۽ اسان سيني کي ياد رکڻ گهرجي ته، پاڻيءَ کان سواءِ ڪنهن به مخلوق جو وجود ڪابه حيثيت نه ٿو رکي ۽ اسان ان طرف وڌي رهيا آهيون، جتي ماڻهو زندگيءَ کي فقط ۽ فقط ڪڪرن جي منڊلي ۾ ئي تلاش ڪري سگهندا.

اڻ گهڙيل (اڻ گهڙيل جي وضاحت نه ڪندس) ماڻهو جڏهن ڪاوڙبو آهي ته هو گارگند ڪندو آهي يا ڪنهن کي ڌڪ هڻي ڪيڏندو آهي، پر گهڙيل ۽ تراشيل ماڻهو جڏهن ڪاوڙبو آهي ته پڇرندو آهي يا پاڻ کي ماري فنا ڪندو آهي. اهي ٻئي ڪم نه پڄندس ته پوءِ ويهي ڪتاب لکندو آهي. شڪر گذار آهيان محترم اشتياق انصاريءَ جو، جنهن منهنجي ڪم تي (منهنجي جائز ناجائز تعريف ڪندي) به لفظ لکيا، ٿورا آهن پيارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوستن جان خاصخيلي ۽ اسحاق مگريي جا جن منهنجي ڪم کي پيار سان پڙهيو ۽ ان تي تبصرا ڏئي پڻ ڪيا.

امر لغاري
سانگهڙ، سنڌ

ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو

ڪڏهن سنڌوءَ جو ميرانجهڙو پاڻي 40 ميل سمنڊ جي نيري پاڻيءَ کي چيري وڃي ڇوڙ ڪندو هو. هاڻ ڊيلٽائي ماڻهن لاءِ سنڌوءَ جي ڇوڙ جون اهي ڳالهيون فقط ديومالائي قصن وارين ڳالهين وانگر ڪرڻ لاءِ رهجي ويون آهن. "هٿ ڪنگڻ لاءِ ڪهڙي آرسي" واري ڳالهه وانگر سنڌ جي انهيءَ ساحلي علائقي جي صورتحال کي ڏسڻ لاءِ گهڻا ماڻهو آهن جن اهو سڀ ڪجهه وڃي ڏٺو آهي تہ دريائي ڇولين جي وچ ۾ رهندڙ انهن ڊيلٽائي ماڻهن کي هن وقت پيئڻ جي پاڻيءَ جي هڪ دلي جي حاصلات لاءِ ڪهڙن مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو؟

اهڙيءَ صورتحال ۾ امر لغاري سنڌ جو انوکو رائيٽر آهي، جنهن نہ رڳو سنڌوءَ جي ڇوڙ واري ڊيلٽائي علائقي ۾ اتي جي ماڻهن ۽ پٽي جيوت تي هڪ اخباري خبر جي بدران اتي جي مسئلن کي انتهائي خوبصورت انداز ۾ رپوتاز واري طرز ۾ لکيو آهي.

امر لغاري سنڌ کي پرينءَ جي پاڇي واري اک سان ڏسڻ جي ڪري رڳو اُن کي خوبصورت شهرن، سرسبز باغن ۽ زرعي علائقن تائين محدود ڪرڻ بدران جهر جهنگ، بيابان، ٽِبن، ڊٺن، ڇاڙهون، ڪاريون، ڍنڍون، ڍورا، رڻ جا پٽ، رڄ وارا پوٺا ۽ آئيڊيا لتاڙي سنڌ لي ڳولي ٿو. امر لغاري بلڪل اها سنڌ ڳولي ٿو جنهن لاءِ ٿي اياز چيو، "جت لڪ لڳي، جت اڪ تپن سو ديس مسافر منهنجو ڙي."

اهڙيءَ طرح اسان ڏسون ٿا تہ امر لغاري رومانٽڪ ۽ سادي انداز ۾ سنڌ جي انتهائي سنجيده قسم وارن مسئلن کي ڇهيو آهي. هن ڊيلٽائي علائقي تي ڪنهن ٽيڪنوڪريٽ يا آبپاشي جو ماهر بنجي اهو بحث ئي نہ ڪيو آهي تہ دريائي ڇوڙ لاءِ 27 ملين پاڻي کپي يا 10 ملين پاڻي کپي، پر

هو تہ هڪ سادي انداز ۾ علائقي جي صورتحال هڪ ملاح جي زباني ٻڌائڻ لڳي ٿو. ملاح نہ رڳو سمونڊ جو انجينيئر هوندو آهي پر اهو ساڳيو درياءَ جو بہ پٽونرو آهي. ان ڪري درياءَ جو سمونڊ ۾ ڇوڙ نہ ٿيڻ وارو جيڪو گلوبل اشو آهي ان ٽيڪنيڪل بحث کي عرس ملاح جي زباني ائين بيان ڪرايو آهي تہ، ”سمونڊ جيڪو هن وقت ڇڙواڳ ٿي اڳتي وڌي آيو آهي جي درياءَ ۾ پاڻي هجي ها تہ اڄ بہ ڏڪندو، ڪنبدو پوئتي هليو وڃي ها.“ اهو ملاح هڪ اٿارٽي طور راءِ ڏئي ٿو، ”ايڏو سارو جيڪو سمونڊ ڏسو پيا نہ اهو درياءَ جي دهشت اڳيان ڪجهہ بہ نہ آهي.“ جنگي سر جي ويٺل عرس ملاح واري ڪيل ڳالهہ جي پٺڀرائي ماهرن جي انهيءَ ڏنل رپورٽ مان ٿئي ٿي تہ درياءَ جو ڇوڙ سمونڊ ۾ نہ هئڻ ڪري سمنڊ 20 لک ايڪڙ زمين پنهنجي پيٽ ۾ آڻي چڪو آهي. جڏهن تہ سنڌ جي حڪومت پهريون دفعو عرس ملاح جي ڳالهہ کي تسليم ڪندي مارچ 2001ع ۾ مڃيو آهي تہ 12 ايڪڙ زمين سمنڊ ڳهي چڪو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪيٽي بندر جو تعلقي هيڊ ڪوارٽر ٻگهاڻ ۾ ڪجي آيو آهي، ڪاروڇاڻ جو تعلقي هيڊ ڪوارٽر سجڻ واريءَ ۾ ڪجي ويل آهي ۽ شاهہ بندر جو تعلقي هيڊ ڪوارٽر وري چوهڙ جمالي ۾ ڪجي چڪو آهي. ساحلي شهر ۽ ڳوٺ سمونڊ جي ڇڙواڳ ڇولين جي اڳيان ڪنڌ نِمايو بيٺا آهن. ماڻهو پنهنجا ماڳ مڪان خالي ڪري ڪيٽي بندر ڪان وٺي علي بندر تائين سؤ ميلن جي علائقي مان لاڳيتو پوئتي هٽي رهيا آهن. جيتوڻيڪ امر لغاري سفرنامو بہ ڪونہ لکيو آهي، پر هن درياءَ جي ڇوڙ واري ڊيلٽائي علائقي جي جنهن فوٽو گرافڪ انداز ۾ تصوير ڪشي ڪئي آهي، اهو انتهائي خوبصورت انداز آهي، جڻ پڙهندڙ پاڻ گهمندو هجي.

هو دنيا جي ڊيلٽائي علائقن وانگر سنڌ جي ساحلي علائقي کي ماحولياتي اک سان ڏسي ٿو. هو ڊيلٽائي علائقي ۾ رڳو ماحولياتي طور فيشن بڻجي ويل ميگروز جو قصو ڪونہ ٿو ڪٿي، پر هو تہ لطيف جي ڳايل سهڻ جي ڳاهہ، اتي وارن ماڻهن، جانورن، پکين ۽ ٻوٽن تي لکڻ چاهي ٿو. هن تمر جي نہ رڳو خوبصورت وڻ تي لکيو آهي، پر اهو وڻ جيڪو قدرتي طور سمنڊ جي آبي زندگيءَ لاءِ هڪ هيچري طور ڪم ڪري ٿو اهو بہ

لکيو آهي. امر جي ڪئمرائي اڪ دريائي ڇاڙهن جي وچ ۾ آباد ڊيلٽائي علائقي جي شهر ڪاري ڇاڻ ۽ درياءَ جي خوبصورت ڪنڌي واري پٽڻ جنگي سر جو ذڪر ڪيو آهي، هن جو اهو ذڪر ماڻهوءَ ڪي موهي وجهي ٿو. هن جنگي سر ڪان ڪاروڇاڻ ٻيڙي ذريعي وڃڻ واري ذڪر ۾ "سمنڊ" جو لفظ استعمال ڪري هڪ وڏو بحث ڇيڙي ڇڏيو آهي.

سمنڊ جي هندستاني دنگ واري حرامي ڍوري ڪان وٺي ڪراچيءَ ۾ ابراهيم حيدري تائين سمنڊ ۾ مڇي مارينديڙ هڪڙو به ملاح سمنڊ لفظ استعمال نہ ڪندو آهي. جيتوڻيڪ هو اٿاهہ سمونڊ ۾ مڇي جي شڪار لاءِ وڃڻ جي باوجود "درياءَ ۾ وڃان پيو" جو لفظ استعمال ڪندو آهي. انهيءَ "درياءَ" ۽ "سمونڊ" وارن لفظن جي وچ ۾ هڪ ڏکهو اتهاس لڪل آهي.

سير ڪريڪ ڪان وٺي ڪراچي جي ڪورنگي ڪريڪ تائين سنڌ جي سمونڊ واري ڊيلٽا جي 17 ڪريڪس تي اٽڪل ٻہ لک ماڻهو رهندڙ آهن.

انهيءَ خطي ۾ رهندڙ ماڻهن جي انٿروپالاجي واري اسٽڊي ڪندڙ ڪي انهيءَ ڳالهہ تي وڏيڪ حيرت ٿيندي تہ هي ساموندي ماهيگير آخر سمونڊ کي "درياءَ" ڇو ٿا سڏين؟

ان لاءِ حيرت ۾ پوڻ جي بدران سنڌو درياءَ جي ڇوڙ واري وهڪري جي اسٽڊي ڪرڻ ڪپي. اها انهيءَ زماني جي ڳالهہ آهي جڏهن سنڌوءَ جي ڇوڙ لاءِ ارسا ۾ بحث نہ ٿيندو هو. اها تنهن زماني جي ڳالهہ آهي جڏهن سنڌوءَ جو ميرانجهڙو پاڻي 40 ميلن جو رستو ناهي اونهي سمونڊ ۾ وڃي ڪِرندو هو. ياد رهي تہ 18 ميل مقامي سمونڊ چورائيندو آهي، جڏهن تہ ان ڪان اڳتي وارو سمونڊ انٽرنيشنل سمونڊ هوندو آهي.

جن ڏينهن ۾ سنڌوءَ تي ڊئم ۽ بئراج اڏيل نہ هئا تڏهن سنڌوءَ جو وڏي مقدار ۾ ڇوڙ لاءِ آيل پاڻي انڊس بيسن جي 17 ئي ڪريڪس جي رستي سمونڊ ۾ داخل ٿيندو هو. ڇاڪاڻ 17 ڪريڪس جو نيرو پاڻي درياءَ جي لڙندڙ پاڻيءَ ۾ تبديل ٿي ويندو هو. جڏهن تہ ماهيگير سمونڊ جي مقامي حصي ۾ ئي مڇي جو شڪار ڪري ٿو، ان ڪري اهي پنهنجي جوءِ کي سمونڊ جي بدران درياءَ چوندا آيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن تہ امر لغاري جنگي سر کان ڪارو ڇاڻ ٻيڙي ۾ ويندي جنهن علائقي جو ذڪر ڪيو آهي اهو سنڌو درياءَ جو اهو هنڌ آهي جتان اڃا درياءَ شاهہ بندر واري مڪيہ ڇاڙهہ ۾ بہ نہ ورهايل آهي، جتان سمونڊ تہ اصل ۾ 40 ميل پري آهي.

مئي مهيني ۾ امر لغاري جي ڇاڻايل درياهي سفر ۾ درياءَ جي انهيءَ حصي ڪي جڏهن هو سمونڊ لڪي ٿو تہ ان ۾ هن جو ڏوهہ نہ آهي. درياءَ جو سمونڊ ۾ ڇوڙ نہ هئڻ ڪري جنگي سر وارو دريائي پٽڻ سمونڊ جي ڇڙواڳي جي ڪري ئي سمونڊ بنجي چڪو آهي.

ممڪن آهي تہ امر لغاريءَ درياءَ جي ڇاڻايل پٽڻ تي ملاحن ڪي پنهنجي ٻيڙي جي سفر دوران سمونڊ جي وڏي اڇڻ ڪري ويرن جي لهڻ ۽ چڙهڻ جو انتظار ڪندي ڏٺو هجي. جڏهن تہ درياءَ جو مهاڻو وير جي لهڻ ۽ چڙهڻ جو انتظار نہ ڪندو آهي، جنهن جي بنياد تي هن جنگي سر جي پٽڻ تي درياءَ ڪي سمونڊ سڏيو آهي.

پراڻي رڪارڊ موجب سنڌوءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ اپت ڏيندڙ زمينون ڪاري ڇاڻ جون هيون، ڪاروڇاڻ درياءَ جي پڻ ... جي وچ ۾ هئڻ ڪري نہ رڳو جاگرافيائي حسن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هي پر، هزارين سالن کان يارهن سؤ ميلن کان وهي ايندڙ سنڌو درياءَ ڪئين نباتاتون ۽ معدنياتون اتي آڻي ڇڏيندو رهيو آهي. هن وقت جڏهن سمونڊ دولهہ دريا خان واري سجاول پل کان بہ اڳتي ڏوڪي ويو آهي تہ انهيءَ لمحي ڪارو ڇاڻ تہ ... ڪ ساموندي پيٽ ۾ تبديل ٿي ويو آهي. ان ڪري انهيءَ علائقي جي ڇارن ۾ لڳل هيرن جهڙن خوبصورت پيرَن ڪي ڪاٽڻ دوران هو جڏهن مٺن پيرَن جي بدران ڪارن پيرن جو ذائقو محسوس ڪرڻ وقت استعاري طور اهو رمارڪس ٿو ڏئي تہ سمونڊ جو ڪارو پاڻي رڳو درياءَ ڏئي نہ پيو وڃي، پر زير زمين جي رستي بہ اڳتي وڌي رهيو آهي. جيتوڻيڪ وڏن قداور ٻيرن جي دريائي ٻيلي وارو پس منظر رکندڙ جنگي سر جي پٽڻ تي وڃڻ لاءِ ڳاڙهي جي شهر ۾ ڳاڏين وارا ”درياءَ درياءَ“ جو هوڪو ڏين ٿا، پر اهڙي صورتحال ۾ اهو سوچڻو آهي تہ جنگي سر جي پٽڻ تي هاڻ واقعي درياءَ آهي؟

سمونڊ اڳتي وڌڻ ڪري سجاول واري پل لڳ دمدمہ جي ڪوٽ کان بہ ساموندي پاڻي اڳتي وڌي ويو آهي. واريءَ ۾ پلو پچائڻ جي ڪري شيخ اياز دمدمہ ڪوٽ جي سڃاڻپ دنيا جي سڀ کان انوکي مڇي پچائڻ واري جاءِ طور ڪرائي هئي. انهيءَ ڪوٽ جي مهاڻن جي رڪارڊ تي بہ اها ڳالهہ آيل آهي تہ انهن جي هڪ رڃ ۾ 25 سؤ ڦاٿا هئا.

جڏهن تہ هاڻي انهيءَ ڪوٽ وارا دريائي آني وارو پلو ڏسڻ لاءِ سِڪي ويا آهن. اهڙيءَ طرح امر لغاري سڄڻ واري ۾ آترڪي جو ذڪر ڪيو آهي، جتي سهڻ گاهہ جي ساوڪ سان ڏيلٽائي علائقي جا ميدان گولف گرائونڊ وانگر ساوا بنيل آهن. ڏيلٽائي علائقي ۾ سهڻ اڪيلو گاهہ آهي جنهن جو ذائقو ڪار سرو نہ آهي. ان ڪري ئي لطيف سائين انهيءَ گاهہ جي تشبيهہ ڏيندي چيو آهي تہ: ”سهڻ جيئڻ سيڻن منُو ساءُ نہ مٺيو.“

سمونڊ جي لاڳيتو وڌي اچڻ واري صورتحال جي ڪري جنگي سر پٽڻ جي ڳالهہ بہ ائين آهي جيئن بدين کان ڪلوئي واري رستي تي پراڻ درياءَ جي پس منظر ۾ ونگي جي پٽڻ وارو فقط نالو رهجي ويو آهي. فرق فقط اهو آهي تہ ونگو پٽڻ سڪي ويل پراڻ درياءَ جو پٽڻ آهي ۽ جنگي سر وري سمونڊ ۾ اچي ويل پٽڻ ٻڏجي ويو آهي. ان ڪري امر لغاري جهڙي ريت استعاري ۾ ”سمونڊ“ لفظ جو ذڪر ڪيو آهي، اصل ۾ ان لفظ جي پويان هڪ وڏي دردناڪ اتهاس جو ڏکيو داستان لڪل آهي.

امر لغاري سنڌ جو اهو رائيٽر آهي جنهن هڪ جرنلسٽڪ انداز ۾ ڪئميرا ڳچيءَ ۾ وجهي سنڌ جي ڏوراهن علائقن کي پنهنجي ڪتاب ۾ آندو آهي، جيڪي عام طور ماڻهن جي توجهہ ۾ ئي نہ ايندا رهيا آهن. هو ماڻهن کي انهن علائقن مان ڪئمرا بنجي سنڌ ڏيکاري ٿو. ان لاءِ روپا ماڙي کان اڳتي شاهہ سمندو ڪريڪ وٽ ٽائيڊل لنڪ جي ڪنڌيءَ تي رڻ ۾ ڪڏو هٺي بدور پکيءَ جي آڙ ۾ باز ڦاسائڻ وارن جو ذڪر بہ هو بلڪل هڪ فوٽو گرافڪ نظر سان ڪري ٿو. رڻ جي ڪنڌيءَ تي، پنيجي ڍنڍ ۽ چوليري ويئر تي آيل لکين پکين جي تصوير بہ هو پنهنجي انهيءَ منظر نگاريءَ واري ڪئمرائي اک سان ڪڍي پڙهندڙن تائين آڻي ٿو. اهو سڄو ذڪر سنڌ جي ۽ ملڪ جي آخري ڪنڊ تي رهندڙ زندگيءَ جي متعلق هو

ڏاڍو ڏکيو سفر ڪري ٻه پڙهندڙن تائين آڻي ٿو. امر جا سمورا موضوع جيتوڻيڪ ماحولياتي موضوع آهن پر هو انهن موضوعن کي ڪنهن فيشني انداز ۾ لکڻ جي بدران هر هڪ موضوع تي ڪلاسيڪل انداز ۾ لکڻ لڳي ٿو. جيتوڻيڪ سنڌ جا ڇاڇايل علائقا روڊن رستن جي نه هئڻ ڪري مواصلاتي طور "پاسيرن" علائقي طور سڃاڻپ رکن ٿا. ان ڪري انهن علائقن جي ڏکئي سفر کي ٻه امر ڏاڍي رومانٽڪ انداز ۾ ڪري ٿو.

امر لغاري سنڌ جو عجيب رائيٽر آهي، جيڪو سنڌ جي ڏورانهن علائقن ۾ پنڌ جهاڳي پهچي ٿو. هو رڻ جي رڃ ۾ سنسني پيدا ڪري هترادو مرگهه ترشنائون نتو جوڙي پر هو انهيءَ ويران سڏي ويندڙ سنڌ ۾ نيچر وارا خوبصورت پاسا ڪڍي اچي ٿو، ۽ ماڻهن جي توجهه ۾ نه ايندڙ پهلوئن کي ظاهر ڪري هڪ انتهائي انوکي انداز ۾ سنڌ گهمائڻ شروع ڪري ٿو.

اها هن ڪتاب جي ڪاميابي آهي ته پڙهندڙ جڏهن امر جي اک سان سنڌ کي ڏسي ٿو ته سنڌ جو اهو چپو چپو هن کي ڏاڍو خوبصورت ۽ حسين نظر اچي ٿو. امر نيچر واري اک سان سنڌ کي ڏسڻ جو عادي آهي ان ڪري هو سنڌ جا اهي هنڌ گهمڻ دوران پنهنجي پڙهندڙن کي ٻه نيچر واري اک سان سنڌ گهمائي ٿو. هو جيتري تجسس ۽ پيار سان "هور وهيوڙي هور" واري ماحولياتي لوڪ گيت واري ماحوليات دوست وهبي پکي کي مکيءَ جي ٻيلي ۾ ڏسي ٿو، اهڙيءَ طرح هو ساموندي ڪنڌيءَ وارن ڍنڍن تي جهاز وانگر پر پکيڙي پاڻيءَ تي لهندڙ لاکي ڇاڇي کي ڏسي ٿو. هن کي نه رڳو سنڌ جي هر چپي چپي سان انس ۽ محبت آهي پر هن کي سنڌ جي پکين وڻن ۽ ٻوٽن سان پڻ محبت جو عجيب انداز آهي.

ٻڙ واري ڍوري ڪان ونگي پٽڻ تائين ۽ نهتو ڪان روپا ماڙي تائين هاڪڙو، ساڳراڙو، پراڻ ۽ ناري جي ڪنڌين تي هن نه رڳو پراڻا ڦاٽ گهمي ڏٺا آهن پر هو ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ انهيءَ علائقي جي جهنگلي جيوت کي ٻه وڏي غور سان ڏسڻ جو عادي آهي، هن پراڻ ڍوري ڪان ونئي سانگراڙي درياءَ جي سير تي رهندڙ ماڻهن کي ٻه ڏٺو آهي. هن ناري جي مڇي جهينگو وارن پڊن ۾ رهڻ وارن ڪان ونئي سنڌو درياءَ جي ڇوڙ تي

رهندڙ ماڻهن کي به ڏنو آهي ته اهي درياهن جي جوءِ ۾ رهڻ وارا ماڻهو پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ کيئن نه هلاڪ آهن. ان ڪري امر جو ڪتاب جيترو رومانٽڪ آهي اوترو وري دردناڪ به آهي. هو ڇيري وانگر رڳو قتل جايون ڏسڻ وارو اهو سياح نه آهي پر هي ته اڃڙي ٿر جي ڏيئن ۾ هليو وڃڻ وارو عجيب قسم وارو صحافتي رائيٽر آهي، جيڪو ڪئمرا ڳچيءَ ۾ وجهي ڪتان جو ڪتي پهچيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ سنڌي معاشري ۾ دنيا ۾ ناياب بنجي ويل واڳونءَ لاءِ ڪوبه دوستاڻو پهاڪو موجود نه آهي، ان جي باوجود ناياب بنجي ويل آبي جانور جي زندگي تي لکڻ لاءِ هو ڪنهن ٿڌي ڪمري ۾ ويهي لکڻ جي بدران مکيءَ جي ڍنڍن ۾ ڪيترائي ڏينهن رهي واڳونءَ جي آري ڪرڻ وارو مشاهدو ڪري ٿو.

جيتوڻيڪ هن سنڌ ۾ ڳجهن تي اجا ريسرچ نه ڪئي آهي پر ٿيهر جي بيدن لاهڻ ۽ زمين تي آستانو ٺاهڻ ڪان وٺي ڪارڙو تتر بيدا لاهڻ لاءِ ڇا ڇا ٿو ڪري ان مشاهدي لاءِ هو ڪتاب نئو پڙهي پر جهنگ منهن ٿو ڪري. اهڙيءَ طرح ماحولياتي طور هي اهڙي قسم جو ليکڪ آهي جو ننگر پارڪر ۾ ويندڙ سياحن وانگر فيشن بنجي ويل مورن کي ڏسڻ جي بدران هي وري ڪارونجهر ۾ ڳجهن جا آستانه ڏسڻ جو مشاهدو ڪري ٿو. جڏهن هت هي آنچلي سر ڪان وٺي گوڙ دڙو واري ماڳن جي ماڻهن وانگر آرڪيالاجيڪل واري اک ڪان ڏسڻ جي بدران ماڳن تي نباتاتي خوبصورتي ڏسڻ ۾ گم ٿي وڃڻ وارو رائيٽر آهي. اهو ئي سبب آهي جو هو شهرن جا ڪيفي، فيشن بنجي ويل ٿر جي سياحتي هنڌن ڪنڀو، ڀاٽ، مهراڻو، ڪس، نارو، اڇڙو ٿر، ڪاوڙ، ونگو، مامروٽي، وٽ ۽ پارڪر کي ڏسڻ تائين محدود نه آهي. پر هو ٿر جون وانديون، ويريون، کوهه، ٽوبا، تڙ، ترايون، سر، واءِ، تليون، ڏهر، ڏاڳي، نوڻ، گوچار، ٽڙڪول، مٽاري، ۽ ٻيلاٽ ڏسڻ ۽ گهمڻ وارو رائيٽر آهي. هو اڇڙي ٿر کي جمالياتي ذوق واري حسن سان زيارت گاهه وانگر ان جي سياحت ڪري ٿو. هو اڇڙي ٿر جون ڏٿون، ٻٽون ۽ ٻيلاٽ هاڪڙي جي هاڪ وارا هنڌ ۽ ڏٿن واري ريگستاني پسِ منظر ۾ حر تحريڪ جا معرڪائي هنڌ ۽ علاءُ الدين خلجي جي ڏٿين ۾ دٻجي ويل لشڪر جا پيرا کڻڻ لڳي ٿو. ڪنهن وقت هو جاگرافيائي انداز ۾ اڇڙو ٿر

ڳهمي ٿو تہ ڪنهن مهل هو ماحولياتي اک سان اڄڙي ٿر جي ڪرڪ واري تي ٻوڙنڊڙ هرڻ کي ڏسي ٿو.

هو ٿر ۾ سانوڻ جي مند کي هرڻ جي لڳ واري مند سان ڳنڍائي ڏسي ٿو ۽ ٿر جي ريگستاني حسن ۾ آيل ڏڪار جي ڪري "وهي وهہ" لڳڻ واري ڳالهہ لاءِ هو ايئن چئي ٿو تہ هرڻ لاءِ لڳ جي مند معنيٰ هرڻ لاءِ جوءِ مان هجرت ڪرڻ جي مند آهي. هو ٿر جي ڏڪار کي هرڻ جي جنسي اک سان لطيف جي انهيءَ بيت جي روشنيءَ ۾ ڏسي ٿو. "وس سانوڻ وس، تو وسندي وس ٿئي، تو پيڪا مون ساهرا، ڪنوڻ پلايو رس، انهيءَ ڪارڻ وس، جن ور مٿي پائر ڪيا" هو ٿر جي ڏڪار کي هرڻ جي جنسي اک واري صورتحال سان هڪ استعاري ۾ بيان ڪري ڇڏي ٿو.

اسحاق مگريو

حيدرآباد - سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جِت سنڌوءَ ۾ سمنڊ وهي ٿو

ليکڪ پنهنجن دوستن سان سائو ناري (مکي) جي سير دوران

جڏهن ٽيويھہ مئي جي منجهند جو سج لڙي سانجهيءَ جي رنگن ۾ وهنجڻ لڳو تہ اسان بہ اچي سمنڊ جي ڇپن جي سلامي پري.

موسم جي تبديلي مڇيءَ جي بوءِ، سمنڊ جي پاڻي ۽ ان جي اوڳاڇ جي آس ڪٺي، اسان جي حواسن کي اهو محسوس ڪرايو تہ اسان هڪ بلڪل نئين دنيا ۾ پهچي ويا آهيون. مون ان نئين ماحول ۾ لهندڙ سج جي دم ٽوڙيندڙ شعاعن سان وهنجندڙ درياهي ڇاڙ واري پاڻي ڏانهن ڏٺو، تہ منهنجي اکين اڳيان سانوڻيءَ وارو مست درياھہ گهمي ويو.

ڪيفيتن جا مَن موجي گهوڙا وقت جي گهڙين ۽ ماحول جي پرڪيف لذتن سان اسان جو استقبال ڪري رهيا هئا ۽ ڪانئن جي ڪاين، ڪانن ۽ ٻن جي پکن سان اڏيل ڪچين پٽين وارو هيءُ مقام، پنهنجي ڏيک ويک ۾ بلڪل منفرد لڳي رهيو هو. اسان هڪ بہ دڪان يا هوٽل اڳتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنگهي، جڏهن هڪ پيڊي نماچپرڙي وٽ پهتاسين، ته هڪ سفيد گاڏڙ، ڪاري ڏاڙهيءَ وارو بندرو همراهه اڳتي وڌي آيو. هن ڏاڍي قربائتي انداز ۾ اسان جو آدرڀاءُ ڪيو. اهو چاچو عرس ملاح هو.

چاچي عرس جي متي تي عربن وارو رومال ويڙهيل هو ۽ سندس منهن تي پن ننڍڙين ڪارين اکين جي وچ تي هڪ ٻنو نڪ هو، جنهن مان لڳو پئي ته هو به "سيٽلر" هو. چاچي پنهنجي آستاني جي آڳر تي اسان کي پلاسٽڪ واريون ڪرسيون رکي ڏنيون ۽ پنهنجي نوجوان پٽڙي کي، جو اسان کي ڏسي الائي ڪٿان اچي ظاهر ٿيو هو، چيو ته: "پٽ! سائين وارن کي پاڻي پيار ۽ جهٽ ڪري چانهن جو به چئي اچ."

اسان چاچي سان ملي کيس کيڪارڻ لڳاسين. ايتري ۾ سندس ولي عهد پاڻي کڻي آيو ۽ واري واري سان اسان کي پيارڻ لڳو. مون چاچي عرس جي نوجوان نينگر ڏانهن ڏٺو. هوبهو چاچي عرس جي بي ڪاپي هو. سندس اگهاڙي متي تي چلن جهڙا وار ۽ بني نڪ هيٺان ٿلها چپ ڳالهائي رهيا هئا ته شيدين وانگر سندن ابا ڏاڏا به آفريڪا مان ڪهي آيا هئا. وڌيڪ پڪ چاچي عرس جي گفتگوءَ جي جملن مان ٿي ٿي وئي، جو ته سندس سنڌي، جيتوڻيڪ لاڙي سنڌي هئي، پر ان ۾ الائي جو لياريءَ جي بلوچن ۽ شيدين وارو لهجو ۽ لفظ حاوي هئا.

اسان جي ٿيلهن، شڪلين ۽ ڪيمرائن کان مرعوب ٿي ٻيا ڪيترا ئي همراهه اسان سان هٿ ملائڻ لئه پهچڻ لڳا ۽ اهو سلسلو تيستائين هلندو رهيو، جيستائين اسان پنهنجا ٿيلها ۽ ٻيو سامان جهوپڙي يا ڇپري اندر لڪائي نه رکيو. اسان تڪل هئاسين، ان ڪري چانهن پي ٽڙ ڪيوسين ۽ پوءِ تازا توانا ٿي درياهه ۾ وهندڙ سمنڊ جي پاڻيءَ ڏانهن منهن ڪري چاچي سان ڪچهريءَ ۾ لڳي وياسين.

چاچي عرس جي جهوپڙي يا ڇپري (مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته چاچي جي آستاني کي مان ڇا چوان؟ جيتوڻيڪ ان کي دڪان به چئي پئي سگهياسين، چو ته ان جي آڳر تي هڪ وڏي پيتي رکيل هئي، جنهن ۾ پيل برف اندر پلي مڇيءَ جو ڪافي تعداد محفوظ ڪيل هو.) دريائي چاڙ جي ڪناري يا ڪپر تي نهيل هئي. سامهون پاڻي ۽ جهوپڙيءَ جي وچ ۾ رڳو گاڏي گذرڻ جيتري وٿي هئي. هيٺ وڻجارا پنهنجين پنهنجين ٻيڙين ۾ برف جو ذخيرو کڻي، ڪنهن ڏورانهين مقام ڏانهن وڃڻ جو سعيو ڪري رهيا هئا. انهن ۾ لڳل ٽٽپ رڪاردن جو آواز، جو ٻيڙين جي بانڪن سان بدل لائوڊ اسپيڪر مان سڄي درياهه ۾ گونجي رهيو هو، چاچي عرس کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ تنگ ڪري رهيو هو. چاچي عرس اسان کي بار بار اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي تہ ڪيئن نہ هيءُ مرض، ابراهيم حيدريءَ واري بستيءَ واري پان وانگر هتي بہ اچي پکڙيو آهي.

”هيءُ لائوڊ اسپيڪر ايترو تہ وڌيو آهي، جو هر بيڙيءَ ۽ هر ننڍي وڏي هڙي تي بہ بہ، ٽي ٽي لائوڊ اسپيڪر لڳل آهن.“ چاچو اسان کي ٻڌائڻ لڳو. هن کي خبر هئي تہ اسان جو ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان پريس سان بہ تعلق آهي. ان ڪري هو پنهنجن نون سورن سان گڏ پراڻا سور بہ سلڻ لڳو.

”اسان کي سڀ ڪان وڏيڪ ڏک پنهنجن ئي رسايا آهن.“ چاچي عرس چيو، ”ڪو وقت هو اسان هن درياءَ مان نوَ نوَ هزار پلا هڪ ڏينهن ۾ ماريندا هئاسين. اسان کان ڪوبہ داداگيري ڪري هڪ داڻو بہ نہ ڦريندو هو. هاڻ جڏهن درياءَ جو پاڻي اسان کان کسجي ويو آهي، تہ هتي رڳو ڪارو ئي ڪارو اچي بچيو آهي. مڇي بہ اسان کان منهن موڙي وئي آهي. اهڙي صورتحال ۾ مٿان چار چار ٽيڪس آهن.“

اسان جيئن ئي ٽيڪسن جو ٻڌو، تہ پنهنجو سمورو ڌيان هن ڏانهن ڪري ڇڏيوسين. چاچي عرس روئڻهارڪي انداز ۾ چيو: ”هي عوام دوست، پاڪستان جا پوجاري ۽ سنڌ سنڌ ڪندڙ، سڀ چون ٿا: اسان توهان جا گهڻگهرا آهيون، سنڌ جا گهڻگهرا آهيون، پر ڪَن ان جي ابتڙ ٿا. چوٽين پتي اسان جي سنڌن ٽيڪسن ۾ وڃي ٿي. هر چوٽين پلي تي هڪ پلو. جي ٻئي وٽ وڃون ٿا تہ هو بہ سنڌن ڊپ ۽ دٻدٻي ۾ اچيو وڃن ۽ اسان پنجابي محاوري ”جتي دي ڪوتي، اتي آڻ ڪلوتي“ وانگر وري وڃي سنڌن ور چڙهون. ڇا ڪريون؟ ڪير بہ نہ ٿو ٻڌي ۽ ڪجهہ بہ نہ ٿو ٿئي.“

چاچي عرس جون سمنڊ جهڙيون گهريون اکيون ڄڻ تہ ڪنهن کهري پهاڙ تان ڪرندڙ آبشار جيئن وسي پيون. اسان کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ بظاهر هي سيد، هي قوم پرست ۽ هي نوان آدرشي نوجوان، ۽ وري پ پ پ حڪومت، انهن سڀني جو ڇڻوڪندو ڪيئن نهيو آهي؟ ”مڇيءَ جي نيڪي ۾ سڀ هڪ آهن.“ چاچو پنهنجي مخصوص اسلوب ۾ چوڻ لڳو، ”اوهان ڏسو، سيدن جو هڪ گهر پ پ ۾ تہ ٻيو مسلم ليگ ۾، سنڌ جي درد رکندڙن جو هڪ پاءُ جيئي سنڌ ۾ تہ ٻيو پ پ پ ۾. نوان آدرشي نوجوان اڏ پنهنجي پارٽ سان تہ اڏ وري عبدالله شاهہ سان. جم سينيءَ جو ڳنڍيو پيو آهي. رڳون سيني جون ڳنڍيون پيون آهن. رت سينيءَ ۾ هڪڙو ئي ٿو ڊوڙي. جو تہ سنڌن مفاد ساڳيا آهن، سنڌن منزل ساڳي آهي- ٻئي کي ڦرڻ ۽ پنهنجو پيٽ، وڏو ڪرڻ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانهن آئي تہ چاچي عـرس جي تلخ تجربن جو باب، اسـان جي گڏيل گفتگوءَ جي ڪمزور پردي پٺيان جڻ تہ ڪنهن ٽريس پيپر سان چنبڙي پيو ۽ اسان پنهنجن تجربن ۽ مشاهدن جي هڪجهڙائيءَ جي ساڳئي ”حاصل مقصد“ تي بار بار حيران ٿيندا رهياسين.

چاچي ڪـان پڇيـوسـيـن تہ ڪو وقت هوندو هو تہ لاڙ خوشـبـودار چانورن جو ديس سڏبو هو ۽ هن وقت ڇا صورتحـال آهي؟ تہ هن جو جواب هو: ”جڏهن سنڌوءَ جو سينڌور جهڙو پاڻي ئي ختم ٿي ويو، تہ خوشبودار چانور ڪٿان ايندا؟ سچ پچ تہ ڪو وقت هو جو هتان جا چانور اندبا. ايران، دبئي، ترڪي ۽ جاوا تائين وڪامندا هئا. هتان ڪان جهاز پرجي ويندا هئا ۽ اتان ڪـان پين شيـن سـان پـرجي ايندا هئـا. بابا مـرحـوم چوندو هو تہ هتي پاڪسـتـان هندسـتـان ڪـان اڳ ڪـاري چاڻ واري عـلائقي ۾ ئي چانورن جا ڪارخانا هئا ۽ اڄ توهان ڏسو، سـمنڊ ڪيـترو نہ چڙواڳ ٿي اڳتي وڌي آيو آهي. جي درياءَ ۾ پاڻي هجي ها تہ اڄ بہ سمنڊ ڏڪندو ڪنبندو پوئتي هليو وڃي ها. درياءَ جي دهشت اڳيان سمنڊ ڪجهہ بہ ناهي سائين!“

اسـان جي ڪـچهـري اڃا هلي رهي هئي ۽ رات بہ پنهنجي پوري اونداهيءَ سان وڇائجي رهي هئي. هڪ اڌيڙ عـمر جو همراهہ، جو هلڻ ڦرڻ ۾ ڏاڍو چست هو، اسان جي سٿ ۾ سنورجي اچي ويهي رهيو. بہ ٽي لطيفا ٻڌائي ڪچهـريءَ کي دلچسپ ڪري ڇڏيائين. بعـد ۾ سندس ئي ڳالهين، لطيـفـن ۽ خبـرن مـان مـعلوم ٿـيـو تہ هو پاڻ خود هڪ وڏو ”ڪـردار“ هو. چاچي عرس سندس تعارف اتان جي دڪاندار جي حيثيت سان ڪرايو، جو تہ سندس اتي پرچون جو دڪـان هو ۽ هن جا پيا مت مائٽ مڇي ماريندا هئا. هو پاڻ جت هو- ائين وارو جت! پناٽيءَ جو دادلو جَت!

چاچي عرس جو هن جت تي دلچسپ نالو رکيل هو. مان سمجهان ٿو تہ اهوئي نالو هُن جي ڪَردار سان نهڪي پئي آيو. هو ڪيس ”چَڙيءَ“ جي نالَي سـان سـڏيندو هو، جا هُن جي خيـال ۾ اُٺندي ويهندي پئي وڄندي هُئي.

چاچو عرس خود نسوار جو موالي هو. جَت صاحب جڏهن گئس وارو گولو ڪڍي آيو ۽ ٻاري اچي ميدان ۾ رکيائين، تہ اُن گولي جي روشنيءَ ۾ مون نوٽ ڪيو ڪاڪو بہ ٽي دفعا نسوار جا ”گوٽا“ ڏيئي ويو. هن جو خيال هو تہ اهي سڀ شيون (برايون) اسان کي ڏاريـن وٽان مليون آهن. هُن جو اشارو پناٽن ڏانهن هو. هو پنهنجي نوجوان چوڪري جي مستقبل لاءِ ڏاڍو فڪرمند هو. هُن جو چوڻ هو تہ سندس چوڪرو مئٽرڪ ڪري چڪو آهي

۽ هن متس الاهي خرچ ڪيو آهي، پر هُن جي دل ڪاليج ڏانهن سڌ نہ ٿي ڪري. هو ناڪئو ٿيڻ پسند ڪري ٿو ۽ پنهنجي هُڙي ۾ فوزيہ جي ڪيسيٽ وڏي آواز ۾ وڄائي ٿو. هُن ڪي فوزيہ سڀ ڪان وڌيڪ پسند آهي. هو چوي ٿو: "بابا، جي منهنجي شاديءَ تي فوزيہ نہ آئي، تہ آئون شادي نہ ڪندس."

اهڙا خواب هن جي ولي عهد جا هئا. ڪيڏو نہ رومينٽڪ هو هُن جو پُٽ محمد علي! هُن ماستر ٿيڻ ڪان ناڪئو ٿيڻ بهتر سمجهيو ٿي. ڇا هُو صحيح هو؟ گهٽ ۾ گهٽ هن ڪي هنر سان تہ محبت هئي. پر اِن ڳالهہ ڪي سندس پيءُ نہ ٿي سمجهيو.

هُن جي پيءُ جو خيال هو تہ هو ڪا ننڍي وڏي نوڪري ڪري. جو تہ عرس ملاح خود سمنڊ وارن ماهيگيرن جي مستقبل ڪان بلڪل مايوس هو. هُو ان ڳالهہ لاءِ آماده پئي لڳو تہ جي سندس پٽ جو فڪر نہ هجي ها تہ هو جيڪر ماهيگيريءَ وارو ڌنڌو ئي ڇڏي ڏي ها.

رات الاهي گذري چڪي هئي. اسان لٽ ڪوڙي سمهي پياسين. سمنڊ جي ڪناري تي سامونڊي بخارن واري هوا، اسان جي بدن ڪي پنهنجن ڪپڙن سان بغلگير ڪندي ٿي ويئي. جيتوڻيڪ اسان پنهنجي پر ڏاڍي گهري ننڊ سمهي چڪا هئاسين، پر سمنڊ جي ڏورانهن علائقن ڪان موٽي ايندڙ هڙن جي لائوڊ اسپيڪرن مان جلال چانڊئي جي ڪڙڪندڙ آواز ۽ فوزيہ جي دردبلي ڪلامن جي پڙاڏن اسان جي حواسن جي ڪنهن حساس تار ڪي ڇيڙيو ضرور پئي. جو تہ صبح جو اٿڻ مهل مون محسوس ڪيو، جڻ رات مون جلال ۽ فوزيہ جو مقابلو ٻڌو هجي. ٻنهي فنڪارن جا ڪلام منهنجن ڪنن ۾ اڃا تائين گونجي رهيا هئا.

صبح جو اٿي مون پتڻ ڪناري ڪجهہ فوٽا ڪڍيا ۽ آس پاس جو چڪر لڳايو. سمنڊ جي ساحل سان، جتي اسان ويٺا هئا سين، چوڌاري ديويءَ جا وڻ پنهنجي سموري وحشت سان پکڙيل هئا. مجال هئي ڪنهن ديسي وڻ جي، يا ڪنهن ٻوٽي جي، جو هو انهن جي پرسان اُڀري سگهي ها ۽ اُڀري ڪو ڦل ڪري سگهي ها.

گُهمي ڦري پنهنجي ميزبان جي نڪاٽي تي موٽيس تہ چانهن تيار هئي. چانهن پي ڪجهہ ضروري گفتگوءَ وسيلي چاچي سان ڏي وٺ ڪرڻ لڳاسين. پوءِ ماهيگيرن جي ٻڌي، انهن جي تنظيمن ۽ منجهن انتشار ۽ ڏڙا ٻندين تي ڳالهايو سين. چاچي عُرس خود ماهيگيرن ڪي هڪڙي پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ لاءِ پنهنجي سر جيڪي ڪوششون ڪيون هيون، تن ڪان بہ واقف ٿياسين. علائقي ۾ عرب شيخن جي اثر رسوخ، مختلف ايجنسين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روين، ڌارين قومن جو ماهيگيريءَ تي اثر بہ مقامي ماهيگيرن جي مستقبل ۽ انهن جهڙن انيڪ موضوعن تي ڳالهيون ڪيون سين. چاچي عُرس جو موقف هڪ همدرد ۽ ترقيءَ ڏانهن وکون کڻندڙ باصلاحيت ۽ ذهين شخص جيئن هو.

هُن جو چوڻ هو تہ: "اتفاق اسان ۾ ناهي ۽ ڏوهہ ڏيون ٿا ڌارين تي." سڪدرسيءَ واري ان روشن راهہ تي هلڻ لاءِ ڪوبہ تيار نہ هو، جنهن جي ساوڪ وارن ڪنارن سان هلندي، چاچي عُرس جا پيرڙا نئين توانائي حاصل ڪري رهيا هئا. پر ڪو بہ نہ هو جو آگر آگر ۾ وني هلي ها. سڀ ڇڙوڇڙ هئا. قرضي هئا ۽ ساموندين جي شاندار ماضيءَ کي لڄائي رهيا هئا.

مون ڪاڪي کان پڇيو: "ڇا حڪومت ڪجهہ بہ نہ ٿي ڪري؟"

چاچي عُرس جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. هن چيو: "بابا، حڪومت ڇا ڪري؟ جڏهن هوءَ سمجهي ئي نہ ٿي تہ ڪو اسان پنهنجي ملڪ ۾ آهيون؟ پوءِ آخر هوءَ ڇا ڪري؟" پوءِ ڪجهہ وقفي کان پوءِ ٻڌايائين تہ، "ماهيگيرن لاءِ الاهي اسڪيمون هيون. سڀ وڏيرا ڪٽي ويا. اسان هنن جا شرط پورا ڪري نہ پئي سگهياسين. هُو انهن تي پورا لٿا، ڇو تہ اسڪيمون هنن پنهنجي لاءِ رکرايون هيون. هنن جو مکيہ شرط هو تہ اسان وٽ ايڪڙ زمين جو هجي. اسان مان ڪنهن وٽ بہ ڪو نہ هو. هنن جو اهو بہ شرط هو تہ اسان ثابت ڪريون، اسان گذريل ڏهن سالن کان ماهيگير طور سرڪار وٽ رجسٽرڊ ٿيل آهيون. اسان مان الاهي وڏن نيڪيدارن وٽ چوٿين پتيءَ تي وڪائل هئا. رجسٽري تہ پري جي ڳالهہ هئي! جيتوڻيڪ اسان ستين پيڙهين کان ماهيگيريءَ جو ڌنڌو ڪندا پيا اچون، هُنن ڄڻن جو هڪ شرط اهو بہ هو تہ اسان وٽ ٽلاءُ هجي. هاڻ جڏهن اوهان ماهيگير کي زمين جو ٽڪڙو ئي نہ ڏيندؤ تہ ٽلاءُ ڪٿان ايندو؟ دبئي جي شيخ وٽ منهنجي پيرن کان ڇهہ سو ايڪڙ زمين آهي. قصور جي ريٽائرڊ ڪرنل کي، جنهن دشمن جي خلاف هڪ گولي بہ ناهي هلائي، ٽي سو ايڪڙ زمين آهي. ڪراچيءَ جي صنعتڪار ۽ وڏي دڪ ڪاموري وٽ هن پٽيءَ ۾ ٻہ ٻہ سئو ايڪڙ زمين آهي. جيتوڻيڪ ڪين خبر ئي ڪونهي تہ "زمين" ڇا ٿيندي آهي؟ ڪٽڪ جو وڻ ٿيندو آهي يا ٻوٽو؟ هاڻ اهڙا ماڻهو زمين جا مالڪ ٿي ويا آهن، جيڪي ڪالهہ هن ملڪ ۾ آيا هُئا. ان ڪري اسان جي اسڪيمن، رعائتن ۽ فائدن جا ڌڻي بہ اهي ئي وينا آهن."

ڪاڪي عرس جي تحت الشعور ۾ شڪايتن جو هڪ وڏو انبار پريل هو. هن جي آگر ٿي حرڪت ڪئي تہ اها بہ شڪايت ٿي لڳي. اُن ۾ بہ

ناانصافيءَ جو عڪس هو. هُن جو چهرو ڏتڙيل ماهيگيرن جي ابتڙ حالت جي نشاندهي ڪري رهيو هو. هو ليلائي ليلائي اسان کي چئي رهيو هو: ”اسان لاءِ ڪجهه ڪريو! ڪو اسان لاءِ ڪجهه ڪري! ماڻهو محبت جا بکيا هوندا آهن. اسان توهان جي واتان سچ ٻڌڻ جا بکيا آهيون.“ چاچي عرس پنهنجي ڳالهه، پنهنجي ۽ ساموندي ماهيگيرن جي حالت کي اُن گگدام ۽ بي زبان غلام سان تشبيهه ڏيندي ختم ڪئي ته: ”ڪنهن بادشاهه جو ٻار هڪ دفعي ڏاڍو بيمار ٿي پيو. جڏهن هو جوتشين وٽ ڦال لاءِ ويو ته هنن چيس: ڪنهن گونگي شخص کي ڪهي ان جي رت سان ڪيس وهنجار ته ٺيڪ ٿي ويندو. بادشاهه سڄي ملڪ ۾ پڙهو گهمايو ۽ ماڻهن کي لالچون ڏنائين ته: جيڪو به شخص رضا خوشيءَ سان پنهنجو گونگو ٻار، پٽ يا ڌيءُ بادشاهه حوالي ڪندو، ان کي لکين ڪروڙين روپيا انعام ۾ ڏنا ويندا. ان ملڪ ۾ هڪ خاندان اهڙو به هو، جنهن اهو سوچيو ته سندن پٽ گونگو آهي ۽ سندن ڪنهن به ڪم جو ناهي، سو ڇو نه ان کي بادشاهه جي حوالي ڪجي ۽ سڄي عمر لاءِ آسائش ۽ آسودگي خريد ڪجي؟ بهرحال گونگي کي وڪڻي مائٽ پيئسن جون ٻورڙيون ڀري هليا ويا. بادشاهه کي پنهنجي ٻار جي صحت جو فڪر هو، سو هُن وزيرن ۽ مشيرن کي چيو ته فورن گونگي کي ڪهڻ جو بندوبست ڪيو. هڪ وڏي دربار لڳي، بادشاهه پنهنجي پٽ کي اُن دربار ۾ وٺي آيو ۽ گونگي کي به حاضر ڪيو ويو.

گونگي پنهنجي چوڌاري جڏهن ماڻهن جو وڏو هشام ڏٺو ته سمجهي ويو ته ساڻس ڪجهه ٿيڻ وارو آهي. پوءِ جڏهن جلاد تلوار ڪڍي ميدان ۾ لٿو ته گونگو ويچارو وڏي سوچ ۾ پئجي ويو. هُن ڇا ڪيو جو ميدان مان هڪ ڪاني ڪنيائين ۽ جتي پاڻ بيٺو هو اُها جاءِ چڏي ٿورڙي ٿورڙي وٿيءَ سان ٽي لڪيرون ڪڍيائين. پوءِ به لڪيرون ٽپي ٽين لڪير تي چڙي بيهي رهيو. بادشاهه ڏاڍو حيران ٿيو ته گونگي جو آخر انهن لڪيرن مان ڇا مطلب آهي؟ هُن پنهنجي ڏاهي وزير کي گهرائي مطلب بيان ڪرڻ لاءِ چيو. وزير سياڻو هو، سو بادشاهه کي ٻڌايائين ته: ”گونگو ويچارو چئي ٿو ته هڪ انسان جي ٻاهريان سلامتيءَ جون ٽي ديوارون هونديون آهن. اهي ٽي ديوارون هُن جو وڏو بچاءُ هونديون آهن. پهرين ديوار هُن جا والدين هوندا آهن. هو جڏهن سندس بچاءَ ۾ ناڪام ويندا آهن ته پهرين ديوار ڊهي پوندي آهي. ٻي ديوار ملڪ جو بادشاهه هوندو آهي ۽ جڏهن اهو خود ڪيس ڪهڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ته پوءِ هن لاءِ فقط هڪڙو ئي در بچي وڃي ٿو، سو هوندو آهي سڄي ڪائنات جي بادشاهه جو در. ان ڪري هو ان خدا واري لڪير تي وڃي بيٺو

آهي، جتان ڪان هن کي ٻاجهه جي اميد باقي آهي.“ اسان سچ پڇيو ته،” چاچي پنهنجي اکين جا لڙڪ پنهنجي ميري سيري رومال سان اگهندي چيو، ”اڄ ان آخري لڪير تي بيٺا آهيون.“

نوجوان ناکئو:

ڪاڪي عُرس جي دردناڪ داستان جو تاثر فجر مهل تائين به ڪنهن ڪيفيت جي اذيت جيئن ذهن کي چنبڙيو رهيو. پر پوءِ جيئن ئي محمد علي نيرن کڻي آيو، ته اسان به پنهنجي نئين سفر يعني سمنڊ جي سير بابت سوچڻ لڳاسين. محمد علي سورهن سالن جو نوجوان هو. ڪجهه مهينا گذريا هئا، جو ٻگهاڻ هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو هئائين، پر اڳتي تعليم جاري رکڻ تي دل نه ٿي ڪيس. چاچو عُرس پاڻ به ان ڳالهه کي تقدير سان ڳنڍيو ويٺو هو ته پڙهي چا ڪندو؟ ڪهڙي نوڪري ملندس؟ محمد عليءَ جو خيال هو ته هو پنهنجي اباڻي هنر ماهيگيريءَ ۾ پڙ ٿئي. ڪيس هڙو هلائڻ ۽ سمنڊ ۾ ست ست راتيون گذارڻ پلو لڳو ٿي. بت ۾ پريل، رنگ جو پڪو، نڪ جو بينو، چپ ٿلها، وار گهنڊيدار ۽ پورو پنو قد، هُن جون خاص نشانيون هيون. هو سياءُ ۾ شرميلو، ”نه“ نه ڪندڙ، هر وقت مسڪرائيندڙ ۽ هر ڳالهه ۾ تجسس رکندڙ لڳو ٿي. جنگي سر پتڻ تي جڏهن هو اسان سان مليو ته نهنائي هن جي سياءُ مان چلڪي رهي هئي.

هن کي فوزيه وٽي ٿي، ان ڪري هن پنهنجي هڙي تي هڪ لائوڊ اسپيڪر ۽ هڪ عدد ڊيڪ جو بندوبست پڻ ڪيو هو. هو سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ اچا به وڏيڪ لهرون ڏسڻ جو خواهشمند هو. ان ڪري هو وڏي آواز سان ڊيڪ وڄائيندو هو. شايد هن ڪنهن بئي کي به ٻڌڻ نه ٿي چاهيو. هن جو هُڙو جنگي سر پتڻ وٽان ضروري سامان، تيل ۽ برف جو گهربل مقدار کڻي، اسان کي ساڻ ڪري، جڏهن وير جي سامهون تي هليو، ته هن کي لڳو ٿي جڻ ته هو ڪنهن بيابان ۾ اڻ جي ٿوهي مٿان ويٺو آهي ۽ آهستي آهستي ڪنهن اڻ ڏٺل منزل کي ويجهو ٿي رهيو آهي. محمد عليءَ کي سمنڊ ۽ درياءَ جي ميلاپ سان قدرتي طرح وجود ۾ ايندڙ هر هڪ ڦاٽ، روڙي ۽ چاڙ جي مقامي نالن جي پوري پوري ڄاڻ هئي. هو سمنڊ جو ايترو ته دوست ٿي ويو هو، جو هاڻ ڪيس ”هُن“ طرفان هر قسم جي اڳرائي به معمولي ڳالهه نظر ٿي آئي. هر چاڙ پنهنجي پيٽ ۾ ڇا رکيو ٿي، محمد عليءَ کي پليءَ پٽ خبر هئي. هو ان ڳالهه کان به واقف هو ته جنگي سر چاڙ کان ٻاپيهو (جتي سندس گهر هو)، آتڙڪي ۽ سجڻ واريءَ تائين درياءَ جي ان نانگ وڪڙ

چيلهہ جي ٻاهرين ڪنارن سان چا چا پوکيل هو ۽ ڪٿي ڪٿي گهاٽا جهنگ ۽ ديويون جميل هيون.

هو جيتوڻيڪ مئٽرڪ کان اڳتي وڌي نہ سگهيو هو، پر مون کي پڪ آهي تہ هن وٽ سمنڊ ۽ پاڻي متعلق سنڌ يونيورسٽيءَ جي Fresh water Biology ڊپارٽمنٽ جي ڪنهن بہ شاگرد کان وڌ ڄاڻ هئي. هن کي سامونڊي ٻيڙن، پاڻيءَ جي لاهہ چاڙهہ ۽ موسم جي حساب ڪتاب سان سمنڊ جي روين، ماهيگيرن جي اڳوات انتظامن ۽ ٻين انيڪ شين تي عبور حاصل هو. جڏن هن ٻُڙي کي هلايو ٿي تہ ان ڳالهہ جو ڌيان رکيائين ٿي تہ وير جي چڙهڻ جو وقت هو يا لهڻ جو؟

پاڻيءَ جي رستن بابت هن جا حواس سائيبيريا جي پکين جهڙا هئا. هن ڄاتو ٿي تہ رستو ڪيڏي نہ اهم شيءِ آهي. هن ڪنهن بہ حالت ۾ پنهنجي ضابطي جي پيچڪڙي ڪرڻ نہ ٿي چاهي. هن کي خبر هئي تہ سمنڊ ۾ رسڪ ناهي کڻبو، ان ڪري، جتي مناسب سمجهيائين ٿي، اُتي اينکر لاهي ڇڏيائين ٿي.

ڪنهن ڪنهن مهل هُن ۾ چوڪرات وهيءَ واريون حرڪتون ڪرموڙي اٿيون ٿي تہ هو ٻيڙيءَ تان ٽپ ڏيئي سمنڊ ۾ ترڳڻ لڳو ٿي. هو بيحد سهڻو تارو هو. ايتري ننڍڙي عمر ۾ هو تر جا سڀ گهٽ گهيڙ گهمي چڪو هو. پلي مڇي، سانهي ۽ مالار بابت هن کي ڪيئي قصا ياد هئا. مالار بابت هن ٻڌايو تہ: "مالار دراصل هڪ بدنصيب ملاح هو، جو بدڪاري ڪندو هو. هڪ دفعي هڪ درويش کيس روڪي چيو تہ ائين نہ ڪندو ڪر، پر هو ڪونہ مڙيو. ان بزرگ کيس پٽيو ۽ بددعا ڏني، جنهن ڪري هو مڇي بنجي ويو. انڪري هر ٻن ٽن منٽن کان پوءِ پنهنجو ٻوٿ ۽ جسم جي پٺ پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍي، سج جي روشني محسوس ڪري وري، لڪي وڃي ٿو."

ڪارو ڇاڻ وڃڻ لاءِ جڏهن هن اسان جي ٻُڙي جي ناکئي جي حيثيت ۾ سيٽ سنڀالي تہ اسان کي بي حد خوشي ٿي. اڪبر هن جو سينيئر ساٿي هو. هُن رستي تي وچ پاڻيءَ ۾ اسان جي ٻيڙيءَ جي آس پاس "مالار" جي موجودگيءَ جو انڪشاف ڪيو. اسان ان مڇيءَ ڏي ڏٺو جا اسان کان ڪجهہ فاصلي تي گهتون هڻندي ڪيڏندي نظر آئي ٿي.

ڪارو ڇاڻ ويندي جڏهن اسان سنڌس ڳوٺ ٻاپيهو جي پر مان لنگهياسين تہ هن هٿ جو اشارو ڪري ٻڌايو: "هُوءَ اسان جي اوطاق آهي" — ۽ هيءَ ڪناري سان جيڪا ڇپري نهيل آهي، اهو ڇا آهي؟ "اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي ذات وارن جو مهمان خانو آهي. پريان ڪيلن جو باغ آهي. هو ڪيلن جون پيشيون اتي پرينديا آهن." مون کي بهرحال ان ڳالهہ تي ڪو بہ تعجب نہ ٿيو تہ ملاح يا ماهيگير بہ زراعت ۽ باغبانيءَ ۾ دلچسپي رکن ٿا. هونئن بہ هيءُ علائقو چانورن لاءِ ڏيهہ پرڏيهہ مشهور رهيو آهي.

آتڙڪي:

ٻاٻيهو، آتڙڪي، نوڙهي ۽ سجڻ واري درياهي چاڙن ۾ سمنڊ جو پاڻي پنهنجي زور شور سان وهي رهيو هو. مون دوربين سان هڪ ڪناري کان ٻيو ڪنارو ڏسڻ تي چاهيو. سامهون ڳوٺ هو. پري کان ڀڪو لڳو ٿي، پر دوربين ڪٿي ڏنمر تہ ڪچو هو. اهو درياءَ جي بلڪل ڪناري تي هو. هيٺ ڪپر وٽ، جو تہ اجا وير چڙهي نہ هئي، هڪ عورت ٿانوَ ٻئي مليا. تقريبن ڏينهن جي ٻارهين جو وقت هو. عورت مون کي جريب پنڌ تي نظر آئي. مان ڳوٺ جو جائزو وني، دوربين پنهنجي ٻئي دوست کي ڏئي ڇڏي. مون کي گهڙي کن لاءِ ائين محسوس ٿيو جڻ تہ مون ڪنهن آرٽ فلم جو "سين" ڏٺو هو. جو تہ پريان بند تي ٻارڙا راند ڪندي نظر پئي آيا. ڪنهن ڪنهن مهل ڪا عورت هڪ گهر مان نڪري ٻئي گهر ۾ داخل ٿي پئي. گهرن جي مهاڙن وٽ ڪٿي ڪٿي ڪپڙا بہ ٽنگيل هئا. هڪ ڪتو بند تان لهي هيٺ پاڻيءَ ۾ پاڻ کي پسائي رهيو هو. سڀ ڪجهہ صاف ڏسڻ ۾ پئي آيو، پر سندن آواز گم هئا ۽ سندن احساس ۽ تاثر نظر نہ ٿي آيا. بهرحال زندگيءَ جو ڍنگ آزاد ۽ فطرت جي عين مطابق هو. مون محمد عليءَ کان پڇيو: "ڇا اهو توهان جي• مائٽن جو ڳوٺ آهي؟" "نہ، اهي دريائي مهاڻا آهن." هن اطمينان سان جواب ڏنو. پوءِ مون کي خبر پئي تہ هتي مهاڻا يا ماهيگير بہ پنهنجن وڏن جي سڃاڻپ جي حساب سان ورهايل هئا. دريائي ماهيگير، ساموندي ماهيگير، ڍنڍن وارا ماهيگير، وغيره وغيره.

هن ڳوٺ جو بلورن واري دوربين ذريعي جيڪو نظارو ڏسڻ ۾ آيو ٿي، تنهن مان لڳو ٿي تہ ڳوٺ جا رهواسي هرون پرون ڪسمپرسيءَ واري حالت ۾ نہ هئا. محمد علي هن ڳوٺ جو نالو "آتڙڪي" ٻڌايو. هتي توڙي آس پاس هرون پرون مرد ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو. شايد مڇي مارڻ لاءِ نڪري ويل هئا. جايون صاف سٿريون ۽ ويڪري اڱڻ واريون پاسيون پئي. ڳوٺ ۾ وڻن جو بہ چڱو موچارو تعداد موجود هو. هيءُ ڳوٺ، اڪبر جي چوڻ مطابق، ذري گهٽ ڪاجڻ تي هو، جو تہ سمنڊ هر سال ٻنهي پاسن کان جريب بہ زمين جا پاڻ سان گڏ وهائي ويندو هو. ان ڳوٺ جو بہ الاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصو سمنڊ ٻائي ويو هو. اسان جنهن پاسي کان سمنڊ طرف وڃي رهيا هئاسين، تنهن پاسي کان به ڪپر وڏيون وڏيون ڍڪون ڏيئي پاڻيءَ اندر ڪري رهيو هو.

آٽڙڪي ۽ ٻاڀيهي وچ ۾ درياءَ جي ڇاڙ هڪ جاءِ کان هڪ عجيب وڪڙ کائي ٿي، جنهن جي گولائيءَ واري پيٽ سان درياءَ جي ڪپر وٽ ڏاڍي ساوڪ هئي. مينهن جو ڏڻ ان ساوڪ ۾ چرندي بيحد خوبصورت لڳي رهيو هو. درياءَ جي پرئين پر گهٽو ڪري ننڍڙي گاهه ۽ ساوڪ جا ميدان پئي نظر آيا، جن ۾ ڪتي مينهون، ڳئون ۽ ٻڪريون به چرندي ڏسڻ ۾ آيون پئي. آبادي تمام ڇدي هئي، ان ڪري اڪيلائي ۽ جهنگ ۾ هجڻ جو احساس پڻ شدت سان محسوس ٿي رهيو هو.

مُئل پيرن جي واڙي:

اسان آٽڙڪي جي حد ٽپي سجڻ واريءَ ۾ داخل ٿياسون ته سمنڊ جي سير تيزيءَ سان چڙهندي محسوس ٿي. اسان جي سينيئر ناڪئي اڪبر هٿ جو اشارو ڪري ٻڌايو ته، "ستان پريان حاجي ابراهيم شاهه ڏانهن به رستو وڃي ٿو."

حاجي ابراهيم شاهه هڪ بزرگ آهي، جنهن جي مزار تي هر سال ميلو لڳي ٿو. شاهه سمندو، مائي سيدائي، جيوڻ شاهه ۽ منگهوپير جيئن هن ڊيلٽا واري پٽيءَ ۾ به ڪيئي پير پوريل آهن، جتي سال بسال ميلا لڳندا آهن. سون جي تعداد ۾ ٻيڙيون گڏ ٿين ٿيون. رنگ برنگي ڪپڙن وارين عورتن، ٻارن، ٻڍن ۽ نوجوانن سان پرجي سندن حاضريءَ لاءِ روانيون ٿي وڃن ٿيون.

سماجي ميل ميلاپ وارن انهن ڏڻن ڏينهن ۽ رسمن مان صاف ظاهر آهي ته سمنڊ اڳي تمام پري بيٺل هو ۽ هتي ماڻهن جي آبادڪاري به چڱي گهاٽي هئي، پر جيئن جيئن سنڌو درياءَ تي بئراج ۽ ڊيم نهندا ويا، تيئن تيئن هيٺ پڇڙي ڏي پاڻيءَ جي رسد ختم ٿيندي وئي ۽ نتيجي ۾ سمنڊ ان جي جاءِ والاريندو ويو. اڄ حالت اها آهي جو ڪارو پاڻي نٽي ۽ سجاول واري پل وٽ بيٺل آهي.

سمنڊ جتي جيئرن پيرن کي پچائي ڪڍيو آهي، اتي ڪيترن ئي مئلن جون اڄي مزارون وسيون آهن. ڊيلٽا واري علائقي ۾ تعليم تمام گهٽ آهي. سرڪاري ادارن جا هيڊڪوارٽرز ۽ آفيسون به اصل شهرن ۾ ڪونهن. ان ڪري محمد عليءَ جو اهو جواب ته: "اڳتي پڙهڻ مان ڇا ٿو ملي؟" اهو

هتان جي نوجوان ڇوڪرن جو ”تڪيہ ڪلام“ ٿي ويو آهي.

ڇولين سان جنگ:

اسان جنهن چاڙ سان ڪارو ڇاڻ وجي رهيا هئاسون، تنهن جي ڪابي پاسي کان اچانڪ ديوين جو گهاتو ٻيلو شروع ٿي ويو. اسان اجا ”سڄڻ واريءَ“ جي حد مان گذري رهيا هئاسون، جو سمنڊ جي وير تمام مٿي چڙهي آئي ۽ اسان بہ هوا جي بلڪل سامهون ٿي چڪا هئاسون. ڪٿي ڪٿي سمنڊ جي تيز وهڪري اسان جي هُڙي کي ڍرو بہ ڪري ڇڏيو. ڪنهن محل محمد عليءَ چيو: ”اڳتي اجا بہ وڌيڪ طاقتور ڇوليون ايندڻ.“ اِن تي مان خوف ۾ ويڙهجي ويس، پر اسان جو دوست نواز ڪنهن موقعي جو فائدو وٺي مسخري ڪرڻ لڳو، جيڪا محمد علي ۽ اڪبر کي عجيب لڳي رهي هئي. اسحاق مگرٽي ڪيس چندا هٿڻ ۽ هُڙي تي حرڪت ڪرڻ کان روڪيو، پر نواز ۽ سڪون - ممڪن ئي ڪونہ هو. اسان سينيءَ جو ساهہ هاڻ مٺ ۾ هو. ڇوليون جڏهن هڙي سان ٽڪرائجڻ لڳيون تہ ٿُٺي ٻيڙيءَ کي ”بابلنگ“ ڪرائڻ لڳيون، جيڪو بيحد خطرناڪ ٿي لڳو. اسان جو فطرت جي حسن، نظارن ۽ آس پاس جي زندگيءَ وارو مشاهدو ٺپ ٿي ويو ۽ اسان سڀ پاڻ کي قابو ڪرڻ ۾ لڳي وياسون. مون اسحاق کان پڇيو تہ، ”هيءُ ڇا ٿي ويو آهي؟“ ”پاڻ غلط ٽائيم تي آيا آهيون ۽ وير جي بلڪل سامهون آيا آهيون.“ پر دوست نواز ذر ذر وجي ٿي ”مور“ ۾ هٿ وڌو ۽ ٿنگون ورائي ڇولين جي ڇٽڪار ۽ هڙي جي اٺ لوڏ مان مزو ٿي ورتو. مون ڪيس پيار مان گار ڪڍي منع ڪيو. هو موت ۾ چندا هٿڻ لڳو. اسحاق رڙيون ڪري اسان کي روڪڻ لڳو. عجيب صورتحال هئي! بيلينس رکڻ لاءِ اسحاق، محمد علي ۽ اڪبر اتي موٽر واري جاءِ تي يعني مهڙ تي وجي ويٺا، جڏهن تہ مان ۽ نواز اڳيئي پيچڙ يعني مور واري پاسي ويٺا هئاسون. سڀ پريشان هئاسون، جو تہ ڇوليون تمام تيز ٿي ويون هيون ۽ ڪنهن بہ مهل هڙي جي ڪلتي ٿيڻ جو امڪان هو.

اسحاق هڙي مان مسلسل پاڻي ڪڍي رهيو هو، پر هر ڇولي ان ۾ ٻيڻو اضافو پئي ڪيو.

نيٺ محمد عليءَ کي چيوسين: ”ياءَ! ڪناري لڳائيس، نہ تہ لاش بہ ڪونہ لڀندا.“

اسان جي نوجوان ناکئي هڙي کي درياءَ جي ڪابي ڪناري ڏانهن موڙي ڇڏيو. اهڙي طرح اسان ڪاروڇاڻ پهچڻ کان اڳ هڪ اهڙي جاءِ تي

پهتاسون، جتي آس پاس ديوين جو گهاٽو ٻيلو هو. ٻري ٻري ٽاٽين ڪا وسونهن ڏسڻ ۾ نه ٿي آئي. اينڪر لاهي، اسان سڀ هيٺ لهي آياسين، پر هيٺ آلي ريت ۾ رڳو ديويءَ جا ڍنگر وچايا پيا هئا. احتياطن وري هڙي ڏي موٽي آياسين.

جنگي سر وٽان جيڪي ڊبل روٽيون، پڪوڙا ۽ بسڪوٽ ورتا هئاسين، اتي ويهي کاڌاسين ۽ فيصلو ڪيوسين ته انهيءَ حالت ۾ اڳتي هلڻ خطري کان قطعي خالي ڪونهي.

هڪ ته اسان وٽ واٽر پروف جيڪيٽون ڪونه هيون، ٻيو نڪا رڳڙ واري ٻيڙي، سو بي رحم ورِ سامهون ٿيڻ، جان کي جوکي ۾ وجهڻ برابر هو.

سڄڻ واري: محمد علي ۽ اڪبر ملاح مشهور صحافي ۽ ليکڪ اسحاق مگرئي سان ڪارو چانهه ويندي.

اڌ سفر تان واپسي:

اسان جي ان بزدلي ۽ مورڪپائيءَ تي محمد علي ڏاڍو ڪلپو. ممڪن آهي ته ان تي خوش به ٿيو هجي، چو ته ڪاروچاڻ، "روڙي" پرسان هجڻ ڪري صفا سمنڊ جي منهن ۾ هو، جتي وڃي اسان جو رات رهڻ جو پروگرام هو.

ڊيلٽا واري علائقي ۾ سمنڊ جون الاهي ڪاريون آهن. جن مان پنجن

جو سير ڪرڻ ۾ اسان بہ ڪامياب وياسين. واپسيءَ ۾ اڪيون بوتي هوڙي تي سمهي پياسون. تقريبن شام جو پنجين وڳي واپس جنگي سر اچي پهتاسين. هڙي تان لهي ٿوري دير لاءِ چاچي عرس واري پيدي نما آستاني ۾ اچي ترسياسين. ڪجهہ دير بعد چاچو عرس بہ اچي ظاهر ٿيو. هن ايندي ئي چيو: ”مون تہ توهان کي اڳ ۾ ئي چيو هو، مشڪل سان پهچي سگهندؤ، چو تہ وير جي سامهون وڃي رهيا هيؤ ۽ هوڙو بہ ننڍو هو. بهرحال خير سان موٽي آيئو نہ؟“ ائين چئي چاچي عرس اسان کان گهر لاءِ موڪلايو. جيئن ئي هو موڙي تي چڙهي روانو ٿيڻ لڳو، مون اڪبر کان پڇيو: ”يار چانهن ملي ويندي؟“ اڪبر جهٽ ڪري چانهن وٺي آيو ۽ ناهي اسان جي هٿن ۾ ڏنائين. محمد عليءَ جي بابيهي لهي وڃڻ ڪري ۽ چاچي عرس جي اچانڪ موڪلائي ڪري، سڄو بار اڪبر تي اچي پيو. اڪبر ملاح ڏاڍو برجستو نوجوان هو. هو چاچي عرس وٽ پندرهن سئو روپيا ماهوار پگهار تي بيٺل هو. مون ڪانئس تعليم بابت پڇيو. هن ”اٺ درجا پاس“ ٻڌايو. رنگ جو سانورو، نهنو ۽ جسم ۾ هلڪو هو. اسان تڙ ڪري، ڪرسيون ڪڍي، ڪپر جي بلڪل ڇپن تي چڙهي ويٺاسين. الائي ڪٿان ڪان دادلو جٽ گهمندو ڦرندو اچي اسان وٽ پهتو. هو اسان لاءِ غلام اڪبر ڪلهوڙي صاحب جو نياپو ڪٺي آيو هو.

اڪبر ڪلهوڙي سان ملاقات:

اها اسان جي خوش قسمتي هئي يا بدقسمتي جو لاڙ جي ڪنهن سياسي شعور رکندڙ اڳواڻ سان ڪچهريءَ جو بندوبست ٿيو هو. چو تہ لاڙ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن بابت سندس ڪهڙو موقف هو، ان ڳالهہ جي پروڙ پوڻ بہ لازمي هئي.

غلام اڪبر ڪلهوڙو لاڙڪائي جي عباسين مان هو. نٽي ۾ سندس بنيون هيون، جتي هن باغ لڳايا هئا. هو گذريل چاليہ پنجاهہ سالن کان اتي رهي رهيو هو. ضياءَ جي دور ۾ جيڪا غيرجماعتي اليڪشن ٿي هئي، تنهن ۾ هو هتان جي هڪ ڪروڙ پتي وڏيري سامهون بيٺو هو ۽ تمام گهڻو خرچ ڪيو هئائين. ان جي باوجود بہ هارائي ويو هو. علائقي جي ماڻهن جو چوڻ هو تہ اڪبر صاحب کي ان اليڪشن اهڙي تہ چِپ ڏني جو اڃا تائين هڏ سنوان ڪري نہ سگهيو هو.

جڏهن اسان وٽس لنگهي وياسون، تہ هڪ عاليشان بنگلي جي پٺيان هڪ ننڍڙي باريءَ ۾، جنهن جي چوڌاري انگورن جون وليون، ناريل ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوپارين جا وڻ پوکيل هئا. اُتي هن جا نوڪر اسان جي انتظار ۾ بيٺل هئا. اسان گهڙي ڪن ويهي هن خوبصورت ۽ دل کي راحت پهچائيندڙ نظاري کي پنهنجين اکين ۾ لاهڻ لڳاسون. ”هيءُ دبئي جي شيخن جو فارم آهي.“ جَت اسان کي ٻڌائيندي چيو، ”عباسي صاحب اُن ڏهن سالن کان ان جي سار سنڀال ڪري پيو. هو عربن جو مئنيجر مقرر ٿيل آهي.“

جنگي سر جي بلڪل ڪڇ ۾، پٽڻ کان به ايڪڙ ٻنڊ تي درياءَ جي بلڪل ڪناري سان، ڪيترن عرب شيخن کي جاگيرون عطا ٿيل آهن. هونئن به سنڌ ۾ ڪين سڀ کان وڌيڪ زمين ٺٽي ۽ ڪراچي ۾ ڏنل آهي. مون کي هڪ ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ته غلام اڪبر ڪلهوڙو صاحب ايڏي وڏي پس منظر هوندي به شيخن جو مئنيجر ڇو هو؟

ڪجهه دير کان پوءِ عباسي صاحب بنگلي مان نڪري اچي اسان سان مليو. خير خوش ڪرڻ کان پوءِ تعارف ٿيو ۽ ان بعد ڪچهري. اسان کان هن جو پهريون سوال اهو هو ته: ”ڪهڙي جهنگ واري ملڪ ۾ ڪيئن پلجي پيا آهيو؟“

”ائين ٿي، اوهان جو ملڪ گهمڻ!“ اسان مان ڪنهن ڪيس جواب ڏنو.

”توهان پهريان صحافي آهيو (اسان جو تعارف صحافين جي حيثيت سان ٿيل ٿو)، جن جهنگ ۽ ٻر منهن ڪيو آهي.“ ”ٻر، سر، جهنگن ۽ ٻرن ۾ اوهان جهڙا ماڻهو به ته وينا آهن نه!“ اسان به اصرار ڪندي چيو، ”ان کان وڌيڪ اهو ته هڙي ملڪ کي اسان جهنگ ۽ ٻر ڪيئن چئون، جتي انگور، ڏاک، ناريل، ڏاڙهون، ليمان، سوپاريون، ڪيجي ۽ انبن جهڙن وڻن ۽ ولين جا باغ هجن.“

جت اسان کي ٻڌايو ته چار سال اڳ واري دريائي چاڙهه ۾ هيءُ سڄو باغ ٻڏي ويو هو. ڇهه مهينا هتي پاڻي بيهڻ ڪري سوپاريءَ جا وڻ گهٽي پاڪي سڙي ويا هئا.

غلام اڪبر ڪلهوڙو صاحب ”ڪلين شيو“ هو. هرڪ جا ڪپڙا پاتل هيس (جو سنڌ ۾ اڄ ڪلهه جي نوجوانن، خاص ڪري وڏيرن، اميرن، ڪامورن ۽ سرندي وارن جو فيشن ٿي پيو آهي). عباسي صاحب پڪي عمر جو هوندي به نوجوان ٿي لڳو. سندس ڳالهين مان ڪڙڪ پئي ته هو ماڻهوءَ کي سندس ڪردار جي حوالي سان سڃاڻڻ جو قائل هو.

عباسي صاحب کي به هتان جي هر ماڻهوءَ جيئن ان ڳالهه سان اتفاق هو ته، پاڪستان آزاد ٿيڻ کان اڄ تائين، حڪومت مان ڪنهن به هن

علائقي کي ترقي ونرائڻ لاءِ ناهي سوچيو. ”هيءُ ننڍڙڪن جو ديس آهي.“ هن مخصوص انداز ۾ چيو. هن جو خيال هو ته حڪومت چري به ڪونهي جو هتي ترقي وارا ڪم ڪرائي. مون ڪيس حيرت وچان نهاريو. ”ڪير چاهيندو ته سچ ۾ سيڙپ ڪري.“ عباسي صاحب پير صاحب پاڳاري واري اسلوب ۾ ڳالهائيندو رهيو. ”سچ ۾ ڪيئن؟“ اسان مان ڪنهن ڪائنس وضاحت لاءِ واجهايو. هن وراڻيو ته، ”ڏسو نه، ڀارت جي سرحد هتان ڪان اٺن ڪلاڪن جي فاصلي تي آهي. جنگ جي صورت ۾ هيءُ علائقو سڀ کان پهريان لتاڙبو، ان ڪري صنعتڪار توڙي حڪومت اهڙو رسڪ ڇو کڻي؟“

عجيب وضاحت هئي. عباسي صاحب ڪراچيءَ کي به وساري ويٺو هو. حالانڪه ڪراچي ننڍي جي ساحلي علائقن کان ايڏو پري به نه هُئي. بهرحال، اهو ڪو خاص سبب نه هو. هونئن به عام صورتحال اها هئي ته ملڪ ۾ ڪٿي به ڪي صنعتون نه پئي لڳيون. ڪٿي به ڪي اهم ترقياتي ڪم نه پئي ٿيا ۽ ٻيو ته ننڍي جو ساحل ڪراچيءَ جي شوقين سيٺين ۾ وڪامي چڪو هو. ان ڪري اتي زراعت يا باغباني پيداوار لاءِ نه، بلڪه تفريح لاءِ ڪٺي پئي وئي. ڪٿي ڪٿي گدرن جون واڙيون ۽ ڪيلن جا باغ ان ڳالهه جو يقين ڏياري رهيا هئا ته صفا سچ به ڪونه هئي.

مقامي سياست تي هن جو تبصرو عام ماڻهوءَ وارو ئي هو. پر پوءِ به هن جو خيال هو ته وڏا خاندان هاڻ ٽٽن پيا. اسان ڪيس وچ ۾ روڪي پڇيو ته: ”ٽٽن پيا يا ٽوڙيا پيا وڃن؟“ هن جو جواب هو ته: ”ٽٽن پيا. سبب: ماڻهن ۾ ڪردار رهيو ئي ناهي. وڏن سياسي گهراڻن، وڏن خاندانن جي پڙهيل لکيل عورتن سان شاديون ڪري، سائين سنڌ جي ٻهراڙيءَ واري عورت وارو سلوڪ ڪيو. يعني ڪين گهر ۾ واڙي پاڻ هر قسم جون عياشيون ڪندا رهيا. اهو ئي سبب هو ته ٽورڙن اختلافن تي سندن گهر ٽٽي ويا هئا.“ هُن سنڌ جي چوٽيءَ جي سياسي خاندانن جا نالا ورتا ۽ انهن جي ان ڪردار تي روشني وجهڻ لڳو، جنهن کي هو ”جديديت“ چوندا هئا.

عباسي صاحب مستقبل مان نااميد نه هو. هن چيو ته: ”ڪڏهن نه ڪڏهن سٺي حڪومت ضرور ايندي، پر جاگيرداري ختم ٿيڻ کان پوءِ ئي ائين ٿي سگهندو.“ ننڍي جي ماڻهن بابت هن جو خيال هو ته: ”مي به سنڌ جي ٻين خطن جي ماڻهن وانگي نالي پنيان آهن. ووٽ ان کي ڏيندا، جنهن جي تر جي صوبيدار ۽ ڏي – سي سان اٿي ويٺي هوندي.“

سج لٿي واري نماز جو وقت ٿي چڪو هو. عباسي صاحب نماز

پڙهڻ لاءِ مسجد ڏانهن روانو ٿي ويو. اتان فارغ ٿي جڏهن موٽي آيو ته اسان به ڪانٽس موڪلائي ڪئي. هن مانيءَ جي صلاح هنئي، پر ڪيس خبر نه هئي ته اسان جي کليل آسمان هيٺ رهيل هڪ رات، سندس بنگلي ۾ گذاريل هزارين راتين کان بهتر هئي.

سامونڊي پلو:

ڪلهوڙي صاحب سان ملاقات ڪري اسان پنهنجي مهمان خاني موٽي آياسون. هڪ هوڙو اُن مهل ڪناري اچي لڳو هو. شايد سير ڪريڪ، حجامڙي يا ان جي آس پاس مڇيون ماري واپس موٽيو هو. ماهيگير ٻيڙيءَ جي برف واري ٽينڪ (پيٽي) مان پلا ڪڍي هڪ پڪ-اپ ۾ منتقل ڪرڻ لڳا. مون اڪبر کان پڇيو: "هي ڪٿي ڪٿي ويندا؟"

"گهڻو ڪري ڪراچي." اڪبر ورائيو، "جي اتي نه ويا ته پوءِ حيدرآباد."

"ٺٽي جو نه؟"

"ٺٽي جي مارڪيٽ ۾ اگهه سٺو ڪونهي. هن مارڪيٽ تي به انهن ٺيڪيدارن جو قبضو آهي، جيڪي ٽئڪس وٺن ٿا."

"توهان به وٺندا آهيو مڇي؟"

"اسان به وٺندا آهيون. جڏهن ڪنهن هوڙي کي ٿوري مڇي لڳندي آهي ته اُهو هتي پٽڻ تي ئي وڪٽي ڇڏيندو آهي. هو ٻين جو انتظار نه ڪندو آهي، جو ته مڇي برف ۾ گهڻو وقت رکي به نه ٿي سگهجي."

سمنڊ جو پلو کائڻ ۾ ايترو لذيذ نه آهي، جيترو درياءَ جو. درياءَ جي پاڻيءَ وارو پلو سگهو ۽ متارو ٿئي ٿو ۽ آني به گهٽي ڪري ٿو. سمنڊ واري پلي جي عام ڊيگهه ڇهن انچن کان هڪ فٽ تائين ٿئي ٿي ۽ سندس پيٽ ڇئن انچن کان ڇهن انچن تائين ٿئي ٿو. پلو رنگ جو سيهي جهڙو ٿئي ٿو. جي ڌوئي ٻاهر اس تي رکبس ته چلر چانديءَ وانگر چلڪا پيا ڏيندس. پلو تري کائڻ يا واريءَ ۾ پچائي کائڻ ۾ مذيدار ٿيندو آهي. هن جو ٻوڙ ڏنيري يا ڪرڙي کان قطعي پلو نه ٿيندو آهي. ڏنيرو يا ڪرڙو لذت جي لحاظ کان مڇين جو سردار ليکيو ويندو آهي. پلي مڇيءَ لاءِ مشهور آهي ته اها اونهي سمنڊ مان ڪناري وارين ڪارين ۾ آني ڏيڻ ايندي آهي. هونئن ٻچو سانوٽيءَ ۾ ڪري. گهڻو ڪري مٺي پاڻيءَ ۾ اچي ڪيترا ئي ميل سفر ڪري بعد ۾ آنا چوڙيندي آهي. پوءِ اها لڳدار آني لڙهندي لڙهندي اچي اتي گڏ ٿيندي آهي، جتي درياءَ ۽ سمنڊ جو پاڻي هڪ ٿئي ٿو. ۽ ان مٺي ۽

ڪاري پاڻيءَ جي ماحول ۾ پلي جا ٻچا ڦٽندا آهن ۽ ان ئي ڪاري مٽي ماحول ۾ وڏي وڏا ٿيندا آهن. اڪبر ۽ چاچو عرس ٻئي ان ڳالهه تي متفق هئا ته ٻيءَ مڇي جيئن پلو به سال ۾ ٻه پور ڪندو آهي. مارچ کان جولاءِ آگسٽ تائين ٻچن جي موسم اٿس. پلو سانوڻيءَ جي موسم ۾ بيحد خوش ٿيندو آهي. جو ته اها برسات جي موسم هوندي آهي ۽ برسات ۾ هي گهٽي آني ڪندو آهي ۽ اها ئي لڳ جي موسم اٿس. ماهيگير نر پلي کي "ڪيرو" چون، جڏهن ته ماديءَ کي "آنيارو." نر ۽ مادي وچ ۾ سڃاڻپ به آني ئي آهي. جڏهن درياءَ ۾ چاڙهه ايندو آهي ته ٻين مڇين سان گڏ پلو به سير وني ميلن جا ميل اڳتي نڪري اچي ٿو. سنڌ ۾ اهو به مشهور آهي ته اڳي پلو سکر تائين پڪڙبو هو. هاڻ ڪوٽڙي تائين مس اچي ٿو. اهو به تڏهن، جڏهن درياءَ ۾ چاڙهه هجي. پلي لاءِ اڪبر اسان کي ٻڌايو ته، "هن جو ٻچو جيستائين وهندڙ پاڻيءَ ۾ ايو نه چڙهي، تيستائين جوان ئي نه ٿئي. جيتري هن کي رنگ گهٽي ملندي، اوترو ئي مضبوط، چالاڪ ۽ ڦرتيلو ٿيندو. نه ته هن جهڙي نازڪ ٻي ڪا به مڇي ڪونهي. پاڻيءَ مان ٻاهر نڪتي ته فورن مري ويندي. هي شور، ڌماڪي ۽ هٿ لڳڻ تي به مري سگهي ٿي. شايد اهو ئي سبب هو جو جاپاني شهنشاهه سڀ وسيلا ڪتب آڻڻ جي باوجود به پلي کي جاپان ۾ ڪٽي وجھڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو هو.

سمنڊ ۾ هاڻي پلي جي نسل کي به خطرو لاحق آهي. جو ته درياءَ ۾ هاڻ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻي گهربل مقدار ۾ نه ٿو وهي- گهٽو ڪري ته وهي ئي نه ٿو. ٻيو سبب آهي شڪار جي ماران ماري. نه ننڍي جو خيال نه وڏي جو. نه نر جو خيال نه آنيءَ واري جو. بولا رڇَ هن جي لاءِ پويان ڏينهن آهن.

سانهو يا ڳانگٽ:

جڏهن بولن جو ذڪر آيو ته اهي سانهن ۽ ڳانگٽن لاءِ به پڙي آهن. اصل آنيءَ مان نڪتل به انهن ۾ قابو ٿيو وڃن. ان پٺيان جيڪا فلاسافي آهي، سا لالچ آهي- سمنڊ ڀهاري ڪٽڻ جي لالچ. ڪراچيءَ جي وڏين سيٺين، ماهيگيرن کي ڳرين قيمتن ٽوڙي پٽين تي اهي رڇ وني ڏنا آهن- جو ته عام ماهيگير اهي خريد ڪري نه ٿو سگهي. ٻوءِ وڏي مڇي مارڪيٽ ۾، نه ننڍي چارو ٿيو وڃي. ابراهيم حيدري وڃبو ته "ڪچ" يعني "ڳاهه" جا ميدان پريا پيا آهن. مالڪ انهن کي سڪائي ٻوءِ فيڪٽرين وارن کي وڪڻيو ڇڏين. انڊا ڏنڌ ماهيگيري جاپان ۾ سانهن کان سمنڊ خالي ڪرائي ڇڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اسان جي ملڪ ۾ هر سال سوين نوان ماهيگير سمنڊ ۾ لاٿا وڃن ٿا، جن جو تعداد هر ڏينهن وڌي رهيو آهي، ۽ هوڏانهن پلي سان گڏ سانهي جي پئداوار بہ ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهي آهي. پر اها سڄي ڄاڻ هوندي بہ ماهيگير هڪ منٽ لاءِ بہ نہ ٿو سوچي تہ جيڪڏهن سمنڊ ان مخلوق کان خالي ٿي ويو تہ هو پاڻ ڇا ڪندو؟ نٿي جو ماڻهو اڳي ئي پان ڪائڻ ۽ آبهوا جي ڪري سست آهي. ويتر جڏهن ڏنڏو نپ ٿي ويندس تہ خدا ڄاڻي ڇا ڪندو. اڪبر جو خيال هو تہ وڏو سانهو سڀ کان سٺو سمجهيو ويندو آهي. هن جو منهن ۽ پُڇ ڪارو ٿيندو آهي، ۽ پيٽ جي چوڌاري مڇي وانگر چلر ٿيندا اٿس. چلر سخت ۽ وربل هوندا اٿس. هي کائڻ ۾ ڏاڍو لذيذ ٿيندو آهي. هن کي چمٽائي سانهو بہ سڏيو ويندو آهي. اسان جي ملڪ جو سمنڊ هن قيمتي غذا کان خالي ٿيندو پيو وڃي. سانهي جو ٻيو قسم گانگٽ آهي، جنهن جو تعلق مٺي پاڻيءَ سان آهي، جنهن لاءِ پراڻي چوڻي آهي تہ: "ناري جي مڇي جهينگو". ڪو وقت هو جو نارو بہ سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو، ۽ ناري ۾ جهينگو جام ٿيندو هو، پر هاڻ تہ منو پاڻي ان مڇيءَ کان خالي ٿي چڪو آهي. هيءَ هاڻ سمنڊ ۾ مٺي پاڻيءَ واربن ساحلي ڪاربن، درياءَ جي ڇاڙن يا واهڙن ۾، جن ۾ سمنڊ جي وير چڙهي ٿي، عام جام آهي، پر تيزيءَ سان گهٽجي رهيو آهي. ڊيگهہ ۾ سانهي کان ڪجهہ ننڍو ٿئي. هن جو ٽيون قسم ننڍو گانگٽ آهي. هيءُ سنهو ۽ ڪارو ٿيندو آهي. هيءُ قسم مٺي جو آهي. عام طور تي ساموندي مهاڻا گانگٽ کي سانو سڏين ۽ درياهي مهاڻا گانگٽ ۽ مٺي سڪر توڙي سنڌ وارا جهينگو. جهينگو خالص درياءَ جو آهي. ڪي ماهيگير سانن جا ڇهہ قسم ٻڌائين ٿا. گانگٽ جو هڪ قسم آني بہ ڏئي ٿو، جنهن کي "انيارو" بہ چوندا آهن. مون ٽائيڊل لنڪ تي چمٽي واري ساني جا ڍير لڳل ڏٺا هئا، جن کي مارڪيٽ ۾ پهچائڻ لاءِ ڏوتو پئي ويو. هيءَ وير چڙهڻ مهل چولري ويئر مان مٺي مٺي پاڻيءَ ۾ چڙهي ٿو، جتي هِن کي رڇن ۾ ڦاسايو وڃي ٿو. . .

ڪارا پيرون ۽ اڪبر ملاح جو ڳوٺ:

پتڻ تي ويٺي ويٺي ڪافي رات ٿي چڪي هئي. سمهڻ لاءِ ڪو خاص بندوبست بہ ڪونہ هو. چاچو عرس بہ سوير نڪري چڪو هو. جَت ويچاري پيرو پڇي اسان کي رات رهڻ جي صلاح ڪئي، پر ان عرصي ۾ هو پنهنجي ياڻيجي کي، جيڪو اتي ڪاوش جو نمائندو هو، اسان سان ملاقات لاءِ وٺي آيو. هو نوجوان هو. سندس سياءُ سهڻو ۽ مناسب هو. موڪلائڻ

مهل سوپاريون، ڪنمنڙا ۽ جواهر جون ٽڪيون وٺي، نواز جي هٿ ۾ ٿمائي ويو. اها ڳجهارت اسان اڃ تائين پڇي نه سگهيا آهيون!!

اڪبر ملاح، جو اسان جو سينيئر ناکئو هو، سو اسان سان گڏ هو. تنهنڪري گهبرائڻ جي ڪابه ضرورت ڪونه هئي. هو اسان کي پنهنجي ڳوٺ وٺي هلڻ لڳو، جو پتڻ کان به ٽي ڪلوميٽر پري ڏکڻ اولهه طرف واقع هو. اڪبر هڪ ڊاٽسن واري سان ڳالهايو. جيڪو اسان کي سندس ڳوٺ ڇڏي آيو. رات هجڻ ڪري اسان آس پاس جا منظر ڏسي نه سگهياسين. اسان جي ميزبان جو ڳوٺ هڪ گهاٽي جهنگ ۾ هو. لئين، ڪيڙن ۽ ڪنڊين واري ڪلراٺي پوٺي ۾ ڏاڍي خاموشي هئي. اڪبر وٽ پنهنجي اوطاق نه هئي. هو اسان کي ڪلر ۾ بيهاري، پاڻ ڪٿون کٽي آيو. ننڍي پاڻ به هنڌ بسترا ڪٺائڻ ۾ مدد ڪيس پئي. ڊيلٽا جي هن گهاٽي پر ڪلراٺي جهر جهنگ واري علائقي جي ان ننڍڙي ڳوٺ ۾ بجليءَ جو نالو نشان به نه هو.

اسان تارن وسيلي ٽمڪندڙ نهايت ئي خوبصورت آسمان هيٺ هنڌ وڇائي ويهي رهياسين. اڪبر ماني نهرائڻ کان اڳ اسان لاءِ چانهن کٽي آيو. هن پاڻ اها چانهن ناهي اسان جي آڏو رکي. چانهن جي چُسڪين سان اسان جي ڪچهري شروع ٿي. هن ٻڌايو ته ڳوٺ جي آس پاس دريائي ڪناري واري پاسي ڪان ڪيلن جا باغ آهن، جتي هن جي به ڪجهه ايڪڙ زمين آهي. هُن پاڻ به اتي ڪيلا پوکرايا آهن، جيڪي بيماري سبب پيلا ۽ ڪمزور ٿي ويا آهن. "هتي،" هن چيو ته "ڪيلن جا باغ جام پسئو ڏيارين ٿا. علائقي جا گهڻا تڻا ماڻهو ڪيلن جا باغ ۽ گدرن جون واڙيون هاريي طور پوکيندا آهن." "ان کان علاوه به ڪجهه ڪن؟" نواز بيحد سنجيده ٿيندي پڇيس. "ڪجهه ماڻهو واڻ ناهي به وڪندا آهن. ماهيگيري ته عام ڌنڌو آهي. ڪي وري وڏين سيٺين وٽ باغن تي نوڪر آهن، ته ڪي وٽن مذوري ڪن. آئون پاڻ چاچي عرس وٽ پندرنهن سوَ تي بيٺل آهيان."

اڪبر ملاح ٻاويهه يا ٽيويهه سالن جو نوجوان هوندو. شادي اڃا نه ڪئي هئائين. ان ساموندي گهميل آب هوا واري علائقي ۾، جتي ماهيگيرن جي خوراڪ رڳو مڇي ۽ ساڻها آهي، اتي شادي يا عورت بنا رهڻ پنهنجي جاءِ تي هڪ قسم جو سوال ضرور آهي. ٻن ڏينهن ۾ پنج ڇهه دفعا اسان جيڪا ماني کاڌي، تنهن سان پلو/مڇي لازمي طور شامل هئي. ان لقاءَ کان متاثر ٿيندي نواز اڪبر کان پڇي وينو ته، "پوءِ ان هوندي ته مان سمجهان ٿو "روهه ۾ رات" گذرندي هوندي؟"

"بس، گذارو ٿيو وڃي." هو لڄ وچان لهرائي ويو.

”نيٺ به؟ ائين ته گذارو ناممڪن آهي.“

”بس مڙئي جڳاڙ ٿيو وڃي.“ هو ٿهڪ ڏيئي کلي پيو.

”معنيٰ – اهو اتي ممڪن آهي.“

”ظاهر آ ته مڇي رڳو مرد ڪونه ٿا کائين.....؟“

هاڻ ڳالهه اچي پٽ تي ٿهڪو ڪيو. اسان به ٽهڪ ڏيئي کلي پياسون.

”پلا جي ڪو پڪڙجي پوي يا ڏسجي پوي ته پوءِ مردن جو ڪهڙو رد عمل هوندو آهي؟“

”پهريان ته ائين ٿئي ڪونه ٿو....“

”ٿئي ڪونه ٿو يا محسوس ڪرايو ڪونه ٿو وڃي؟“

اڪبر کلي ڏنو. ”توهان ڪجهه به سمجهو.“

”معنيٰ موقعو ملي ٿو وڃي نه؟“

هو لچارو ٿي کلڻ لڳو. هن جي ان ادا تي اسان بيحد لطف اندوز ٿياسون.

ماني آئي، پر ان سان گڏ ساڳي مڇي. نواز اڪبر ڏانهن ڏسي طنزيه مسڪرايو. رات جي اونداهه پچائڻ لاءِ گاسليٽ واري بتي اسان جي سامهون رکيل هئي. ماني کائي فارغ ٿياسون ته مٿان چانهن آئي. چانهن کان پوءِ ڪافي دير تائين ڪچهري هلي. ڪچهريءَ ۾ ٻيو ڪوبه ماڻهو نه آيو. فقط اڪبر ۽ اسان هئاسون. شايد هن جو نندو ڀاءُ به هو، جو سندس مددگار هو. ٿڪل هئڻ ڪري گهڻي دير تائين محفل مچائي نه سگهياسون، ان ڪري پنهنجن پنهنجن هنڌن تي ليٽي پياسون. رات جو ڪنهن مهل اک کلي ته ڪُپ اونده ۾ ڪتن جي آس پاس ڪتن جي موجودگيءَ جو احساس ٿيو، پر ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ ماڻهوءَ لاءِ اها ڪا نئين ڳالهه ڪونه هئي.

صبح جو سوير اٿي جڏهن مون چوڌاري نظر گهمائي، ته هر طرف لئيون ۽ ڪبڙ نظر آيا ۽ انهن ۾ اڪبر وارن جو ڳوٺ چڙهي، ٻن ٻين طرفن کان ٽن چئن گهرن تي ٻڌل به الڳ ننڍڙا ڳوٺڙا به ڏسڻ ۾ آيا. جن ڏانهن ويندڙ سنهڙا چارا وڏي رستي مان نڪرندي صاف ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا.

اينري ۾ اڪبر به اچي ويو. هن جي هٿ ۾ چانهن واري ڪيٽلي هئي. مون ڪانئس پڇيو ته، ”هي ڪنهن جا گهر آهن؟“

”اسان جي ذات وارا آهن.“ اڪبر اوڏانهن نگاهه ڪندي وراڻيو.

”پر الڳ ٿلڳ چو وٺا آهن؟“

”وٽن پنهنجا زمين جا ٽڪرا آهن. هنن مان ڪجهه ماهيگيري به ڪن.“

ماحول ساڳيو– ڪليل گهر، ٻنا لوڙهي جي. نه چور جو خطرو نه

غيرمحرم جو. ميربحر ٿوڙي ٻيا ماڻهو، سڀ پنهنجي پاڻ ۾ وچايل نظر آيا. ڊيلٽا جي ماڻهن جي نفسيات اها آهي ته نويڪلي ماڻهو تي هرون ڀرون ميڙو نه مچائيندا. اها به ڪافي صحتمند روايت چئبي. نه ته سنڌ ۾ مهمان شل نه ڪنهن وٽ اچي، هر ڪو ڪم ڪار ڪان ڇٽو. مٿان جي ڇڱي چوکي نالي وارو هوندو ته سڀ ٻيا دعوتون ڪندس.

هر هنڌ سندس "آئو ڀڳت" پئي ٿيندي. پلي اسڪول جا ٻارنهن وڃي وڃن. پلي ته ربج چڙهي وڃي. همراهه بک مري ته پلي مري، پر سندس نالو نه ڪري. پر لاڙي ماڻهو انهيءَ وبا کان بچيل آهن.

چانهن پي ڪٽ تان لهي مان جڏهن به قدم پيشاب لاءِ پري ويس ته پگهريل ڪلر منهنجي جوتن کي ائين چنبڙي ويو، جيئن جَون جو اٽو ڪنهن کهري ترِي واري ٿالهه کي. اها ڪرامت وري ماڪ يا گهميل آب هوا جي هئي.

صبح جي مانيءَ ۾ به ساڳيا لانون ۽ ساڳيا ڇگهه. ڪِلون به ٻيا ته ڪانئون به ٻيا. پر وري جڏهن سنبت ڪئي سين ته ڪلراٽي مِٽيءَ جا چاپڙ ڪڙين کان ٻيا ورن. سچو ملڪ ڪلراٺو هو. رستو هلڻ جهڙو به ڪونه هو. جي صبح سوير ڪا ڊاٽسن يا جيپ لنگهي وڃي ها، ته هلڻ آسان ٿي پوي ها، نه ته ڏچو ته هونئن به ڪنڌ ۾ هو.

هلندي هلندي هڪ سڪل شاخ ٽپياسون. هاٽي هڪ بند ڏيئي اسان کي واپس جنگي سر پتڻ پهچڻو هو. ٿورو پنڌ هو. رستي تي ڪبڙن ۾ ڏاڍا پيرون هئا. اچا ۽ گلابي. هڪڙي ئي وڻ ۾ ٻئي رنگ. ڪانئڻ ۾ اهڙا ڪڙا جو چکڻ تي ارواح نه ٺئي. ان مان لڳو ٿي ته سمنڊ ٽن چئن فوٽن تي هينيان چوليون هٽي رهيو هو. اهڙو ملڪ جتي سمنڊ زمين هيٺان ڦٽي نڪري ۽ مٿان ماڪ ٻڄي وسي، ته اهڙي ملڪ کي پڙيانگ ٿيڻ کان جديد زراعت جا ڪي جانُو ئي بچائي سگهن ٿا.

بگهاڻ:

جنگي سر کان بگهاڻ ٿورڙي ئي فاصلي تي آهي. هتي هڪ عدد هاءِ اسڪول، هڪ عدد ڊسپينسري ۽ ڪجهه عدد آفيسون پڻ آهن. هتان کان ڪيٽي بندر بس ذريعي وڃبو آهي. اسان ڪيٽي بندر جو نالو سنڌ جي قومي درد رکندڙ شاعرن جي سندر ڪويتائن ۾ پڙهيو هو، ان ڪري اسان جي ذهن ۾ ان جو رومانٽڪ روپ اڳ ۾ ئي موجود هو.

بگهاڻ جي تاريخ مون ڪنهن ڪتاب ۾ ته ناهي پڙهي، پر ساحلي

علائقي ۾ هجڻ ڪري، ان شهر تي اهو نالو ٿي سگهي ٿو تہ ٻگهہ پکين جي ڪري ئي پيو هجي. جو تہ آسماني رنگ جي ٻگهن جا، جن کي روهاڪي سانهون بہ چئبو آهي، ماڳ مڪان (Habitats) گهڻو ڪري ساحلي علائقن ۾ موجود ڏٺدون، ڏورا ۽ ڪاربون ئي هوندا آهن. منهنجي ڏٺن ۾ بہ اهي عام جام ملن ٿا. بهرحال اهو ضروري بہ ناهي تہ اهو نالو انهن پکين جي ڪري پيو هجي.

ٻگهاڻ کان ڪيٽي بندر:

خير ٻگهاڻ جو ذڪر مون ان ڪري ڪيو تہ اهو جنگي سر کان ڪيٽي بندر وڃڻ لاءِ واحد بس اسٽان هو. اسان جنگي سر کان ڊاٽسن ذريعي ٻگهاڻ پهتاسون، پر ان کان اڳ پنهنجي ميزبان اڪبر کان موڪلايوسون. جڏهن ٻگهاڻ کان ڪيٽي بندر ڏانهن پئي وياسون تہ بس مان روڊ جي ٻنهي پاسن کان ڪٽي ڪيلن جا باغ، نارنگين ۽ ڪنو جا وڻ ڏسڻ ۾ پئي آيا. ڪمند جو فصل بہ ڏٺوسون. بهرحال ساوڪ ڪن ٽورن ٽڪرن ۾ هئي.

رستي سان ملير جي ڳاڙهين ڳئن جا ڌڻ ڏسي دل باغ بهار ٿي وئي. گهاري کان ڳاڙهو ڏانهن ايندي بہ مون انهن ڏڳين جا ڪيترائي ڌڻ روڊ سان گڏ ٻيين ۾ چرندي ڏٺا هئا. ساموندي پٽيءَ ۾ انهن خوبصورت ڏڳين جي نسل جي واڌ ويجهہ جنهن سهڻي نموني سان ٿئي ٿي، تنهن جو مثال منهنجي سامهون هو. مون اڳتي هلي انن جا ڪجهہ وڳ بہ ڏٺا. انن جا وڳ ڏسي مون کي ڪنڌائي فقير ۽ جت ياد آيا. ان علائقي ۾ جت قوم جي تمام گهڻي آبادي آهي، جن جو گذران انن، اسمگلنگ ۽ ماهيگيريءَ واري ڌنڌي تي آهي. بس اندازن ڪلاڪ ڪن هلندي رهي. نيٺ هڪ نهايت خوبصورت روڊ آيو. جنهن جو اهڙي علائقي ۾ ڪو گمان ئي نہ ٿو ڪري سگهجي. اسو روڊ ڪمپنيءَ وارن ٺهرايو هو، جيڪي اتي ڪيٽي بندر پاور پلانٽ رٿا تي ڪم ڪري رهيا هئا.

بس اسان کي شهر جي وچ تي اچي لاهي ڇڏيو. اسان ٿورو چڪر لڳائي مکيہ شهر ۾ داخل ٿياسون. ڪيٽي بندر بنهہ ننڍڙو شهر آهي. غريب ۽ سادا ماڻهو، جيڪي خود پنهنجي شهر ۾ اوپرا پئي لڳا. اسان کي گهوري ڏسي رهيا هئا. اسان وڏي بازار مان لنگهي، شهر جي مشهور حلوائي وٽ پهتاسون. جتي ويهي حلوو گهرائي کاڌو سون. اسحاق ن حلوائي جي تمام گهڻي ساراهہ ڪئي. بهرحال سند ن حلوو ڏاڍو لذيذ هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيٽي بندر:

دڪان تي جيڪو پوڙهو ويٺل هو، سو موجوده ترقيءَ کي ڪينسر قرار ڏيئي رهيو هو. هو بار بار چئي رهيو هو ته وڏي سازش ٿي رهي آهي. اسان چيوسينس ته پاور پلانٽ لڳڻ سان هتان جا ماڻهو روزگار ۾ لڳندا ۽ روڊ رستا به ٺهندا. هي ايڏو خوبصورت روڊ فقط اِن پلانٽ جي ڪري ئي ٺهيو آهي. ان ڪان سواءِ شهر ۾ نيون عمارتون ٺهنديون، هتان جي زمين، پلاٽن جي اهميت ٿيندي، مقامي ماڻهن وٽ پئسو ايندو ۽ سڀ سٺايون ٿينديون ۽ ڪيٽي بندر، جنهن کي رڳو شاعر ۽ دانشور ئي ڳائيندا آهن، بعد ۾ عالمي ليول تي هڪ ننڍڙي خوبصورت شهر جي شڪل ۾ اڀرندو.

"اهو ننڍڙو شهر انهي خوبصورت شڪل ۾ نه ابري ته چڱو آهي."
پوڙهي ذري گهٽ هڪ نبي ڳالهه ڪندي چيو، "شهر جي وڌڻ سان ٻاهريا ماڻهو ايندا ۽ برائي پکڙبي." پيرسن پهريون ماڻهو هو، جنهن ٻاهرين جي آبادڪاريءَ کي "اقليت ۾ تبديل ٿيڻ" واري خوف سان نه ڳنڍيو هو. هن جو خيال هو ته، هتي، جي بندر ٿيندو، نيون جايون ٺهنديون، مارڪيٽ اُسرندي ۽ صنعتون لڳنديون، ته پوءِ گورا ايندا ۽ برائي پکيڙيندا.

"هونئن جا برائي گهٽ آهي؟" اسحاق ڪانئس پڇيو. "هتي ڪتي آ برائي؟" چاچي دانشورائي انداز ۾ ورائيندي چيو. "هتي ماڻهو ئي ڪينهي ته برائي ڪٿان ايندي."

اسان کي ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ته آخر چاچو دڪاندار ٿي ڪري بندر جي مخالفت ڇو ڪري رهيو هو؟ جيڪي سبب هن ڄاڻايا، اهي سطحي هئا. هڪ دڪاندار سان انهن جو ڪو به تعلق ڪو نه هو. ڪيٽي بندر جو جيڏو ڳالو پڌوسين اوڏوئي شهر سڃو هو. هڪڙي ننڍڙي بازار هئي، جنهن ۾ به ٽي پاروٽي پاجيءَ جا دڪان يا ڇپرا ٺهيل هئا. هڪ اڌ ڪپڙي ۽ پرچون جو دڪان به موجود هو. پر پان ۽ سگريٽن جون مانڊڻيون عام جام هيون. ٻه ٽي ريڙهيءَ وارا گدرا ۽ ڇيڙ وڪڻي رهيا هئا. بيا ماڻهن جا گهر هئا. ان هوندي به سمنڊ جو ساحلي شهر هجڻ ڪري تعلقي جو هيڊڪواٽر هو. هتي هڪ هاءِ اسڪول ۽ هڪ عدد ٻهراڙيءَ وارو صحت جو مرڪز قائم هو. مرڪز ۾ ايم بي بي ايس ڊاڪٽر مقرر ٿيل هو. ننڍڙي ٽپال گهر کان وٺندي واٽر سپلاءِ ٽوڙي نيڪاسيءَ جي نظام جو ڪوبه جوڳو بندوبست ٿيل نه هو. ٽرانسپورٽ ۾، گهاري کان وايا ڳاڙهو بسون هلڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي، ۽ ڊاتسنون بہ عام مجام هيون. جن مان الاهي وري جوهو کان ڳاڙهو پهتيون ٿي. هتي پوليس ٿاڻي کان علاوه ڪوسٽل گارڊز جي بہ آفيس هئي. هتان جا ماڻهو پان جام کائين ۽ گٽڪو بہ واپرائين. غالبن هر نوجوان توڙي پوڙهي جي مِٽ ڦوڪيل هئي.

شهر ۾ غير ملڪي ڪمپني جي، جنهن وٽ پاور پلانٽ جو ٺيڪو هو، هڪ عاليشان آفس پڻ هئي، ۽ سڄي شهر جي چوڌاري، هڪ وڏو بند پڻ ٻڌرايو ويو هو. جيڪو غالبن وير کان بچاءُ لاءِ ٺي ڏياريو ويو هو. اولهندي پاسي کان سمنڊ جو پاڻي هن وقت بہ بند کي لڳو بيٺو هو. سڄو شهر، جڏهن وير چڙهي ٿي، تہ سمنڊ جي کاري پاڻيءَ سان گهيرجي ويو ٿي.

مئائيءَ وارو ميمڻ دڪاندار ڪيٽي بندر جي مستقبل کي الائي ڇو پنهنجي سِر جي مستقبل سان ڳنڍيو ويٺو هو. اسان جيڪو نتيجو ڪڍيو تنهن مطابق شهر جا ماڻهو انتهائي سست ۽ بي خبر نظر آيا. هنن شهر کي ڪڏهن بہ مارڪيٽ واري حساب سان نہ ڏٺو هو. ڪين ڊپ هو تہ، هتي، جي پاور پلانٽ لڳو، ترقي ٿي، نيون جايون ٺهيون ۽ ٻاهران ماڻهو آيا، تہ پوءِ هنن جي فرسودا، پاروٿين ۽ پراڻين شين ڏي ڪير بہ نہ ڏسندو. ٻيو اِهو تہ جي مارڪيٽ پيدا ٿي ۽ روز مره جون شيون ٻاهران اچڻ لڳيون، تہ هي اُنهن جو مقابلو ڪري نہ سگهندا. مئائيءَ وارو ان ڪري بہ پريشان ڏسڻ ۾ پئي آيو، تہ هينئر شهر ۾ هو اڪيلو چانيل هو ۽ پنهنجي مرضيءَ جي اگهن سان پنهنجو حلوو ۽ ٻيو سامان کپائي رهيو هو. وٽس ڪنڊ ۽ اٽي جو اسٽاڪ هو. پوءِ اِهي شيون ٻين وٽ بہ اينديون. جڏهن سندس گراهڪي ٽٽندي تہ کيس محسوس ٿيندو "سازش شروع ٿي وئي آهي."

سنڌي دڪاندار جي نفسيات شايد هر جاءِ تي ساڳي آهي. هو مقابلي ڪرڻ لاءِ يا تبديل ٿيڻ لاءِ پاڻ کي تيار نہ ٿو ڪري، بلڪ تبديليءَ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

مون ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪٿي چوپايو مال نظر اچي، پر ناڪام ويس. ڪُتا ۽ گڏهہ بهرحال شهر ۾ موجود هُئا. دڪان مان ٻاهر نڪري اسان شهر جي ڏکڻ اولهہ طرف ڏنل بچاءُ بند تي اچي چڙهياسين. بند ڪافي ڊگهو ۽ مضبوط هو. وير چڙهيل هئڻ ڪري سمنڊ واري پاسي ملاحن جي هُڙن ۽ ٻيڙين جي اچ وڃ جاري هُئي. پري ميل ڏيڍ پري، پاڻيءَ اندر ننڍڙا ٽُڪڙا نظر ٿي آيا. جيڪي دوربين ذريعي جاچي ڏسڻ کان پوءِ ملاحن جا گهر معلوم ٿيا. گهرن ٻاهريان مٽيءَ جا ٻنا ٻڌل هئا. عورتون ڪم ڪار ۾ مشغول هيون ۽ ٻارڙا ٿورڙو پريرو ٻيڙيءَ ۾ ويٺي پاڻيءَ ۾ ڪجهہ اوڇلائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيا هُئا، يا ڪا شيءِ وڃائي رهيا هُئا. صحيح اندازو لڳائڻ بهرحال مشڪل هو. ڀريان پاٽيءَ ۾ هڪ مزار هُئي، جنهن ۾ جيوڻ شاهه نالي هڪ بزرگ دفن ٿيل هو. جنهن ڀيٽڙي تي "پاور هائوس" ٺهيو پئي، تنهن جو نالو "حجامڙو" هو. پر ۾ چاڻ، ڪانگڙي ۽ ڏاڏي واري واريون ڪاريون ۽ ڀيٽ هيس. ڏاڏي-واري ڪلري شهر ڪان ڏکڻ اوير طرف هُئي، جتي "مائي سيدائي" نالي مشهور درويشيائي رکيل آهي، جنهن تي هر سال ميلو لڳندو آهي.

سنڌ جي شهرن، قصبن، ڳوٺن جي اِها وڏي خوبي آهي، جو انهن جي آس پاس ڪنهن نه ڪنهن تهوار يا ڏڻ يا ڪنهن خاص ڏينهن ملهائڻ لاءِ ڪيترائي سبب موجود آهن. گهڻو ڪري ڪنهن نه ڪنهن درويش، ولي، شاعر يا پير فقير جو آستانو ضرور هوندو. هتي هِن ڏورانهين علائقي ۾، جتي آمدرفت جا ذريعا هاڻي اچي ڪجهه سڌريا هُئا. سمنڊ اندر ٻيٽن ۾ به پيرن فقيرن تي ميلا ٿا لڳن.

شهر جي چوڌاري ڦري ايندڙ بند ڪان سمنڊ ڏانهن ڏسبو ته معلوم ٿيندو ماضيءَ ۾ هتي ڪو وڏو بندر موجود هو. چوته ٻري ٻري تائين پاٽيءَ اندر ڪاٺ وٽڪار موجود نه هُئي. ماٺهن جو چوڻ هو ته اندر ڪن ڪارين ۾، جتان حقيقي سمنڊ شروع ٿئي ٿو، تمر جي وڻن جون ڪجهه قطارون موجود هيون. اُنن جا وڳ بچاءَ بند سان شهر ڪان ٻاهر ويندي نظر اچي رهيا هئا، جن ڀويان جت ويچارا لوٺا هٽي هٽي ڊوڙي رهيا هئا. هُنن ڪي ڳوڏ مٿان قميص پاتل هئي. مٿي تي پٽڪا ٻڌل هُئن. ڪيٽي بندر، جيتوڻيڪ اڃ به بندر جي نالي سان سڏجي ٿو، پر هِتي واپار واري حساب سان ڪابه آمدرفت ڪونهي.

بندر جو تاريخي پس منظر:

چيو وڃي ٿو ته هيءُ بندر انگريزن جي دور جي تخليق آهي. اِن ڪان اڳ جڏهن ٺٽو آزاد سنڌ جو واپاري مرڪز هو، هتي يا اِن جي آس پاس لهري بندر نالي هڪ تمام وڏو بندر هوندو هو، جتي پورچوگيزن عربن، ڊچن، ايرانين ۽ انگريزن جا واپاري جهاز اچي لنگر انداز ٿيندا هئا. ان ڪان گهڻو اڳ عربن ايران فتح ڪري هزارن جي لشڪر ۾ سنڌ تي چڙهائي ڪئي هئي، ۽ ٺٽي جي ديبل شهر کي بربادي‌ءَ جا کنڊر بنائي ڇڏيو هئائون. عربن ٻوءِ سيوستان، نيرون ڪوٽ، برهمڻ آباد ۽ اروڙ پنهنجي قبضي ۾ ڪيا، ۽ برهمڻ آباد کي منصوره جو نالو ڏيئي، پنهنجي حڪومت جي باقاعدي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروعات ڪئي.

عرب، ايرانين کان پوءِ وڏي پيماني تي سنڌين جي نسلي قالب تي اثر انداز ٿيا، جنهن ڪري هر عرب جو پٽ سيد سڏائڻ لڳو. پوءِ هنن هِتان جو مال هُتي موڪلڻ لاءِ ديبل جي ان بندر جو ڀرپور استعمال ڪيو.

دنيا ۾ جيڪي بہ رولو حاڪم، ڦورو ۽ ڌاڙيل صنعتڪار پيدا ٿيا، تن هن شهر جو لقمو ضرور کائي ڏٺو. ايتري قدر جو ٻاهريان واپاري ٺٽي جي ماڻهن ۽ حاڪمن کي پنهنجي پرڏيهي ناٽي ۽ واپار جي ڪري بليڪ ميل بہ ڪندا هُئا. هزارن جي تعداد ۾ ٻيڙيون، ڊونڊيون ۽ جهاز اچي لنگر ڪندا هئا ۽ اُنهن جي لنگر جو ٽئڪس مقامي حاڪمن لاءِ "سون جي ڪُڪڙ" جي برابر هوندو هو. ٻاهريان سياح، جاسوس ۽ عالم ٺٽي جي عروج ۽ خوشحاليءَ جا قسم کڻندي نہ ٿا ٿڪن. ايڊورڊ ٽيري، جو هڪ پادري هو، سو لکي ٿو تہ: "هيءُ مکيہ شهر آهي. درياءَ ان ۾ ڪيترائي ٻيٽ بنائي ڇڏيا آهن، جيڪي بيحد وڻندڙ ۽ ميويدار آهن."

ٿونات، جو ١٦٦١ع ۾ سنڌ ۾ آيو، سو تبصرو ڪندي لکي ٿو تہ: "ٺٽو واپاري لحاظ کان هندستان جو سڀ کان وڏو شهر آهي. سنڌو دريا ٺٽي جي اوسي پاسي ڪيترائي ٻيٽ بنايو ڇڏي. اُهي ٻيٽ ڏاڍا ميويدار ۽ وڻندڙ آهن."

ڊيوارٽ باربوس سورهين صديءَ جي شروعات جو احوال ڏيندي لکي ٿو تہ: "ٺٽي ۾ مڇي ايتري تہ هُئي، جو ماڻهو گهوڙن کي بہ سُڪل مڇي کارائيندا هئا."

سورهين صديءَ ۾ سنڌ تي پورچوگيز واپاري قابض هئا ۽ ٺٽي جي ڪپڙي جي مارڪيٽ ايشيا ۽ پُرتگال تائين ڦهليل هئي ۽ چمڙي جا خريدار وري عرب ملڪ ۽ ايران هئا.

ٺٽي ۽ سنڌ جي ٻين پرڳڻن جي خوشحاليءَ جو اندازو توهان ان ڳالهہ مان لڳائي سگهو ٿا تہ جڏهن ١٧٣٩ع ۾ نادرشاهہ سنڌ تي چڙهائي ڪئي تہ ميان نور محمد ڪلهوڙي هن جي پنجن لکن جي لشڪر جي سورهن ڏينهن تائين شاهي مهماني ڪئي، پر خزاني توڙي شهرن ۾ ڪا اڻاٺ پئدا ڪونہ ٿي. ٺٽو سمن، سومرن، ترخانن ۽ ڪلهوڙن جي حڪومتن جو گاديءَ جو هنڌ رهيو. هن شهر کي هٿ ڪرڻ، هيسائڻ، ۽ ڦرڻ لاءِ تغلقن، منگولن، پورچوگيزن، ڊچن، ايرانين ۽ پٺاڻن پنهنجي وس کان ڪين گهٽايو. پر هيءُ شهر انساني آفتن، وحشتن ۽ ظلمن کي منهن ڏيندو رهيو. هن شهر کي ارڙهين صديءَ سڀ کان وڌيڪ نقصان رسايو. ڪلهوڙن ۽ ميرن واپار کي تباهہ

ڪري ڇڏيو. سنڌن گهرو لڙاين، لالچن، ٻاهرين ڪاهن، سنڌ جي واپار جي ڪنڌ ڇٻي ڪري ڇڏي. جيترو ٿي شاهوڪار خطو هو، اوتري ئي لٽ مار ٿي. ٻاهرين لٽ مار جي باقيات اڃا بہ موجود آهي، جن ۾ عربستان جا شيخ، ڪراچيءَ جا وڏا سيٺيا، پنجابي آبادگار، بنگالي وغيره قابل ذڪر آهن.

نستي جي زوال جو وڏو ڪارڻ درياءَ جي پيٽ ۾ رڌ جو ڇمڻ ٻڌايو وڃي ٿو. وچ ۾ واريءَ جا دڙا ٿي ويا، جن درياءَ کي سڪائي ڇڏيو. اڄ بہ اها ئي صورتحال آهي. واپاري لڏي ويا، انگريز آيا تہ هيءُ شهر ذري گهٽ ختم ٿي چڪو هو ۽ سنڌ ۾ واپار جا نوان مرڪز قائم ٿي چڪا هئا. رهي سهي ڪسر انگريزن پوري ڪئي. انگريزن سون، چاندي، ڪاٺ، ڪلون ۽ چوپائي مال جي لٽ لاتي. انگريزن جي ٻي بيئنڪ دوران سڀ شين ڪان وڌيڪ چوپايو مال برآمد ڪيو ويو. خاص طور تي سڳن وارو مال. پئي نمبر تي اٺ برآمد ڪيا ويا. تنهن وقت سنڌ جي ماڻهن ۾ ڪنهن ڪنهن وٽ تہ ڏهہ ڏهہ هزار اٺ هوندا هئا. اٺ اڪثر ڪري درياءَ جي پچاڙ وارن علائقن ۾ پاليو ويندو هو، جو تہ اتي ليون ۽ لاٺا جام ٿيندا هئا ۽ پيو تہ بندرگاهن کي بہ سولو هو ۽ وزن کڻڻ لاءِ اڪيلو ذريعو هو. هن وقت ڪيٽي بندر، جاتي، بدين، ميرپورخاص، عمرڪوٽ، اچڙي ٿر، جيڪب آباد ۽ ڪچهہ ٻين علائقن ۾ اٺ اڃا بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر اڳي جي بنسبت انهن جو تعداد گهٽ ٿي ويو آهي، ۽ انهن جو اڳي وارو ڪارج بہ ختم ٿيندو پيو وڃي.

ٻاهرين ملڪن جي سيلانين جي مشاهدن، تاريخن ۽ سفرنامن ۽ ڊائرين مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڏکڻ سنڌ يا لاڙ جو ماڻهو، خاص طور تي ملاح، مڪمل طور تي واپاري ۽ چالاڪ هو. هنن لاءِ عرب، پورچوگيز، انگريز، ايراني، ڊچ وغيره روزگار جو ذريعو هئا. ان ڪري منائيءَ واري ميمڻ جو احتجاج مون کي هن جي مارڪيٽ ۾ هڪ هنيءَ بچائڻ لاءِ هڪ چال محسوس ٿي.

هڪ مسيحا سان ملاقات:

اسان اولهندو بند ڇڏي شهر مان ٿيندا ميين روڊ سان نهيل ڀرارڙيءَ جي صحت واري مرڪز ۾ اچي پهتاسون، جتي اسان کي هڪ ايم - بي - بي - ايس ڊاڪٽر مليو، جو اسان کي مريض سمجهي پنهنجو ڪاروباري موڊ ناهڻ لڳو. ڊاڪٽر جو نالو مون کي ياد ناهي رهيو، پر هن صاحب اسان کان پنهنجي اچڻ جو سبب پڇيو. اسحاق کيس ٻڌايو تہ: ”اسين اخبار وارا آهيون ۽ گهمڻ آيا آهيون.“ هو اسان کي پنهنجي عملي سميت روز جي مريضن جو تعداد، بسترن ۽ ٻين سهولتن کان واقف ڪرائڻ لڳو. پوءِ پرائيويٽ ڊاڪٽرن

جي گلا ۾ اسان کي هڪ ڏکي ڪهاڻي ٻڌايائين. سنڌس سچو زور ان پرائيويٽ ڊاڪٽر تي هو، جنهن شهر اندر اچي ديرو ڄمايو هو. ڊاڪٽر صاحب بار بار اهو چيو ٿي ته: ”هن اچڻ سان منهنجي خلاف سازشون شروع ڪري ڏنيون آهن.“ هن عوامي آواز اخبار جو پراڻو پرچو ڪڍي اسان کي سنڌس خلاف لڳل خبر ڏيکاري. ”هتان جو نمائندو حڪيم کان پئسا وٺي منهنجي خلاف خبرون ڏئي ٿو.“

پوءِ هن اسان کي اهي حالتون ٻڌايون، جن ۾ هو ڪيڏي نه مشڪل سان ڪم ڪري رهيو هو. هن جو خيال هو ته ٻهراڙيءَ ۾ ڊاڪٽرن لاءِ ڪابه سهوليت ڪونهي. دوائون نه ٿيون ملن، سواري ناهي ۽ پيو ته ماڻهو به نه ٿا اچن.

اسان ڪانئس پڇيو ته: ماڻهو ڇو نه ٿا اچن؟ جڏهن ته هن ڊاڪٽر جي مقابلي ۾ اوهان ڪواليفائيڊ ڊاڪٽر آهيو!

”ماڻهن ۾ تعليم ناهي.“ ڊاڪٽر صاحب فرمايو، ”جيڪا دوا ڪين وقتي طور فائدو ڏئي ٿي، هو ان جي پنيان لڳي ٿا پون.“

”توهان اهڙي دوا نه ٿا ڏيو؟“

”ڪڏهن به نه. اسان ته مريض جي مستقل فائدي لاءِ سوچيون ٿا.“ ڊاڪٽر صاحب دعويٰ ڪندي چيو، ”پر مسئلو آهي ته اسان وٽ بجيٽ ناهي. اسان کي دوائون نه ٿيون ملن.“

اسان ڪانئس نانگ جي ڏنگ ۽ ڪتي جي چڪ جي ويڪسين بابت پڇا ڪئي. هن انڪار ۾ ڪنڌ لوڏي ڇڏيو.

جڏهن ڪانئس استعمال شده سرنج بابت دريافت ڪيوسين ته هن ان کان به انڪار ڪيو. هن جو خيال هو ته هو ائين نه ٿو ڪري، بلڪ نان ڪواليفائيڊ ائين ڪن ٿا.

بعد ۾ اسان کي خبر پئي ته ڊاڪٽر صاحب خود ڳاڙهي شهر جو رهندڙ هو ۽ اتي پنهنجي خانگي اسپتال هلائي رهيو هو. حڪيم کان ڪاوڙ ان ڪري هيس جو هو سندس گراهڪ ٽوڙي رهيو هو. اسان جيئن ئي اسپتال مان ٻاهر نڪتاسون ته هڪ نوجوان اسپتال اندر داخل ٿيو ۽ پنجن منٽن بعد دوائن جي پريل ٿيلهي (شاپنگ بيگ) کڻي ٻاهر نڪري آيو. هو به اسان وانگر ڳاڙهي شهر جو مسافر هو. جڏهن ڊاٽسن تي چڙهي ويٺاسون، ته ڳاڏي جُوهو واري رستي سان ڳاڙهو لاءِ روانو ٿي وئي. رستي سان اسان ڏٺو ته سمنڊ جي وير ڪيترو نه پري ٿائين پنهنجو رستو ناهي چڪي هئي ۽ روزانو ڪيترائي ايڪڙ زمين سمنڊ جي ان رومانس جي نظر ٿي رهي هئي.

ڪيٽي بندر ڪان ڳاڙهو وايا جوهو وارو رستو اڻين ٿي لڳو، جڻ ته درياءَ جو ڪچو هجي. ڪچو رستو، ڏوڙ ۽ شاخ جي بند جا ڪنارا، ٻيرن ۽ ڪنڊين جي وڻن سان سٽيل ڏسي، ماڻهوءَ کي خوف ٿيڻ لڳو ٿي.

هڪ شاگرد سان ملاقات:

رستي تي مون اُن نوجوان سان واقفيت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب ٿي نه سگهيس. گهڻ دير بعد هو پاڻ اسان سان ڳالهائڻ لڳو. شايد اها به نواز جي ڪرامت هئي.هن ٻڌايو ته هو ڊاڪٽر جو ڪمپائونڊر هو ۽ ڳاڙهي واري اسپتال ۾ ڪم ڪري رهيو هو. جڏهن ته سنڌس پوسٽنگ ڪيٽي بندر واري سينٽر ۾ هئي. هو انٽر پاس هو. اڳتي پڙهڻ کي بيڪار ۽ بي سود ٿي سمجهيائين. ”ڇا ٿو ملي؟“ هو چوڻ لڳو، ”سفارش ڪان سواءِ ڪک به ڪونه ٿو چُري.“

”هي علائقا ايترا پوئتي پيل ڇو آهن؟“ مون سندس هٿ ۾ قبايل دوائن واري ٿيلهيءَ ڏانهن ڏسندي ڪانئس پڇيو. هُن مرڪي ورائيو، ”هتي سڀ چور آهن. حڪومت توڙي زمين جا وسيلا وڏيرن جي هٿ ۾ آهن، جيڪي اسان تائين پهچن ئي نه ٿا.“

”تهنجو ڇا خيال آهي ته ڪير سڌاريندو اوهان جي هن علائقي جي حالت؟ منهنجو مطلب آ ته ڪهڙن ماڻهن جو رويو هتان جي ماڻهن سان چڱو آهي؟“

”STP وارن جو.“ هن جڻ ته انڪشاف ڪندي چيو، ”ڊاڪٽر صاحب ۾ ماڻهن کي اميدون آهن.“

”پليجي ۾ نه؟“

”پليجو ته هتان جو وڏو نيڪيدار آهي، اهو ڪيئن سڌاريندو هتان جي علائقي کي؟“

”هي دوائون ڊاڪٽر صاحب جون آهن؟“

”نه، مون پنهنجيون ورتيون آهن.“

”ڊاڪٽر صاحب ڪان؟“

هن کلي ڏنو. ”اوهان لکندؤ ڇا؟“ هن مون ڪان پڇيو.

”تون اجازت ڏيندين ته لکي به ڇڏيندا سين.“

”ڊاڪٽر صاحب کي هتي جي ڪجهه غريب مريضن کي ڏيٺيون آهن.“ هو مسلسل کلي رهيو هو.

ڳاڙهو شهر آيو ته اسان به نوجوان همسفر رسول بخش عمرانيءَ ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪلائي هڪ ڀاڪڙا هوٽل ۾ ڏينهن جي مانيءَ لاءِ اچي پڙاءُ ڪيو.

چندر ۽ لطيف جي ورسي:

پاڪستان هندستان ٺهڻ کان اڳ ڪاروڇاڻ ۾ وڏيون محفلون ٿينديون هيون. هن علائقي ۾ چانور ايترا ته ٿيندا هئا، جو ڏيساورَ پڻ موڪلي سگهبا هئا. هندو سيٺيون، خاص ڪري واڻيا، هتي گهڻي تعداد ۾ آباد هئا. شهر به تمام وڏو هوندو هو. هاڻ ته چون ٿا پڙيانگ ٿي ويو آهي. ٦٠ کان ١٨٠ روپين تائين هڪ درم پاڻيءَ جو ٿو وڪامي. هڪ حڪيم آهي، جو ايم - بي - بي - ايس ڊاڪٽر به آهي ته مسيحا به، چار اٺ دڪان آهن، جنهن کي جيترو وٺي اوترو ڦرهي. سمنڊ جي ڀيٽاريءَ وارو هي خوبصورت شهر ڪنهن وقت حسين ڪنيائين جو شهر هوندو هو. عمان، فارس، بمبئي، سورت، بنگال ۽ سيلون کان واپاري ايندا هئا ۽ راتين جون راتيون رهيا پيا هوندا هئا.

هڪ دفعي واڻين لطيف جي ورسي ملهائڻ چاهي. ورسيءَ جي اجازت ته ڪونه ملين، پر چندر کي گهرائي محفل ڪرايائون. چندر سان گڏ سيد سليمان شاهه ۽ هڪ نواب شاهي مسلمان فنڪار پڻ هو. آس پاس جا ماڻهو پلتجي اچي ڪريا. اصل ڦِسي پيا.

واڻين ماڻهن ۽ سندس ڀاهريان ڀِڪا ڏنا ته جيئن ٻيا ماڻهو چتين توڙي چني ڀاهريان گڏ ٿيل عورتن کي ڏسي نه سگهن، پر جڏهن ڳايائين ته ماين سڪ ۽ جوش ۾ اچي ڀِڪا ڦاڙي چڏيا ۽ ايڏي افراتفري مچي، جو راڳُ بند ڪرائي ڇڏيائون ۽ اهوئي سبب هو ته چندر هر جاءِ تي ميزبانن لاءِ ”زن - رسڪ“ هوندو هو. ماڻهو ڪيس شادين ۽ پٽن ۾ ڳارائيندا هئا ته اوطاقون ۽ چنا گهرن ۽ ڳوٺن کان ٻري ناهيندا هئا. سندس راڳ ۾ وڏي چڪ ۽ اتساهه هوندو هو. هُن جا ٻول ۽ آواز ماڻهوءَ کي پاڻيءَ مان ڪڍي ڇڏيندا هئا. اصل ماڻهو ”پڙڪي“ پوندا هئا.

ڳاڙهو شهر، ڳاڙها چانور ۽ ڳاڙهو هاصخيلي:

ڳاڙهو درياءَ جي ڀچاڙ وارن علائقن جو واپاري مرڪز آهي. ڪيٽي بندر، ٻگهاڻ، ڪاروڇاڻ ۽ جاتيءَ لاءِ سواريون هن شهر مان وينديون آهن ۽ هتان ئي انهن شهرن ڏانهن ڪاڌي پيتي جي شين جي رسد رواني ٿئي ٿي. ان ڪري هِن شهر کي هتي جي علائقي ۾ مرڪزي حيثيت حاصل آهي. جن ڏينهن ۾ اسان هتي آيل هئاسون، اُنهن ڏينهن ۾ هني جي هڪ مسافرخاني

جي چٽ ڪرڻ سبب هڪ خاصخيلي ذات واري عورت فوت ٿي چڪي هئي ۽ هڪ جت قوم جي عورت زخمي ٿي هئي. مسافر خاني ڪرڻ جي پسمنظر جي جڏهن اسان کي خبر پئي تہ معلوم ٿيو، هتي بہ قبضا گروپ، جن کي عرف عام ۾ "لينڊ مافيا" چيو ويندو آهي، ڪيڏا نہ سرگرم هُئا.

اسان پ پ جي هڪ جهوني ياپرائي وفادار ڪارڪن سان ملاقات ڪئي، جيڪو ضياءَ جي دور ۾ جيل ڪائي چڪو هو ۽ شايد ڪوڙا بہ. جنهن بہ پ پ واري جا ڪوڙا ڪاڏل هوندا آهن، پڏو اٿئون تہ، اُن جي سندس پارٽيءَ ۾ وڏي عزت هوندي آهي(؟) اسان پنهنجي ميزبان دوست کان، جو ٻاڙهي ۾ پ پ جو صدر بہ هو، شهر جي تاريخ بابت پڇڻ جي ڪوشش ڪئي. هو وڏي تم تراق سان سڄي شهر جو داستان ٻڌائڻ لڳو. هن ٻڌايو تہ: ٻاڙهو، خاصخيلي قوم جو هڪ فرد هو، جنهن جون هِتي زمينون ۽ جاگيرون هيون. هُن سڀ کان پهريان هتي اچي ڳوٺ ٻڌو. پوءِ پري پري کان ماڻهو لڏائي اچي ويهاريائين تہ جيئن آس پاس جون زمينون آباد ٿين. پوءِ آهستي آهستي ماڻهو ايندا ويا ۽ آباد ٿيندا ويا. هُن ڪنهن کان بہ پنهنجي زمين جو معاوضو ڪونہ ورتو. چوتہ هو سيني لاءِ ڇپر - ڇانو هو . هاڻي هن جو ڳوٺ ٿورو هڪ پاسي تي ٿي ويو آهي ۽ شهر ڏاڍو تيزيءَ سان وڌي آيو آهي. هيءُ سڄو شهر اڄ بہ هُن جي نالي سان سڏجي ٿو. زمينون، پلاٽ، روڊ - رستا، سڀ هُن جي نالي تي آهن.

ايتري ۾ چانهن آئي. اسحاق بہ مختلف پوزن ۾ هن جا بہ ٽي فوٽا ڪڍي ورتا "سو سائين، هيءُ سڄو شهر خاصخيلين جو آهي. هاڻ اچي ٻيون ٽريون جاڳيون آهن. عبدالله شاهہ جي صلاحڪارن ۽ مشيرن جي چمچاگيري ڪري، ماڻهو هڙئي پيل پلاٽ قبائي ويا آهن، ۽ اسان پراڻا قربانيون ڏيندڙ ڪارڪن پنتي ڌڪجي ويا آهيون. ايتري قدر جو عبدالله شاهہ مون کي بہ جيل ۾ وجهرائي ڇڏيو."

مسافر خاني وارو قصو ٻڌائيندي هن ٻڌايو تہ: اها ڊسٽرڪٽ ڪائونسل وارن جي قبضي ڪرڻ جي هڪ وڏي سازش آهي. جنهن ۾ هو ذري گهٽ ڪامياب بہ ٿي ويا آهن. چوتہ مسافر خاني جي ڪرڻ کان پوءِ، هُنن اتي دڪانن جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪري ڏنو آهي.

"هُنن مان توهان جي ڇا مراد آهي؟" اسان ڪائنس دريافت ڪيو.

هُن ٻڌايو تہ، "هو بہ پ پ سرڪار جا ماڻهو آهن. پر نواڻ نوان داخل ٿيا آهن، ان ڪري ناري ناري نہ ٿا ڪاون. گرم پيٽ ٿا وات ۾ وجهن." هو نالا ڪڻ کان لهرائي ويو، جنهن مان لڳو ٿي تہ همراهہ ڪيڏا نہ سگهارا هُئا ۽

سائين جن، ڪيڏو نہ خوف ۾. متان وري نہ ٻڏائي ڇڏينس!

پر جڏهن اها ساڳي ڳالهہ اسان چاچي عرس ڪان پڇي هئي تہ هن ٻڌايو هو: ”هيءُ علائقو چانورن جي ڪري ڏاڍو مشهور هو. هتي خاص قسم جا چانور جام ٿيندا هُئا. جن کي ماڻهو ڳاڙها چانور ڪري سڏيندا هئا. ڪي اُن کي ”رتڙو“ بہ چوندا هئا. ڇوتہ اُنهن جو رنگ ”رت“ جهڙو هوندو هو. هنن چانورن جي خوشبوءِ ميلن تان محسوس ڪبي هئي. اِن ڪري اِن شهرڙي جو نالو ڳاڙهو پيو.“

پر هينئر نہ تہ ڳاڙها چانور ٿي نظر آيا نہ وري ڳاڙهو خاصخيلي. باقي، شهر جا روڊ ۽ رستا پان جي پڪن سان ڳاڙها ضرور ٿي ويا هُئا. ڪا اهڙي جاءِ خالي نہ هُئي، جنهن جي ديوار ڪي پان واري ڪَتي جي ٿوتاري نہ لڳل هجي. ڪو اهڙو فرش ۽ ٿلهو نہ هو، جنهن تي داغ نہ هجن. ڳاڙهن چانورن، ڳاڙهين ڳئن، ڳاڙهن ٻيرن ۽ ڳاڙهن ماڻهن کان خالي هيءُ ڳاڙهو شهر، غريبن جو شهر آهي. هتي جيتوڻيڪ هر قسم جي مافيا جو وجود آهي، پر سادو سودو غريب ماڻهو پري کان پڌرو آهي. هتي پوليس اسٽيشن جي سپاهيءَ کان وٺي پريس ڪلب جي ڪچي صحافي تائين هرڪو پرائي ڪڌ مان پڳڙا ڪڍڻ ۾ مصروف آهي. نہ ڏسڻ جهڙو روڊ، نہ رستو پلو، نہ دڪان سنو، نہ وري هوٽل سريلو. سياسي گهراڻا پنهنجا پيٽ وڏا ڪرڻ ۾ پورا آهن ۽ نوجوان قيادت بلئڪ ميلنگ ۾ مصروف آهي. هر ٽين اک وارو ماڻهو شاٽ ڪٽ جو قائل ٿو لڳي. پر پيٽ بکايل اڌ اگهاڙي عوام لاءِ هڪ ڏڳهي سڙڪ سدائين موجود آهي، جنهن جا ورروڪڙ نہ تہ ڪڏهن ختم ٿيڻا آهن، نہ وري سنڌوءَ ۾ ڪو سيلاب اچڻو آهي، جو ان هڏ ڇُرر هاءِ - وي کي وهائي ڪٽي وڃي!

جنگي سر پٽڻ: وڻجارن جو سامان ڍورانهين ڪارين جي ٻيڙارين وارن ڳوٺن لاءِ هڙن جي هلڻ جي انتظار ۾ .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاڇر ۾ ڇيرون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاڇر ۾ ڇيرون

رُوبا ماڙيءَ کان مٿيءَ جو بند ڏيئي جڏهن LBOD رٽا هيٺ نهي راس ٿيل وڏي سم نالي تي چڙهبو، تہ محسوس ٿيندو ماڻهو بلڪل هڪ نئين جاگرافيائي خطي واري ملڪ ۾ داخل ٿي چڪو آهي. ٨ آڪٽوبر ١٩٩٧ع واري ڏينهن مان جڏهن الهہ ورائي بهڻ ۽ LBOD جي ماحولياتي صلاحڪار آر–وائين بوردن سان گڏجي اتي پهتس تہ مون پهريون ڀيرو لٽل سم نالي جي آلي پيٽ تي بانبڙا پائيندڙ ۽ پيٽ گسائيندڙ مڇيون ڏٺيون، جن کي Mud Fish جي نالي سان سڃاتو پئي ويو. هي مڇيون واقعي حيرت انگيز قسم جون هيون. گپ سان هنن جو هڪ عجيب رومانس هو. هنن جي شڪل شاڪر يا ڪگي جهڙي پئي لڳي ۽ پنهنجن ڪلين هينان مسافرن واري جهاز جي اڳين پرن جيئن آمهون سامهون وارن ڪنيرن جي زور تي اُهي تيزيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن حرڪت ڪري رهيون هيون. ڪن تہ ٽپا پئي ڏنا ۽

ڪن جي حرڪت ڏيڍر جي ٻچن جيئن هئي. پر هنن جو ٻچ متحرڪ نه هئو. هنن سڄو زور پنهنجن اڳين ڪنيرن تي ڀئي لڳايو ۽ گپ تي ترندي نظر ٿي آيون. مون جڏهن دوربين جي مدد سان ڪين غور سان ڏٺو ته مون کي لڳو، اها ياته سندن جيئري رهڻ جي مشغولي هئي يا ته هو ان برائوني (انگ ونگڙي) حرڪت ذريعي ڪادو تلاش ڪري رهيون هيون. يا پوءِ ڪلين ذريعي ساهه کڻي رهيون هيون. ماڻهن انهن کي ڪنهن به طريقي سان نقصان نه ٿي رسائيو. هنن ڇهن انچن کان نون انچن تائين ڊگهين گپ جي "فيرين" کي خبر ناهي ته ملاح ڇو نه ٿا وٺن، پر مون ڏٺو ته انهن تي اتان جي ٽپيڪل سائي بگهه Grey Heron جي ڏاڍي رش هئي. روپا ماڙيءَ کان شاهه سمنڊو ڪريڪ تائين، ان وڏي سم نالي جي ڪوپن مان سائي بگ جا ولر تاه ڪاڏل ڪونجن جيئن ڳاٽ مٿي ڪري بند سان ويندڙ وسونهن کي ڏسي رهيا هئا. مسٽر بوردن پهريان ڪين ڳڻڻ شروع ڪيو. پر سندن تعداد ايترو ته گهڻو هو، جو انهيءَ خفي مان اتي ئي هٿ ڪڍيائين.

وڏي سم نالي سان جيئن جيئن اسان ٽائيڊل لنڪ ڏانهن وڌندا وياسين، تيئن تيئن انهن ساون بگهن جو تعداد وڌندو ويو. شروع ۾ ڪٿي ڪٿي ڪجهه ڊُبن وارا پکي (Waders) به نظر آيا، پر اهي ڇدا هئا. سنڌ، جو ته ڍنڍن، ڍورن، تلائن ۽ ڊبن جي به سرزمين آهي، ان ڪري ننڍي پاڻيءَ ۾ ڇڳڻ وارا پکي هتي عام جام آهن. اهي پکي اڪثر ڍنڍن، تلائن، ڊبن ۽ ڍورن جي ڪنارن سان ڇڳندي نظر ايندا آهن.

ساوا بگهه پاڻيءَ جي سطح مٿان اڏامندا نظر ايندا آهن. انهيءَ نموني اهي پاڻيءَ مٿان پنهنجو پاڇو ڊوڙائي مڇيءَ کي دوکو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته اها حرڪت ڪندڙ شيءِ سندس شڪار آهي. اهڙي طريقي سان مڇي جڏهن ٻاهر پاڻيءَ جي سطح تي ايندي آهي ته اهي بگهه تمام وڏي چُستيءَ سان اُن کي جهٽي وٺندا آهن. ان بگهه جي عادت آهي ته هو مڇيءَ جو منهن وارو حصو پنهنجي چهنب ۾ جهلي، پوءِ ڳيهندو آهي، ڇو ته ڪيس اهو خطرو هوندو آهي ته ڀچ جا ڪنير يا پاسن وارا ڪنير گلي ۾ ڦاسي ڪٿي سندس انت نه آڻي ڇڏين. سائي بگهه جي ايتري آبادي مون اڳ ڪٿي به نه ڏٺي هئي. هن پکيءَ کي ماڻهن کان هرون پرون ڪو ايڏو وڏو خطرو ڪونهي، ڇو ته سنڌ جو مسلمان توڙي هندو هن کي ڪونه کائي، ان ڪري هن بگهه جي آباديءَ وڌڻ جا امڪان بهرحال تمام گهڻا آهن، پر جهڙي رفتار سان هيءُ بگهه آس پاس جون ڍنڍون ڇڏي سم نالي کي پنهنجي ڪاڏي جي مستقل جاءِ ناهي رهيو آهي، تهڙي رفتار سان ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ سم نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو زهريلو يا گندگيءَ وارو پاڻي جنهن ۾ شگر ملن زهر ڪان وٺي ووٽن توڙي سارين جي فصلن مان چنڊجي آيل جيت مار دوائن جو جهجهو مقدار شامل هوندو آهي، ان جي موت جو سبب نه بڻجي وڃي.

سي گل (Sea-gull) جي باري ۾ مون ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ پڙهيو هو، پر ڪيس اکين سان نه ڏٺو هو. سي گل سچ پچ نه بي انتها خوبصورت پکي آهي. (خوبصورتيءَ جا معيار هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا آهن) ۽ پيڻ (Pelican) کي به دوائن وارن خفتين وٽ ۽ فلمن ۾ نه ڏٺو هوم، پر ايترو ويجهو ۽ روبرو ڏسڻ جو اتفاق نه ٿيو هو ۽ وري سي گل سان ملنڊڙ جلنڊڙ ابابيلن جهڙو ٽرن Tern پکي به مون پهريون ڀيرو ڏٺو هو. سي گل ۽ ٽرن هڪ قسم جو معاشرو ٺاهي رهندا آهن ۽ آنا به هڪ ئي جوءِ ۾ ڏيندا آهن. سندن گڏ رهڻ ۽ گڏ آنا ڏيڻ جو مقصد پنهنجن آنن ۽ ٻچن جو بچاءُ ڪرڻ ئي لڳي ٿو، چو نه ڪانوَ، لومڙ، وغيره هنن جا آنا، بعضي ٻچا به ڪائي ويندا آهن. پيڻ، بگهه ۽ سانهون - هي سڀ پکي وڻن تي آنا لاهيندا آهن.

ڪلاڪ کن جي پنڌ ڪان پوءِ اسان سمر نالي جي ان حصي ۾ داخل ٿياسين، جتان نالي جي ساڄي پاسي کان ڊيڊون شروع ٿين ٿيون ۽ کاٻي پاسي کان انڊيا جي باربر وارو رڻ. ساوَن ٻڪهن سان گڏوگڏ، سمر نالي اندر پيڻ پکين جون جوڙيون، سي گل جا ننڍڙا ولر، جن ۾ لاچار ڇهه يا اٺ. ڪنهن ۾ ٽي يا چار پکي شامل هئا. ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا.

سڀ کان پهريان سمر نالي جي بند سان سيرائيءَ جو پاڻي لڳل هو. جيتوٽيڪ اها ڪا ڊيڊ نه نه آهي، پر آس پاس جو پاڻي ان ۾ ڀرجي وري ڊيڊن ۾ پوي ٿو. جنهن پهرين ڊيڊ مان هيءُ سمر نالو گذري ٿو، تنهن کي پٽيجي سڏيندا آهن. هن ڊيڊ ۾ اڌ سمنڊ، اڌ ڪئنال ۽ ٻيو مينهن جو پاڻي پيل هو. لاکي ڇاڇين جون قطارون بند ڪان پري، ڊيڊن جي وچ ۾ چگهي رهيون هيون. پري ڪان اِهي رڍن جي ڌڻ جيئن ٿي لڳيون. هيءُ پاڻيءَ جو سڀ ڪان ڊگهو پکي ٿئي ٿو. وڏي ۽ ٿلهي چهنب، جا قدرتي طور ڳاڙهي ۽ ڪاري شيڊ ٿي نهيل اٿس. ڪيس شڪار ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي. هن پکيءَ جي پچ ۽ پيٽ وٽان ڳاڙها ڌبڪ ٿين ٿا، ان ڪري جڏهن هنن جا ولر رڻ جي ڪنهن ڊيڊ مٿان اڏامندا آهن نه ڏسڻ واري کي اچين ۽ ڳاڙهين ماڙين واري شهر جو گمان ٿيندو آهي.

ٽائيڊل لنڪ وٽ، چو نه زمين ڪاري آهي ۽ سمنڊ جي وير روز ان کي پنهنجي آب ۽ تاب سان ميلن جا ميل پنهنجي پاڪرن ۾ آڻي ڇڏيندي آهي، ان ڪري هتي ساڻي ٻيلي جي ڪاٻه گنجائش نظر نه ٿي اچي. غالبن

جيڪي پکي وٺن تي آنا ڏين ٿا، تن لاءِ اهو ئي چئي سگهجي ٿو ته اهي ڪٿي ٻاهر، جتي وڻ آهن، ٻيلا آهن، اتي ٻچا ڪن ٿا. ٻگهه ۽ سانهه لاءِ ته چئي سگهجي ٿو ته اهي ٺٽي جي جاتيءَ ۽ بدين جي گولاڙچي واري ساحلي علائقن ۾ ٻچا ڪندا هوندا. يا ٿي سگهي ٿو ته هو سنڌ جي وڏيڪ وٽراهه وارن علائقن ۾ ٻچا ڪري اتي سانوٽي يا سياري ۾ هجرت ڪري ويندا هجن. جو ته بوربن جي چوڻ مطابق ته ساون ٻگهن ۽ پيڻ جا "اُڏامڪ يعني ٻچا انهن ولرن ۾ گهٽي مقدار ۾ موجود هئا. پيڻ اڇو ۽ گلابي ٻن قسم جو ٿئي ٿو، پر اسان اڇن سان گڏ جيڪي گلابي جهاڻ وارا پيڻ ڏٺا، سي بوربن مطابق ٻچا هئا، پر ائين نه هو. اهي Eastern Rose Pelican هئا. پيڻ پکيءَ جو پاڻيءَ ۾ ترڻ خود دلچسپيءَ کان خالي ڪونهي. هيءُ پکي، جي پاڻ کي ڪي ڇڏي ڏي، ته وهڪري سان گڏ پاڻ مرادو تري، جي پنهنجي پيرن جي پتوار سان پاڻيءَ کي ڌڪي ته سندس ڳاٽ فخر ۾ بلند ٿي وڃي. پيڻ پکي جتي به ڏٺوسين، سو اڇا نون ڪنين سان هو. ٽائيڊل ڏي پيڻ جو شڪار جام ٿئي. هتي هن جا دشمن مهاڻا ئي آهن. گهڻو ڪري جيئرو وٺڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ونجهارن ۾ تماسائي وڪڻندا آهن. هن جي کپت جو پس منظر پڻ عجيب ۽ غريب آهي. گهڻو ڪري اهي "نيم حڪيم خطرائي جان" انهن جا خريدار آهن، جو ته هي ماٺهو شهرن ۾ ماٺهن جا ميڙا لڳائي الائي ڪهڙا ڪهڙا تيل ۽ ڪشتا وڪڻيو وڃن. مرض اهو ئي ساڳيو-وهم ته ڪانئن....... اٽيو وڃي. پر وڏا رئيس ۽ سينيون پڻ هنن پکين جا پر پٽي پنهنجن ٽلائن ۾ ڇڏيندا آهن: مهمان مڙهي تي رعب ۽ دٻدٻو وجهڻ لاءِ. پيڻ سنڌ ۾ رڳو بدين ۽ ٺٽي واري علائقي ۾ اچي. هن جو اصلي وطن يا ته انڊيا آهي يا وري هيءُ به سائبيريا مان ڪهي اچي ٿو. انهن مان ڪي ته سڄو سيارو اتي گذارين ٿا ۽ ڪي وري سڄو سال رهي پون ٿا. ڪافي پنڌ اڳتي هڪ ناليءَ جي موري آئي، جنهن جي ڍڪن تي به پکي وينل ڏٺاسين. اهي ڳاڙهيون سرٿيون هيون. سندن پيٽ ڳاڙهو ۽ پٺي ڪاري هئي. پيٽ تي اڇا ڪارا دٻڪ به هئن. سرٿيون ڏسڻ کان پوءِ اهو آسرو ٿيو ته اڳتي هلي باز به ڏسنداسين.

مهرو ڍنڍ جي حد اچي چڪي هئي. پنهنجي ملڪ ۾ هوندي به هڪ انگريز، جو پکين جو چاهيندڙ (Bird Lover) هو، اسان جي ميزباني ڪري رهيو هو. هن ڍنڍ ۾ ٻري ٻري ٽائين لاکي ڄاڄين جا ولر چڳي رهيا هئا، پر انهن سان گڏ ڪٿي ڪٿي ڪارو ڪوٽ به نظر آيو ٿي. دوربين ڪٽي اکين تي رکڻ سان معلوم ٿيو ته ڪي پکي آهن، پر سڃاڻي نه سگهياسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو بہ ممڪن هو تہ ڪا ساوڪ يا وٽڪار هجي، يا ڪي ڪلر جا ڪارا ٽڪرا هجن ۽ رڄ ۽ رڻ جي ڪري ائين نظر ايندا هجن. مِهرو ڊنڊ ۽ چُولري ويئر* جي وچ تي اسان ڪجهہ ڏٻن وارا پکي پڻ ڏٺا. ٽيهر، واسڪوٽي ٽيٽا ۽ بيا ننڍا ٽيٽا، جيڪي Sand pipers سڏجن ٿا. سمر نالي اندر پاڻيءَ جي ڪنارن سان، يا ڪٿي ڪٿي نالي اندر ريٽ جي ٽڪرن تي پنهنجو رزق تلاش ڪري رهيا هئا. نالي جي ڪابي پاسي، جتي پڻ ساموندي وير جو پاڻي بيٺل هو ۽ پريان رڻ جا رنگ هئا، تن ۾ بہ ساوا بگهہ پنهنجو داڻو پاڻي ڳولڻ ۾ مشغول هئا.

ائين ٽيندي ٽيندي اسان اچي چولري ويئر پهتاسين. هتي چولري ڊنڊ جي پاڻي ۽ ٽائيڊل لنڪ ذريعي ساموندي وير جو هڪ پئي سان رومانس ٿئي ٿو. وير ڊنڊ جي پاڻيءَ کي مٿي ڌڪي وجي ٿي. پوءِ جڏهن ٽڪي ٽٽي موٽ ڪائي ٿي، تہ ڊنڊ جو پاڻي سمنڊ تائين سندس پيڇو نہ ٿو ڇڏي. اهو ٻنهي جو روز جو لقاءُ آهي. آبي زندگيءَ جي بچاءَ خاطر چولري ڊنڊ واري پاسي ڪان زير زمين (پاڻي هيٺان) هڪ بند ٻڌو ويو آهي، جيڪو گهربل تعداد ۾ پاڻي پنهنجي مٿان وهائي، باقي پاڻيءَ کي روڪي ڇڏي ٿو. هتي چولري ويئر تي مقامي ميربحرن جو ڌابو آهي. هي ميربحر سمنڊ مان اينڊڙ جهينگو ۽ مڇي ڦاسائين ٿا. مقامي ماڻهن مان هڪ اڌ ڪان جڏهن پڇيوسين تہ جهينگي جي پئداوار ٽائيڊل لنڪ ڪان اڳ وڌيڪ هئي يا هاڻ، تہ هنن ورائيو: ”اڳي وڌيڪ هئي.“ هاڻ گهٽ ڇو آهي جو سبب مسٽر بورڊن Over fishing ٻڌايو. سچ پچ تہ جهينگن جو هڪ وڏو ڊڳ، جنهن کي ڏُڪڏُگي ذريعي چڪيل پاڻيءَ ذريعي ڏوتو پئي ويو، ان ڳالهہ ڏي اشارو هو تہ هي ماڻهو ايڏي Over fishing ڇو ٿا ڪن ۽ ڇو نہ ٿا انهن جو نسل وڌڻ ڏين تہ جيئن سندن پئداوار وڌي؟ شايد نيڪيدار ۽ خود سندن لالچ ۽ ضرورتون ئي ذميوار هيون ان تباهيءَ جون.

مير بحر ننڍي وڏي مڇي ۽ جهينگي کي اصل ڦابو ڪيو ڇڏي. هاڻي وٽائن اها احلاقيات بہ موڪلائي چڪي آهي جو ننڍي مڇي ۽ جهينگي کي وري واپس پاڻيءَ ۾ ڇڏي ڏين. جيئن هو ماضيءَ ۾ ڪندا رهندا هئا. ۽ ٻونگن ۽ ساڻهن جي ٻچن کي مارڻ پاپ سمجهندا هئا.

---

* چولري ڊنڊ جي اُها جاءِ، جتي سمر نالي جي پاڻيءَ کي چاب ڏيئي روڪيو ويو آهي. جتان اهو آهستي آهستي ٿي هيٺ سمنڊ جي حد ۾ داخل ٿئي ٿو. وير چڙهڻ جي صورت ۾ سمنڊ جو پاڻي سڌو سمر نالي ڏانهن نہ ٿو وڌي، پر رڪاوٽ سبب ساڄي ۽ ڪابي پاسي ڏانهن پکڙجي وڃي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي تہ ڪيترا ئي پوءِ ڊاول ٺيڪيدار مهاڻن تي لٽ ڪنيو بيٺا آهن.
وڏي مڇي ۽ جهينگي کي برف ۾ وجهي انهي مهل مارڪيٽ پهچايو ڇڏين.
جڏهن تہ ننڍي لاوي/ پونگ کي پڌرن تي سڪائي ڪچ جي صورت ۾
مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪن. صورتحال اها آهي، جو ڏينهون ڏينهن مڇي ۽
جهينگي جي پيداوار گهٽجندي پئي وڃي، پر پوتار ۽ هنن جا ٻار سمنڊ سان
برسرپيڪار آهن. مهاڻا بہ سڌو سنئون سمنڊ سان جنگ جوٽيو بيٺا آهن.
جتي مڇي ۽ جهينگو گڏ ٿئي ٿو، جارين مان ڪڍيو وڃي ٿو ۽ ڪچ
سڪائي وڃي ٿي، اتي سمنڊ جا سهڻا پکي سيگل Sea gull گهڻي مقدار ۾
لامارا ڏيئي رهيا هيا. ايتري قدر جو مهاڻن جي پيڙين مان جهينگا/مڇيون
ڪڍي پيٽ ڪوت ڪري رهيا هئا. مون سي - گل جي مهاڻن سان اهڙي
حجت ڏسي ڪاٺئن پڇيو، ”هي توهان کان ڏڄن نہ ٿا؟“ مهاڻي کلي وراڻيو
”نہ! اهي هاڻ اسان سان هري مري ويا آهن. اسان سيپنيءَ جو گذران
آخرڪار مڇيءَ ۽ جهينگن تي ئي تہ آهي.“ اها ڪيتري قدر صحيح ڳالهہ
هئي تہ سي گل Sea gull مڇي ۽ جهينگو کائن ٿا، پر اتي انهن جي رش مان
پيو مطلب ڪڍڻ بلڪل بي سود هو. سي گل سامونڊي ڪناري وارن
علائقن، خاص ڪري ڊيڊن، ڊبن ۽ سامونڊي پاڻيءَ واري پٽن جي سونهن
آهن. هن جي چوڳي جي جاءِ سامونڊي ڪنارا ۽ ان جا ساحلي علائقا آهن،
پر مون ٻڌو آهي تہ هيءُ پکي آنا ساحلي واريءَ وارن دڙن ۾ لاهي ٿو، جتي
سون جي تعداد ۾ گڏجي هڪ قسم جو معاشرو قائم ڪري ٿو. آنا پٽ تي
ڏي ٿو، ان ڪري، انهن جي بچاءَ لاءِ ڪيس رات ڏينهن هڪ جاءِ تي يا آس
پاس رهڻو پوي ٿو.

لاڙ جا ماڻهو سي گل کي دوبائي (Dubai) چون. ننڍڙي ٽرن کي
خوري ۽ عام ٽرن کي ڪناءِ (Kinai) چون. انهن پکين جا نالا علائقي جي
حساب سان تبديل ٿيندا رهن ٿا.

چولري ويئر کي ڪراس ڪري اسان کي آئل برج ٽپي سم نالي
جي ڪابي پٽڙي ونئي هئي. چولري ويئر ۽ آئل برج جي درميان چولري ڍنڍ
۾ بي حساب پکي هئا. ڳاڙهي ڇهنب واري لاکي ڄاڄين کان وٺي جهنگلي
بدڪن (Ducks) تائين، خاص ڪري ڀهاڙن (Gadwalls) جون قطارون
ٽولن جي صورت ۾ تري رهيون هيون. انڊين جل ڪانئري (Indian
shag)، عام ڪانئري (Little Cormorant) ۽ ڪنيي جو ڪافي تعداد
موجود هو. هي ٽيئي پکي هڪ جهڙا ٿا نظر اچن. هندستاني ڪانئري ۽ عام
ڪانئري کي توهان پسيل زمينن يا سم ۽ ڪلر هيٺ ايل ٻنين، ڊنڍن، ڊورن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مِر ڪنهن نڙ جي تيلي يا پراڻي وڻن جي ٿڙن تي ويٺل ضــرور ڏٺــو هوندو. اڪثر ماڻهو هنن کي حرام سـمجهن ٿا. اها بـه سـنئي ڳالهـه آهي. انهن پکيـن جون فطري عادتون، رنگ ۽ نسل سنڌن بچاءُ جو وڏو ذريعـو آهي. ڪانئـرا، ڏيڏر، ننڍڙا نانگ، مڇيون وغيره ڪائي ويندا آهن. جيتوڻيڪ سنڌن پيرن مِر جاريون اٿن، پر تنهن هوندي بـه جنهن نالي سـان سنڌن نالو شـروع ٿئي ٿـو، ماڻهو ان نالي کـان ڪراهت ڪن ٿا. هي پکي بلڪل ڪارا ٿيـن ٿا، پر انهن مـان ڪنهي جي ڳچ تي اڪين هينيـان هڪ سـينٽي ميـٽر ويڪـرو ۽ ڏيڍ انچ ڊيگهه ڪيـر جهڙو ٽڪـو ٿئي ٿو. اهڙو ئي ساڳيو ٽڪو وڏي ڪانئري کي بـه ٿــئي ٿــو. پر اهو ڪنڌ ڏانهن لڙيل هوندو آهي. هن جي اک پڻ وچ بجاءِ سندس لوطي مٿي جي چوٽيءَ تي واقع هوندي آهي. سـيـنيءَ جون اکـيـون سايون هونديون آهن.

ڍنڍن کان هٽي ڪري جڏهن سمر نالي اندر ڏنوسين تـه هيڏي مٿي واريـن تورن جو هڪ وڏو ٽولو واريءَ جي هڪ ننڍڙي دڙي تي چڳي رهيـو هو. هي تورون، جن کي انگريزيءَ مِر Painted Storks چئبو آهي، هلڻ مِر زبردست اسـٽائلش آهن. مقامي ماڻهو هنن پکيـن کي چـرروڙ بـه چون. ڳالهـه هلي پئي تورن جي تور جي. اسـان مـور جي تور جو ذڪـر ڪـري نـه ڍاپنـدا آهيون، پر مان سـمجهان ٿو تـه جنهن هن قسمر جي تُور کي هلندي ڏٺو هوندو، سو چوندو، ”واقعي! هن پکيءَ جي تور پنهنجو مٽ پاڻ آهي.“ توهان مان ڪنهن، سرڪس مِر بن بانسن جي پنجرن/ڏنڊن ذريعي هڪ بي پرواهـه ماڻهوءَ کي هلندي ضرور ڏٺـو هوندو. ان جي تور ۽ چـرروڙ جي تور مِر ٿڪي جيترو بـه فرق ڪونهي. هيءُ پکي اڪثر ڪري وڻن تي آکيرا ناهي ٿو ۽ ٿڌن ملڪن مِر تـه چنيـن کـان بـه نـه مڙندو آهي. ڊجي گهٽ ٿو. نانگ، ڏيڏر، ٿڌن، ساون مـڪـڙن ۽ مڇيءَ تي گذران اٿس. تور ڳچي سـڌي ڪري اڏامي ٿي ۽ اڪـثر ولر مِر هجرت ڪري ٿي. ڍبن، گپ وارن زمينن ۽ گاهـه وارين زمينن مِر چوڳو ڪري ٿي. هيءَ جڏهن بولي ٿي تـه چهنب کڙڪائي ٿي.

هيـڊي مٿي واري تور سـان گڏوگڏ ٽائيـڊل لنڪ ٽيٽن جي ڪيترن ئي قسمن، جهڙو جهنگ مِر چڳندڙ ٽيٽن (Wood sand pipers) ۽ عامر ٽيٽن (Common sand pipers) گـروٽيـٽن، واسـڪوٽي ٽيـٽن، ڳاني وارن ٽيـٽن Little Ringed Plovers، ٽيـٽيهرن ۽ ٽيـٽن (Common snipes) جو پـڻ مرڪـز تي چڪـي آهي. ٽيٽا تـه هونئن سڄي سنڌ جي آليـن زمينن، ڍبن، ڍنڍن ۽ ڍورن کي پنهنجو گـهـر ڪري چڪـا آهن، پر ٽائيـڊل لنڪ کي اهو اعـزاز ساموندي پٽيءَ منجهان گذرڻ ڪري مليو آهي. سمنڊ جو ساحل ويجهو هئڻ

ڪري ۽ وير مٿي چڙهي ڍنڍن ۾ پوڻ ڪري، انهيءَ خاص ماحول جا پکي ٽائيڊل لنڪ ۾ پنهنجو چوڳو ڪن ٿا. جو تہ هي سم نالو پاڻ سان گڏ چئن ضلعن جو پاڻي ڪٺي اچي سمنڊ ۾ اڇلائي ٿو، جنهن ڪري هن ۾ مٺي پاڻي ۽ کاري پاڻي - ٻنهيءَ جا جيت ۽ ٻي حيات موجود آهي.

لاڙ جا ساحلي علائقا، جيڪي گهڻو ڪري هيناهين صاف پٽن جي صورت ۾ آهن، جتي گاهہ بہ آهي تہ رڻ بہ آهي، واري بہ آهي تہ ڪلر بہ آهي. اهڙي قسم جو ماحول پوراڙن Curlews لاءِ بنهہ موافق آهي. هيءَ پکي ساحلي علائقن جي خشڪ توڙي آلي واريءَ ۽ ريت ۾ پنهنجي رزق لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو. رهڻ لاءِ اُنهن علائقن کي ترجيح ڏئي ٿو، جتي جهنگ بہ هجي تہ رڃ بہ هجي. هيءَ سمنڊ جي ڪنارن سان هجرت ڪري ٿو. سندس هجرت جي مند سيارو آهي. هي وڏي سي گل جيڏو ٿئي ٿو. سندس چهنب ڊگهي ۽ ڪماڻ جيئن هيٺ تي مڙيل ٿيندي آهي. هن جي اکين يا ڪنهن ٻي حصي تي ڪي پٽا وغيره نہ ٿين. هيءَ پکي چيني رنگ جو ٿيندو آهي. هن جو پيٽ اڇو ۽ ارهہ پيلو ٿيندو آهي. سندس ٻولي ڏاڍي سريلي ٿئي ٿي. ٽائيڊل لنڪ تي چولري ويئر ۽ آئل برج جي وچ تي ٻن قسمن جا پوراڙا ڏٺاسين. وڏي چهنب وارو پوراڙو ۽ پاھٽي پوراڙو.

پاھٽي پوراڙو ڊگهي چهنب واري پوراڙي کان گهڻو مختلف ٿئي ٿو. هن جون اکيون وڏيون، پيليون ۽ ڪنين جي پيٽ ۾ نمايان ٿين ٿيون. پٿريلي علائقن ۾ رهي ٿو. جيت جٺا، پوپٽ پنيوربون ۽ ڪٽا ماري کائي سگهي ٿو. پيچ بين پوراڙن جي پيٽ ۾ وڌو ٿئيس. هي ٽائيڊل لنڪ اندر هڪ سڪل ٽڪريءَ تي چڳي رهيا هئا. جنهن جي چوڌاري سم نالي جو پاڻي وهي رهيو هو. اصل وطن آفريڪا اٿن. جڏهن تہ يورپ ۾ تمام ٿوري تعداد ۾ رهن ٿا. زمين جي سطح سان اڏامندو آهي. سندس وڏن ٻاهرين پرن مٿان سفيد قسم جو پٽو نظر اچي ٿو. رنگ ۾ جڻ تہ چندبول هجي، پر هن جا رنگ گهرا ٿين ٿا. سنڌ ۾ هن کي ڪروانڪ، ڪاربان ۽ پليئرس جي نالن سان بہ سڏيو وڃي ٿو. هي لوڪل آهي.

ٽائيڊل لنڪ ايريا هڪ اهڙو خطو آهي، جتي سمنڊ جو پاڻي، سم نالن جو تي سؤ فٽ زير زمين وارو پاڻي، لاڙ جي ڍنڍن جو مٺو ۽ کارو پاڻي (جنهن مان هيءُ نالو گذري سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿو) ۽ ڪوٽڙي بئراج جو فالتو يا چنڊيل پاڻي پاڻ ۾ ملي ڪري هڪ نئين قسم جو ايڪو سسٽم وجود ۾ آڻين ٿا. هن دفعي جڏهن اسان بند تان گذري رهيا هئاسين تہ فقط بہ ڏينهن اڳ پيل زبردست مينهن سبب سڄو بند گپ ۽ چڪ ۾ پريو پيو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سمر نالي جي ٻنهي پاسن کان پاڻيءَ جون ڇرون ٻيٺل هيون. هني جي آبي زندگي هن موسم ۾ ڏاڍي خوش گذاري ٿي. خوش ان حوالي سان، جيئن هن ملڪ ۾ اسان سڀ گذاريون ٿا. سنڌ جي ٻين حصن وانگر هتان جي جهنگلي جيوت به بي يارمددگار آهي. جهنگلي جيوت ۽ شڪار کاتو ٻاهرين مهمانن کي وني هتي سائيبريا کان پاڻ ڪهي آيل مهمانن مٿان ڪڙڪائي ٿو. نتيجي ۾ تر جي ماڻهن مطابق، جيڪو شڪار لڪ چوريءَ ۾ ٿئي ٿو، اهو انهن "شير شاهه جي شڪرن" جي مينيج (Manage) ڪيل قتل عام کان ڪي حصا گهٽ هوندو آهي. جتي ايڏي ڀرپور انداز ۾ موجود آبي جهنگلي جيوت واري علائقي جو سرڪاري سطح تي ڪو تحفظ ڪونهي، اتي بيا سرڪاري ادارا پڻ انهيءَ گگدامر مخلوق جي سر جا دشمن بڻيو وينا آهن. مثال طور اسان جڏهن رينجرس جي چوڪيءَ جي هڪ سپاهيءَ کان پڇيو، "هتي پلا ماڻهو توهان جي سامهون شڪار ڪن؟"

ته هن وراڻيو: "نه. پر جيڪڏهن ڪو واقف ڪار نڪري پوندو آهي ته ان کي اسان جهليندا نه آهيون." هجڻ ته هيئن کپي جو سرڪار کي خاص طرح سان "بادر سيڪيورٽي فورس" کي جهنگلي جيوت توڙي ٻي حيات، جنهن ۾ جڙي ٻوٽيون ۽ وڻ ٽڻ اچي وڃن ٿا، جي تحفظ لاءِ معلومات ۽ ٽريننگ ڏيئي پوءِ اماڻڻ گهرجي. سنڌ جو ڪوسٽل بادر هجي توڙي ريگستاني باردر، اڻ پڙهيل ماڻهن کي ڊورن جيئن ايجنسين ۾ ڀرتي ڪري اماڻڻ، ملڪ توڙي مالڪ جي هن حسين ترين ڪائنات جي ٻي زبان مخلوق لاءِ قطعي ڪنهن به صورت ۾ فائدي مند ناهي. ٿر ۾ مورن جو قتل عام ۽ خيرپور جي ريگستاني بادر سان رينجرس جي سپاهين هٿان هرڻن ۽ ٿاڙهن جو زيان ۽ ساحلي علائقن ۾ ڪوسٽل گارڊز ۽ رينجرس هٿان ڪونجن ۽ ٻين قيمتي (اڻ لڀ) مهمان پکين جو شڪار، ادارن ۾ ويٺل ذميوار ماڻهن جي فطرت ۽ فرض کان لاپرواهي ۽ لاتعلقي جي اظهار کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي. نه ته ذميوار ادارا پاڪستان جي آئين ۾ رهندي اهڙي قسم جي لڪ پڙهه نه فقط ڪري سگهن ٿا، بلڪ هڪ ٻئي تي زبان گوريءَ جا ڪيس به داخل ڪري سگهن ٿا. پر:

جهان حيات کو لگا هے کينسر مسيحائون سے
اس ملک کي مٽي ميں کيون کر اگيں خوشبوئون کے پودے

آئل برج ڪراس ڪري اسان ٽائيڊل لنڪ جو ڪاٻو ڪنارو ورتوسين. هتان کان شاهه سمنڊو ڪريڪ سترنهن يا ارڙهن ميل ڪن پري آهي. جيئن جيئن اسان سمنڊ کي ويجهو ٿيندا وياسين، تيئن تيئن سي ڳل.

ڪيناءِ ۽ پيٽ پکين ۾ اضافو ٿيندو ويو. لاڙ جي ان بيلٽ ۾، جن پڙهندڙن رچرڊ برٽن جو ڪتاب Falconery in the valley of Indus پڙهيو هوندو، باز جو شڪار جام ٿئي. ڪي ماڻهو اهو ٻڌي حيرت ۾ وڃي ويندا ته: "باز جو به شڪار ٿئي؟"

ان معاملي ۾ اسان تڏهن ڏاڍا خوش قسمت نڪتاسين، جڏهن اسان جي دوست بورڊن جي ماحولياتي آفيسر اقبال صاحب گاڏي بيهاري اسان کي آس پاس ۽ پري پري تائين پکڙيل رڻ ۽ سمنڊ جي چڙهندڙ وير ۽ ڏندن ۾ رزق جي تلاش ۾ چڳندڙ پکين جي ديدار جو موقعو ڏنو. گاڏيءَ تان لهي، ڪاٻي هٿ تي سم نالي جي بند سان رڻ جي سڪل هڪ وڏي پٽ تي جڏهن منهنجي نظر ڊوڙڻ لڳي ته مون ڏٺو اقبال صاحب اسان کان ايڪڙ پنڌ ڪري، هڪ همراهه سان ڪجهه ڳالهائي رهيو هو. سندن پير ۾ هڪ عجيب جاءِ هئي، جا پري کان قبر پئي لڳي. مان بند لهي جڏهن ٻنهي همراهن تائين پهتس ته مون ڏٺو امين ٻهڻ به مون سان گڏ بيٺو هو. اسان ان همراهه کان پڇيو ته، "توهان هتي هن رڻ پٽ ۾ ڇا پيو ڪريو؟"

"بس ائين ئي، تيتر وغيره جو شڪار!" هن بي رخيءَ سان وراڻيو. اوچتو منهنجي نظر هڪ ننڍڙي ڪلي تي پئي، جنهن جي اوچائي ٽي فٽ کن ٿيندي. هيءَ ڪلو زمين ۾ کُتل هو ۽ ان جي چوٽيءَ تي ڪو پکي ويٺل هو. مون کي شڪ سو ته آخر اهو ڪهڙي قسم جو پکي آهي ۽ هيءَ قبر نما جاءِ، جنهن کي هڪ پاسي کان وڏا وڏا سوراخ آهن، ڇا جي آهي؟ مون کي سنڌ جي مشهور صحافي اسحاق مگريي جي هڪ ڳالهه ياد آئي، جيڪا هن مون کي سفر تي رواني ٿيڻ کان ڪجهه منٽ اڳ ٻڌائي هئي. هن چيو هو ته: "ايڏانهن توهان هوندين به وڃو پيا، پر رڻ ۾ انهن همراهن کي ڏسڻ جي ڪوشش ضرور ڪجو، جيڪي مهينن جا مهينا بازن جي انتظار ۾ پيا اچ ۽ بکون ڪاٽيندا آهن ۽ اس ۾ پيا ڪڙهندا آهن."

اهو سڀ ڪجهه ياد ايندي ئي منهنجي دلچسپي اڃا به وڌي وئي. مون هن کان پڇيو: "اهو ڪلي تي ڪهڙو پکي ويٺو آهي؟" هن وري به لاپرواهيءَ منجهان وراڻيو: "بدور."

"اهو ڇا جي لاءِ ويهاريو اٿؤ؟"

"بس ائين ئي."

"ان سان باز وڙهندو آ ڇا؟" امين پڇيس.

"ڪڏهن ڪڏهن."

اقبال پوئتي موٽي ويو. اسان همراهه کان تفصيلي ڳالهيون پڇڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳاسون.

”جي تون باز جهلي به وٺين ته توکي گهڻا پئسا ملندا؟“

”اهي ڏهه ويهه هزار.“ هن بيزاريءَ مان چيو.

مون محسوس ڪيو ته موضوع ڏاڍو دلچسپ آهي، ان ڪري جلديءَ ۾ ٿي پوئتي موٽي آيس. هن دفعي منهنجي ذهن ۾ ٻي ڳالهه هئي. مون بورڊن کي چيو:

"Mr.Borden, if you don't mind we should take a couple of photographs of that gentleman and his kestrel?"

بورڊن وڏي خوشيءَ سان منهنجو عرض قبول ڪيو، ۽ اسان سڀ – الهه ورايو ڀھڻ، اقبال صاحب ۽ ٻيا دوست، ان همراهه جي ان پکيءَ تائين وڃي پهتاسون. هو اسان جي پرسان پئي آيو ۽ هن جي ڳالهائڻ ۽ لهجي مان لڳو پئي ته هن اسان سان الاهي ڪوڙ پئي هنيا. جڏهن اسين ”پڙ“ تي پهتاسين ته اُهو ننڍڙو باز ”ڦر“ ڪري وڃي ميدان تي ويٺو، جو ته هن جي ٽنگن ۾ سنهي پر پڪي ڏور ٻڌل هئي. اتان وري اڏايو سين ته اچي ان ساڳئي ڪلي تي ويٺو. مسٽر بورڊن ان جا ڪجهه فوٽو ڪڍيا ۽ اسان شڪاريءَ جي وچايل ٽڪسات کي چڱيءَ طرح سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳاسون. هن اسان سان تمام گهٽ تعاون پئي ڪيو. هن سمجهيو پئي ته اسان صحافي آهيون ۽ ٻئي ڏينهن سندس خلاف ڪا وڏي خبر اخبار جي سرخين جي زينت بنبي.

بدوَر (Kestrel) هڪ ننڍڙو باز آهي، جو جهرڪين ۽ ٻين ننڍن پکين جو شڪار ڪري ٿو. هن جو مٿو ۽ ڪنڌ طوطي وانگر ڌڙ سان جڻ ته پيوند ٿيل هوندا آهن. سندس ڪنڌ تي پيلا سليٽي رنگ جا ٽڪا ٿيندا اٿس. هن جون ٽنگون پيليون ٿينديون آهن. بدين ۽ ٺٽي جا ميربحر ۽ ٻيا خفتي، جيڪي گهڻو ڪري عربن جا ايڊوانس ۾ قرضي هوندا آهن، سي هن باز جي مدد سان ٻين گهربل بازن کي ڦاسائيندا آهن. هن باز تي پرمار، جهنگلي باز، چرخ، ڪڙل ۽ بحري باز جو شڪار ڪيو وڃي ٿو. ميزبان باز جي انهيءَ خاصيت جي ڪري کيس Decoy bird پڻ سڏيو وڃي ٿو.

سڀ کان پهريان شڪاري بدوَر کي هٿ ڪندو آهي. گهڻو ڪري عربن جا گماشتا يا چاڙتا يا پاڙيتو کيس اهو باز مهيا ڪندا آهن. ان کان پوءِ هو چار هٿ ڪندو آهي يا خريد ڪندو آهي، جنهن کي هو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ”ڏيبي“ چوندو آهي. ڏيبيءَ سان ٻن ٻن فوٽن جا لڪڻ هوندا آهن. جنهن سان اها ٻڌل هوندي آهي. ٻنهي لڪڻن جا زمين جي مٿاڇري تي هڪ يا ٻه انچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اونهيا پيا نهيل هوندا آهن، جن ۾ انهن کي لڪايو ويندو آهي. انهن لڪڻ جي ٻنهي چوٽين ۾ هڪ ڏور ٻڌل هوندي آهي، جنهن جو ڪنٽرول شڪاريءَ جي هٿ ۾ هوندو آهي. شڪاري چند قدمن تي اڏيل پنهنجي پناهه گاهه، جنهن کي هو "ڪوڪو" چوندو آهي، ۾ لڪل هوندو آهي. شڪاريءَ جي ٻئي هٿ ۾ بدوَر جي ٽنگ ۾ ٻڌل ڏور هوندي آهي. بدور جنهن ڪلي تي ويٺو هوندو آهي، ان جي بلڪل سامهون ڍبيءَ جي ٻئي طرف کان زمين اندر هڪ ننڍڙي کڏ ۾ ٽيتي يا ڪنهن چوزي کي ويهاريو ويندو آهي.

جڏهن باز جي بدور تي نظر پوندي آهي ته هو وڙهڻ لاءِ وٽس ايندو آهي ۽ بدور ڏوريءَ جي ڊيگهه جيتري ميدان ۾ باز کان پڄڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پوءِ ڪوڪي ۾ ويٺل شڪاري بدور واري ڏوريءَ کي آهستي آهستي ڇڪي، ان کي ان جي دائري ۾ اچي بيهاري ٿو، ۽ جڏهن باز سندس پيڇو ڪندو، ان ميدان ۾ لهي، ڪيس پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ته شڪاري هڪدم ڇڪ ڏيئي، مٿس ڄار ورائي ڇڏيندو آهي.

انهيءَ سڄي عرصي ۾ شڪاري ڏسندو ته جي باز، باز کي نه ٿو جهلي، ته پوءِ هو ڏور کي ڇڪ ڏيئي لِڪايل ٽيتي کي ٻاهر ميدان ۾ آڻي ڇڏيندو ۽ بدور ٽيتي کي ڏسي مٿس حملو ڪندو ۽ بيو باز، خاص ڪري پرمار، ان کان اهو ڦرڻ لاءِ ميدان ۾ لهندو ۽ شڪاريءَ جي ٽڪسات ذريعي ڍبيءَ جي مار واري ميدان تي ان کان اهو ڦرڻ جي ڪوشش ڪندي ڄار ۾ ڦاسي پوندو.

ڪڇ جي رڻ ۾ سمنڊ جي ساحل سان شڪار جي ان قسم جو رومانس بيحد جاکوڙ ۽ انتظار جو ڪم آهي. شڪار، جي لڳي ته هڪ منٽ ۾، جي نه لڳي ته چار چار مهينا انتظار ڪرڻو پوي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ته سالن جا سال لڳي وڃن ٿا. ٽائيڊل لنڪ جي ڪابي ڪناري سان ان ڪوڪي واري همراه کان مون جڏهن پڇيو ته، "تون ٿڪي نه پوندو هوندين؟ پوءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ٿو ڪرين؟"

هن ٻڌايو ته هو هڪ ڄڻو نه آهي. هو چار همراهه آهن. چاريئي ڀائيوار آهن. هنن لاءِ ماني عربن جو ٺيڪيدار ڪٽي ايندو آهي. ڪين پاڻي، تازو گوشت ۽ چانهن پتي ڏيئي پاڻ هليو ويندو آهي. هي همراهه سمنڊ جي انهن ملاحن جيئن پنهنجون نظرون به پنهنجي باز ۾ کپايو ويٺا هوندا آهن، جن جا وار هيرن واري سپ تلاش ڪندي ڪندي اڇا ٿي وڃن ٿا.

سنڌ ۾ ڊيڪوائي Decoy bird ذريعي شڪار جا باني ملاح آهن. هي ملاح قوم جا بندر ۽ ... جن جا ... سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ ۾ ۽ رڻ

جي زهريلي واريءَ تي هلندي هلندي چالا ٻڌجي چڪا آهن، عشق جي حد تائين ان شڪار جا عادي ٿي پيا آهن. جيئن منڇر جا ملاح جوا ۾ پنهنجو الهہ تلهہ بہ هارائي ويهندا آهن، تيئن لاڙ جا هي ديوانا شڪري باريءَ ۾ پنهنجا ٻار ٻچا بہ وساري ويهندا آهن.

عربن جي پئسي جي چمڪ جو سنڌ جي جهنگلي جيوت کي ڪتائڻ ۾ بہ اهم ڪردار رهيو آهي. تلور، هرڻ، ڦاڙهي، ڪونجن توڙي ٻازن لاءِ هي صحراء جا عياش ماڻهو، ماڻهو ذريعي ماڻهن جي زنجير خريد ڪري وٺندا آهن. پاڪستاني ماڻهو عربن اڳيان ڏاڍو عاجز آهي. ائين جيئن پنهنجي سرڪار آمريڪين اڳيان- سبب ساڳيو آهي. پئسو ۽ Visa - جنهن جو ڪائنجي ان جو ڳائجي. پاڪستان ۾ اقتدار ڇو تہ Pro-Punjabi رهيو آهي، ان ڪري عربن جي هنگڻ ڪان وٺي سنڌن .... تائين حڪومت بندوبست ڪري ٿي. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ "پئسو نر کي بہ ..... ڪري" سو ڳالهہ هلي پئي سنڌ جي جهنگلي جيوت جي ۽ اها بہ لاڙ واري پاسي جي. لاڙ جا ميربحر مڇيءَ جي ٺيڪيدارن ۽ عربن جي رازدارن وٽ ائين قرضي آهن، جيئن ڀيل ڪولهي سنڌ جي زميندارن وٽ هنن ٺئي ۽ لاڙ کي ٻازن جي بين الاقوامي منڊي بنائي ڇڏيو آهي. سنڌو درياءَ ۽ ناري جي سيسرن جي نسل جو خاتمو تہ هن قوم اڳ ۾ ئي ڪڍي ڇڏيو، هاڻ واڳونءَ جي بوئين نسل جو ڪنڌاٺو بہ هي رڌڻ وارا آهن.

تازو عالمي بينڪ جي مدد سان ڪم ڪندڙ واپڊا جي ماحولياتي اداري ۾ هڪ تجويز گردش ڪندي ٻڌي وئي آهي تہ تائيدل لنڪ کي "پکين جي پناهہ گاهہ" بنائڻ جي رٿا آهي، جنهن لاءِ WWF ۽ IUCN سنڌن مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ڪجهہ نہ هئڻ کان ڪجهہ هئڻ بهتر آهي، پر WWF ۽ IUCN جا سينيون، جيڪي عملي طرح سان Nature جي "ڪنزرويشن" ۾ رڳو اها مدد ڪندا رهيا آهن تہ ـــ شڪارين، جهنگلي جيوت جي نسل تباهہ ڪندڙن، عربن ۽ خود حڪومتي اهلڪارن، وزيرن، مشيرن تي هنن ڪڏهن بہ ڪو ڪيس نہ ڪيو آهي. هنن ڪڏهن بہ اهو آواز نہ اٿاريو آهي تہ انهيءَ کي ڇو ٿا ماريو؟ هنن ڪڏهن بہ فيلڊ ۾ وڃي ماڻهن کي آماد ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي تہ: "هاٿي بس ڪريو! گهڻو ٿي چڪو."

ان کان وڌيڪ افسوس جي ڳالهہ اها آهي جو WWF وارا تہ خود خطرناڪ جانور دشمن شڪارين ۽ واڳن، لڌڙن ۽ ارڙ بلائن جون کلون وڪڻندڙن جي سرپرستيءَ ۾ وڃي هي علائقا ڏسن ٿا، جتي جهنگلي جيوت جي ڏپ ئي ڪونهي.

هوڏانهن IUCN وارا چون ٿا تہ هنن ٽائيڊل لنڪ وٽ شاهہ سمندو ڪريڪ ۾ پنجاهہ هزار تمر جا ٻوٽا پوکيا آهن، پر جڏهن اسان اتي پهتاسين ۽ هنن جا پوکيل ٻوٽا ڏناسين تہ ڏڄي ڳالهہ ڪبي، چار سؤ مس ٿيندا. باقي ڇڙوڇڙ ٻوٽا پئدا ٿيا آهن، جيڪي پوکيل ناهن ۽ پاڻهي ئي پئدا ٿيا آهن. خود هڪ ماحولياتي ماهر جون امي "فائينڊنگس" هيون تہ: "هي ڪوڙ ٿا ڳالهائين تہ اهي ٻوٽا هنن جي ڪوشش ڪري پئدا ٿيا آهن".

شاهہ سمندو ڪريڪ وٽ بيهي ٽائيڊل لنڪ بند تان جڏهن سمنڊ ۾ ڏسجي ٿو تہ پري پري تائين تمر جا وڏا وڏا وڻ ڦهليل نظر اچن ٿا. اهو تعداد آهستي آهستي وڌي رهيو آهي. مون اتي ڪنهن دوست کان پڇيو تہ، "ڇا هتي انن وارا جت ڪونهن؟" ان دوست ورائيو تہ، "نہ، هت جت رهي نہ ٿا سگهن. ڇو تہ هتي انن لاءِ ڪو مستقل چرا گاهہ ناهي."

هتي اچي جتن جي ڳالهہ ان ڪري ڪرڻ چاهيم، جو جاتي توڙي ڪيٽي بندر ۽ جنگي سر واري پاسي انهن ساڳين اونٺن (جتن) تمر جو ڪافي ستياناس ڪيو آهي. هاڻ تہ ان علائقي جا اصل وارث پنهنجي مال ۽ ٻارڻ لاءِ ان خوبصورت ساموندي وڻ کي وڍي، ان جو بڻ بٽياد روڙڻ ۾ پورا آهن. شاهہ سمندو ڪريڪ وٽ بيهي ٽائيڊل لنڪ جي آخري ڇيڙي وٽان جڏهن اوڀر-اتر طرف نهاربو تہ وچ پاڻيءَ ۾ (وير چڙهڻ واري حالت ۾) شاهہ سمندو رحہ جو رنگين مقبرو ڏسڻ ۾ ايندو. هتي هن بزرگ جي مزار تي هر سال ميلو لڳندو آهي ۽ پيڙين جون قطارون ماڻهن سان ڀرجي هن بزرگ جي حاضري ڀرڻ اينديون آهن.

ٽائيڊل لنڪ جو هينئر حال اهو آهي جو ان جو ساڄو بند وير چڙهڻ ۽ لهڻ ڪري ڀڪون ڏيندو ڪاڄندو پيو وڃي.* LBOD وارن جتوئيڪ بند جي ڪچ ۾ جڪ (يڪ) ۽ ڪلا هنيا آهن، پر اهو ڪو مستقل حل ڪونهي. ڪٽي ڪٽي بند تي ٻاهران مٽي آڻي ان کي وڌايو ويو آهي، جو تہ ٽائيڊل لنڪ وٽ سُڪي مٽي ملڻ خود هڪ وڏو مسئلو آهي. چوڏاري ڊنڊون آهن، وچ ۾ بند جي رڱو هڪ لڪير نظر اچي ٿي. بند جا ڪنارا ٻورين سان پوريا ويا آهن، پر سمنڊ بيپرواهہ آهي، ان جو پاڻي بيحد کارو ۽ ڇوويهہ ڪلاڪ هلچل ۾ آهي، ان ڪري اندازو اهو ئي آهي تہ ڏهن سالن کان پوءِ اهو علائقو وري سمنڊ سان هڪ ٿي ويندو. انجنيئرن کي ڦنديون پگهارون ۽ ڪميشنون، ملڪ تي چڙهندو قرض ۽ ماڻهن تي چڙهندي مهانگائي.

* گذريل ساموندي طوفان دوران ٽائيڊل لنڪ ڪئنال تباهہ ٿي چڪو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان حقيقت ۾ پکين جي مڪمل ۽ هر قسم جي کيپ پهچڻ کان اڳ ئي هتي پهتاهاسين، ان ڪري هنجهر، تورانداِ، نيرڳ، اڇڙا، آڙيون ۽ ٻيءَ ويرانٽي اجا آهستي آهستي اچي رهي هئي. آڙين، ڊگوشن ۽ چيڪلن جا ڪجهه ولر پاڻيءَ ۾ چڳندي ڏٺاسين.

واپسيءَ ۾ آئل برج کان گولاڙچي وارو رستو ورتوسين، جيڪو سنهڙي ۽ ميهرو ڍنڍن مان ٿيندو، بيئراج واري زمين ۾ پوي ٿو ۽ اتان گولاڙچي اچي ٿو. رستي تي روڊ سان ڍنڍن ۾ بيٺل بجليءَ جي تارن ۽ کنڀن تي بازن جا ڪجهه نسل ڏٺاسين. خاص ڪري مڇي مار (Osprey)، سرڻ (Black kite)، ڳاڙهي سرڻ (Red kite) ۽ Steppe Eagle. روڊ سان هڪ جاءِ تي ڪارو تتر ۽ ان جي مادي ڏٺي سين. گولاڙچيءَ کي ويجهو پوندي ڪامن ۽ ڍورن ۾ جهنگ ڪڪڙيون ۽ ڪينٽائيون به نظر مان گذريون. هي پکي ڪليل پاٽي يا چرن ۾ گهٽ چڳندا آهن. انهن کي لڪ ڪپي، ان ڪري اڪثر ٻن، ٽڙ ۽ وڏي گاهه وارن ڍورن ۾ ڏٺا ويندا آهن.

مجموعي طور تي جي نتيجو ڪڍجي ته ٽائيڊل لنڪ ۽ ان جي آس پاس واريون ڍنڍون آبي جيوت لاءِ-خاص ڪري پکين لاءِ جنت کان گهٽ نه آهن. جيئوٽيڪ ڍنڍن ۾ پري پري تائين وٽراهه جو نالو نشان نه آهي، پر تنهن هوندي به جهينگن، پلي ۽ ٻين مڇين جي پالنا ۽ انهن جي نسل جي واڌ ويجهه لاءِ هن علائقي کي محفوظ علائقو قرار ڏئي سگهجي ٿو. هيءَ هڪ آئيڊيل ماحول آهي، جتي پلي ۽ جهينگي جي ختم ٿيندڙ نسل کي بچائي سگهجي ٿو. ان کان علاوه پکين جي بچاءَ ۽ واڌ ويجهه لاءِ به سنڌ ۾ هن کان وڌيڪ موزون علائقو ٻيو ڪٿي به ڪونهي. ان ڪري هن علائقي کي "پکين جي پناهه گاهه" 'Birds' Sanctuary قرار ڏنو وڃي ته مستقبل ۾ سنڌ لاءِ قدرت طرفان موڪليل انهن خوبصورت تحفن جو نه فقط اضافو ٿيندو، بلڪ انهن کي ڏسي اسان کي اهو احساس پڻ ٿيندو ته اسان به مالڪ جي سڀ کان پياري ۽ خوبصورت ڌرتي تي پيا رهون!

ڍنڍن ۾ [illegible] جيترو تلاءُ ۾ وينل هي [illegible] آهن [illegible]
پاڻيءَ کان بچائڻ لاءِ اسان کي به اوترو سوچڻو پوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناري جا واڳون



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناري جا واڳون



اسان جا واڳون ڳيڏانهن تا وڃن، هن تصوير مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. فوٽو ڪرٽسي، نيشنل جاگرافي (جون 1996)

نارو ڪينال پنهنجي هئيت ۾ هڪ درياهه آهي. ڪنهن زماني ۾ هيءُ هاڪڙي درياءَ جي هڪ ڇاڙ هئي، جيڪا موجوده نارا ڪينال واري رستي سان ٿيندي وڃي ڪڇ جي رڻ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. سيلابن جي موسم ۾ نارو، سنڌو درياءَ جو سيلابن وارو پاڻي، جيڪو درياءَ جي ڪاهي پاسي ڪان اٿلي اچي منجهس پوندو هو، ڪٺي سمنڊ تائين پهچائيندو هو. پر هاڪڙي جي اچانڪ سڪي وڃڻ ڪري هيءُ سنڌوءَ جي هڪ ڇاڙ بڻجي رهجي ويو. بعد ۾ انگريزن اچي پنهنجي دور ۾ هن جي ڇوڏاري بند ٻڌرايا ۽ روهڙيءَ وٽان هن جو اصل مهڙ ڦيرائي، ڪيس موجوده شڪل ۾ قائم ڪيو. جيئن ته هيءُ پنهنجي فطرت ۾ هڪ ننڍڙو درياهه هو، جو پنهنجي پيٽ ۾ سيلابن جا ريلاڪٽي هلندو هو، جنهن ڪري پوڌون ايندڙون هيون ۽ لڏپلاڻ ٿيندي هئي. پر جڏهن پاڻيءَ ۾ لاٽ ايندي هئي، ته اتي ڍنڍون ۽ ڍورا قائم ٿي پوندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگريزن جي بند ڏيارڻ کان پوءِ اهو سلسلو گهٽي حد تائين گهٽجي ويو ۽ مکيءَ جا ماڻهو ناري جي اوپر طرف، جتي هينئر چوٽياريون ڊيم تيار ڪيو پيو وڃي، ٻنيون ٻارا پوکيندا هئا.

پر سيلابن کي نظر ۾ رکندي، ناري جي ساڄي توڙي کابي پاسي کان چندٽيون قائم ڪيون ويون، جيڪي اضافي پاڻيءَ کي اڳ ۾ ئي قائم ڪيل ڍنڍن ۽ ننڍن ننڍن ڍنڍن ۾ جمع ڪنديون هيون.

ناري تي جديد آبپاشي نظام قائم ٿيڻ کان پوءِ ڍنڍن جو اهو سلسلو فقط کابي پاسي ئي قائم رهي سگهيو. پر ساڄي پاسي وارين ڍنڍن مان اڪثر ڍنڍون، جيڪي خيرپور، نواب شاهه، سانگهڙ، ٿرپارڪر ۽ بدين ضلعن تائين پکڙيل هيون، پنهنجو وجود برقرار رکي نه سگهيون. انهن ڍنڍن جي ختم ٿيڻ جا ڪارڻ آباديءَ جو وڌڻ، ڍنڍن کي آبادي لائق زمين ۾ تبديل ڪرڻ ۽ ناري جي ساڄي ڪپ تي واهن جو قائم ٿيڻ هو.

نتيجي طور ان پاسي کان تمام ٿورڙيون ئي ڍنڍون وڃي رهيون هيون، جيڪي پٽن جي وڏن سلسلن جي وچ ۾ هجڻ جي ڪري اڄان تائين آبادي لائق زمين ۾ تبديل ٿيڻ کان بچنديون پيون اچن.

ناري جي اولهه اوپر طرف پاڻيءَ جي ان ڦهلاءَ سبب هڪ اهڙو ڪلچر پيدا ٿيو، جتي ماڻهن ڌرتيءَ جي ماحول مطابق پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ تبديليون آنديون. هڪ وڏو تعداد مالوند ماڻهن جو اڄ به ناري جي ٻنهي پاسن کان آباد آهي. ملاحن جي گهڻي آبادي ناري جي ڍنڍن ۽ بندن تي ڳوٺن جي شڪل ۾ وسي ٿي. باقي آس پاس اهي ماڻهو آهن، جيڪي يا ته واپار ڪن ٿا يا ته وري زراعت سان لاڳاپيل آهن.

حياتيات جي ورڇ:

ناري جي ايڪالاجي سنڌو درياهه تي قائم ٻين واهن کان گهڻو مختلف آهي. هن جي ٻنهي بندن سان اڃا به ٿورو گهڻو ٻيلو جهنگ جي شڪل ۾ موجود آهي، جو پاڻيءَ توڙي جهنگ جي جيوت لاءِ هڪ اجهو آهي.

ناري جي جهنگلي جيوت کي اسان هيٺين حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا:

(١) ريڙهيون پائيندڙ جانور (Reptiles)، جن ۾ پاڻي ۽ خشڪيءَ تي رهندڙ جانورن جا ٻئي قسم اچي وڃن ٿا.

(٢) پکي، جن ۾ پاڻي ۽ خشڪيءَ تي رهندڙ ٻئي قسم اچي وڃن ٿا.

(٣) جانور، جن ۾ پاڻي، ان جي پـر ۾ ۽ خشڪيءَ تي رهندڙ جانور اچي وڃن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴) جيت جنتيا، جيڪي پڻ پاڻي ۽ خشڪيءَ جي ٻنهي ورهاستن ۾ اچي وڃن ٿا.
(۵) جهنگلي ٻوٽا، وڻ، ميوا وغيره وغيره.

واڳون:

حياتيءَ جي انهن سيني مظهرن ۾ ناري جو علائقو سنڌ جي سيني علائقن کان اڳڀرو آهي. هتي پاڻيءَ جو شاهه جانور واڳون پڻ رهي ٿو، جو اڄ ڪلهه بيحد قيمتي ليکيو وڃي ٿو. هن سان گڏ پاڻيءَ جا ٻه ٽي ٻيا ٻه جانور رهن ٿا، جن جي بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ هزارين روپيا قيمت آهي. انهن ۾ لڌڙو، سيسر، ڪڇون، ارڙ بلا وغيره شامل آهن.

هزارين سال اڳ جڏهن انسان پهاڙن تان لهي سڌن ميدانن ۽ درياهن جي ڪنارن سان آباد ٿيڻ شروع ڪيو، ته هن کي خشڪي توڙي پاڻيءَ جي خطرناڪ جانورن کي منهن ڏيڻو پيو. جن مان ڪجهه کي ته هن باقاعدي گهريلو ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي.

سڀ کان پهرين واڳوءَ کي گهريلو ڪرڻ، پالڻ يا ناتي ان جي پوڄا ڪرڻ جو ذڪر فرعون واري دؤر جي مصر ۾ ملي ٿو. ان زماني ۾ ان کي تلائن ۾ رکي پوڄيو ويندو هو.

فرعون، جيئن ته خود (خدا) طاقت جي علامت هئا، ان ڪري پاڻيءَ جي ان بلا کي به هو پنهنجي طاقت جو سرچشمو سمجهندا هئا. هونئن به واڳوءَ کي جيئرو جانور ڳيهندو ڏسي زبردست قسم جو خوف پيدا ٿئي ٿو. اهو ئي سبب آهي ته مصر کان ويندي، آمريڪا، هند ۽ سنڌ جي زرخيز درياهن وارن علائقن جي ماڻهن ۾ هن جانور کي پوڄيو ويندو هو. سنڌ ۾ اڃا به هن جانور کي هڪ غيبي حيثيت ۾ ڏٺو وڃي ٿو. خاص ڪري شيدي، ميربحر ۽ ساحلي علائقن جا ماڻهو، اتي جي انهن بزرگن جي درگاهن تي ميلا لڳائيندا آهن يا باسون باسيندا آهن، جيڪي يا ته واڳون پاليندا هئا يا وري واڳن جي حوالي سان مشهور آهن. اهڙين جاين مان لاکو پير، رني ڪوٽ، واڳون ڏر، منگهوپير، آري پير ۽ اڏيرو لال تمام گهڻو مقبول آهن، جتي اڄ به واڳوءَ کي مقدس حيثيت حاصل آهي.

واڳوءَ جي لحاظ کان ناري جو علائقو ڪجهه سال اڳ تائين ڏاڍو امير هو. جيئن ته هتي جي ايڪالاجي هن جانور جي حرڪت ۽ وڌڻ ويجهڻ لئه ڏاڍي سازگار هئي، ان ڪري نارو، ان جا بند، ڍنڍون، ڪاما، ان جانور جي آماجگاهه بڻجي ويا. هتي جي ڍنڍن ۽ ڍورن جي خاص ڳالهه هتان جي مٽي،

مڇي، پکين ۽ جهنگ جو گڏيل ماحول آهي. جيئن ته هي ڍنڍون هڪ ٻئي سان سنگهر جي ڪڙين جيئن مليل آهن ۽ وچ واري خالي زمين وري جهنگ ۽ ٻيلن سان ڍڪيل آهي. تنهن ڪري هيءُ جانور صدين کان ان علائقي ۾ هتان جي اصلوڪن ماڻهن جيئن رهيل آهي.

جديد آبپاشي واري نظام کان اڳ واري دؤر لاءِ واهُوءَ جي حرڪت ۽ رهڻ وارين جاين جو تعين ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. ڇو ته ان زماني ۾ ناري جي پاڻيءَ جو منڍ هڪ طرف هاڪڙو، سرسوتي ۽ ستلج جهڙا درياءَ هئا ته ٻئي پاسي سنڌوءَ جهڙو مست درياءُ هو، جيڪو ڪيترين ئي ٻين ندين جو پاڻي کڻي ناري تائين پهچائيندو هو. هيناهين سطح تي ناري جي پهچ سمنڊ تائين هوندي هئي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته جهڙيءَ طرح سنڌو درياءَ جي موجوده ڊيلٽا وارن علائقن ۾ واهُون بابت سوين ڪهاڻيون، قصا ۽ مقام مشهور آهن، اهڙي طرح ناري يا هاڪڙي واري ڊيلٽا تائين به واهُوءَ جي اچ وڃ ضرور رهي هوندي. ٻر هن دور ۾ نارو خود عمرڪوٽ کان اڳ ئي ختم ٿي ٿو وڃي. ان ڪري واهُوءَ جو ان کان اڳتي وڌي وڃڻ هڪ ڏند ڪٿا ئي ٿي سگهي ٿي. ڳالهه رڳو اتي ختم نه ٿي ٿئي، بلڪ واهُن جو ديس هاڻ ته رڳو سانگهڙ، نواب شاهه ۽ خيرپور ضلعن جا اهي علائقا اچي رهيا آهن، جيڪي ملي ڪري حر تحريڪ واري دور واري مکي ڍنڍ يا ٻيلي واري پرڳڻي کي ظاهر ڪن ٿا. مٿي بيان ڪيل آماجگاهن کان علاوه به ڪجهه اهڙيون ڍنڍون ۽ مقام آهن، جتي واهُون اڄ به پنهنجي ڪُڙم قبيلي سان گڏ ڏاڍي ڪسمپرسيءَ واري حالت ۾ زندگي بسر ڪري رهيا آهن. انهن جوئن مان ڪن جو ذڪر ٿي وڃي ته مناسب ٿيندو.

ديهه اڪرو-٢ گيم سينڪچري:

ديهه اڪرو-٢ نواب شاهه ضلعي جي اها سرزمين آهي، جنهن جي جاگرافيائي بيهڪ ناري جي ڪابي پاسي واقع مهراڻي واري علائقي جهڙي آهي. هتي واريءَ جون وڏيون وڏيون ڀٽون ۽ انهن جي وچ ۾ ميل ميل به به ميل ڊگهيون ۽ سوڙهي ويڪر واريون ڍنڍون موجود آهن. انهن ڍنڍن ۾ واهُون پنهنجي پوري آزاديءَ سان رهي رهيا آهن. انهن کي حڪومت سنڌ طرفان نالي ماتر تحفظ مليل آهي. سرڪاري نوٽيفڪيشن مطابق ديهه اڪرو گيم سينڪچري ۾ 28 ڍنڍون شامل آهن، جڏهن ته مقامي ماڻهن مطابق ڪل 46 ڍنڍون آهن. جن مان ڪن تي ماڻهو ڪوڙن ڪليمن ذريعي قابض به ٿي چڪا آهن. هي گيم سينڪچري حڪومت سنڌ جي نوٽيفڪيشن نمبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطابق SOI (IMP) & GAD/Wild life/4-88, dt: May 11,1988 وجود ۾ آيل آهي، جنهن ۾ لکيل آهي تہ، سينڪچري جي حد ۾ نہ تہ مڇي ماري سگهجي ٿي ۽ نہ ئي ٻيڻ وغيره پٽي سگهجي ٿي. گهر يا ڳوٺ ٻڌڻ جو تہ سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿي سگهي. پر ان هوندي بہ مقامي گيم واچرن کي ڊنڊن اندر ڌڙين تي گهر ناهڻ جي اجازت مليل آهي. هيءَ گيم سيڪنچري 20 ميل ڊگهي ۽ ڇهہ ميل ويڪري آهي. هن جي ايراضي 5000 ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن کي ايرندي پاسي کان جمڙائو هيڊ لڳي ٿو ۽ اتر ۽ اولهہ کان ترتيبوار اڪرو3- ۽ اڪرا 5،6 ۽ 9 (ديهون) اٿس، جيڪي گهٽو ڪري آباد آهن. جڏهن تہ ڏکڻ واري پاسي کان جمڙائو واهہ اٿس. سياسي حڪومتن جي دور ۾ هنن ڊنڊن ۽ پٽن تي سوين ماڻهن جون اکيون ڪتل هونديون آهن، پر اڃا تائين جانورن جي محابي اهي بچنديون پيون اچن. هڪ اندازي مطابق هنن ڊنڊن ۾ ٽي چار سؤ واڳون رهن ٿا. جيڪي جمڙائو-١ ۽ جمڙائو-٢ ذريعي پري پري تائين سفر ڪندا رهن ٿا. جولاءِ 1996ع ڌاري جڏهن اسحاق مگريو ۽ مان هي ڊنڊون ڏسڻ ويا هئاسون، تڏهن هنن تي هڪ عدد گيم انسپيڪٽر ۽ ٽي گيم واچر ڊيپوٽ Depute ڪيل هئا. جن مان هڪ گيم واچر واڳون مارڻ ۽ سپلاءِ ڪرڻ جي الزام هيٺ معطل بہ ٿيل هو. ان وقت پاڻيءَ جي ڪوٽ سبب ڪافي ڊنڊون سڪي ويون هيون، جن جي کٽت لاءِ مقامي ماڻهن 18 جون 1997ع تي نواب شاهہ جي ريسٽ هائوس ۾ R.O کي درخواستون ڏيڻ جو بندوبست پڻ ڪري ڇڏيو هو. پر ڪن سببن جي ڪري زمين نيڪاليءَ واري اها ڪچهري وقت تي ٿي نہ سگهي هئي.

هن گيم سيڪنچريءَ ۾ جيڪي ڊنڊون اچي وڃن ٿيون، تن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

انڙو، الهڏني واري، اڪن وارو، اڪرو، ٻنڙي-1، ٻنڙي-2، ٻاڙو-1، ٻاڙو-2، ٻولاهي، ٻاٺرن وارو، پڪي واري، پالي وارو، چگهري، ڄڄ، چمپ، چمپ ننڍو، خان وارو، ڏنڊو، برگهہ، روڙو، سلهري، سنهڙي، سنهڙي-1، سنهڙي-2 ،سهن وارو، ڪنڊي وارو، ڪانهن وارو، ڪنڙو، ڪونڊو، ڪرنڊا، ڪنهوري، ڪنهوڙي، ڪاروڙو، گپ وارو، ڳاڙهي، گهوڙي واري، لوڻ ڪاڻ، ليان، مالڪ وارو، مرکي، مريد وارو، موراڪن، واسو، واٿل، هڏ وارو ۽ ياري واري.

هنن ڊنڊن مان واسو ۽ چگهري ۾ سڀ کان وڌيڪ مڇي ٿئي ٿي، جنهن ڪري ڪامورا هنن ڊنڊن جا نيڪا بندش هجڻ جي باوجود بہ ڏيندا رهندا آهن. اهڙو هڪ مثال ان نيڪي جو آهي، جيڪو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر فشريز نواب شاهہ DDP/SUID/40-42/dated 4-1-97 واري ليٽر نمبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحت هڪ ملاح کي ڏنو هو. اهو ڏيڍ سال جي عرصي لاءِ ڏنو ويو هو. جن ڍنڍن ۾ سڀ کان وڌيڪ واڳون رهن ٿا، تن ۾ ڪاروڙو، ٻولاهي، ڪرنڊا، گهوڙي واري ۽ موراڪن تمام گهڻو مشهور آهن. هيءَ واڳن جي حوالي سان پاڪستان جي سڀ کان وڏي گيم سيڪنچري آهي.

راهواريءَ وارا ڍُٻا:

هي ڍُٻا راهواريءَ واري بنگلي جي پرسان آهن. هنن ۾ پن ۽ سرن جو وڏو جهنگ بيٺل آهي، جيڪو مينهن جي مال لاءِ وڏو سک آهي. هي ڍُٻا جمڙائو-2 جي ساڄي هٿ سان آهن. هنن ۾ رهندڙ واڳون اڪري يا سرور وَريءَ مان اچن ٿا. پنهنجي نصيب جو شڪار ڪري وري مال ۽ مڇي وارن مهاڻن جي ڪڙ جي ڪري واپس هليا وڃن ٿا.

سروَر واري ڍنڍ:

هيءَ ڍنڍ راهواريءَ واري بنگلي/ريسٽ هائوس کان اوپر طرف واقع آهي، جيڪا جمڙائو جي کاٻي هٿ تي آهي. هيءَ ڍنڍ سانگهڙ جي حد ۾ اچي ٿي. هن ۾ جو نہ مڇي جام آهي، ان ڪري منجهس واڳون بہ تمام گهڻا رهن ٿا. واڳون جا شڪاري بہ لڪي لڪي ان مان ڏک ڪندا رهن ٿا. هتي گپ چڪ سان گڏوگڏ پن ۽ سرن جي جهنگ جي بہ تمام گهاٽي گُد موجود آهي، جنهن جو سهارو وٺي هيءُ قديم جانور پنهنجو شڪار ڪندو رهي ٿو. هيءَ ڍنڍ اڪري کي ويجهو هئڻ ڪري واڳن لاءِ آئيڊيل جاءِ آهي. ٿوري ڪڙ تي هي جمڙائو ۾ داخل ٿي اڪري واريِن ڍنڍن ۾ آرام سان پهچي سگهن ٿا.

پڪسريءَ وارو ڪورو:

پڪسريءَ وارو هيءُ ڪورو واڳونءَ جي ان اٿلي نسل جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو، جنهن کي سيسر چوندا آهن. 1958ع ڌاري هرٽيءَ وارن ملاحن جي چڱي مڙس ناٿي پٽيل اِن ڍُبي ۾ رهندڙ ان اڪيلي نر سيسر کي جڏهن پنهنجي پڪي رائيفل سان نشانو بڻايو هو تہ آس پاس کان خلق اچي ڪٺي ٿي هئي. مائهن پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ سيسر نہ ڏٺو هو. ان ڪري جن کي ڏسڻ جو موقعو مليو، اُهي اڄ بہ پنهنجي مشاهدي واري داستان کي گارشيا مارڪيز جي ڪهاڻين وانگر بيان ڪري ٻڌائين ٿا. چون ٿا تہ اهو سيسر ان وقت جي سانگهڙ جي ايس-پي ان ڪري مارايو هو تہ هن کي

سيسر جي نسل کان وڌيڪ پنهنجي نسل جو فڪر هو. جڏهن هو ٽرڪ ڪرائي پوليس پارٽيءَ سان گڏ اچي پڪسري لٽو هو ته ڏنڊين کل نه ٿي ماپيس. پوءِ جڏهن ويهن ماڻهن اهو سيسر ڪٽي ٽرڪ ۾ لاٿو ته ان جي پيچ جو اڌ، سانگهڙ تائين زمين ٻهاريندو ويو. ناري واري علائقي ۾ اهو آخري سيسر ٻڌايو وڃي ٿو. جيڪو ماڻهن پنهنجين اکين سان ڏٺو هو. پڪسريءَ وارو اهو ڪورو هڪ حساب سان اها خوش نصيب جاءِ هئي، جنهن ۾ سڄو علائقو ڇڏي اِهو سيسر اچي ويٺو هو. ٻئي حساب سان ان ڪري به بدنصيب جاءِ چئي سگهجي ٿو جو ان علائقي ۾ روز جي ڪِڙ هوندي به اهو جانور بي الڪو ٽيو ستو پيو هوندو هو. اڄ ان ڪوري ۾ ناري ۽ بان جي بندن وارن پاسن کان ٽڙن، پن ۽ سرن جو جهنگ جميل آهي، جنهن ۾ اونهي کڏ هئڻ ڪري سدائين تاروتار پاڻي بيٺل هوندو آهي. ناري ۽ منڙائو جي ڪچ هئڻ ڪري به هيءَ جاءِ واڳن لاءِ آئيڊيل رهندي پئي اچي.

باقر شاهه وارا ڏُٻا:

باقر شاهه وارن ڏٻن جي ڳالهه آئي آهي ته مون کي مولوي نگر صاحب ياد اچي ويو آهي، جيڪو واڳوءَ جو رڳو ان ڪري دشمن آهي جو ڪنهن زماني ۾ بدي واري پٽ هينيان موجود ڍنڍ ۾ هڪ بڪايل ستايل واڳون هن جي ڏاڏي جي گهوڙيءَ کي پاڻي پيئندي چڪ هڻڻ جي ڪوشش ڪئي، ته نيش وڃي گهوڙيءَ تي چڙهيل هن جي ڏاڏي جي ران ۾ ڪپيا. همراهه ته جيئن تيئن ڪري واڳون کان ڇڏائي ويو، پر هن جي ٽنگ بيماريءَ کان پيچو ڇڏائي نه سگهي. نيٺ همراهه راهه رباني ورتي. ان جاءِ تي اها ڍنڍ ته موجود ڪونهي، پر ننڍا ننڍا سمٽا اڄ به اتي موجود آهن، جن مان ڪِن کي پير باقر شاهه وارا ڏُٻا ڪري سڏيو وڃي ٿو. انهن ڏٻن ۽ سمٽن مان هڪ سمر نالو پڻ نڪري ٿو، جيڪو ناري مان سيپيج ڪنڊڙ پاڻيءَ کي کڻي وڏي سمر نالي ۾ پهچائي ٿو. انهن ڏُٻن ۾ اڄ به واڳون پنهنجن ابن ڏاڏن جيئن رهن ٿا، جنهن جو مثال انان کان نڪرندڙ سمر نالن ۾ موجود واڳن جو به آهي، جيڪي سمنڊ مان چڙهي آيل مڇيءَ جا عاشق بنجي چڪا آهن.

ناري جون پينٽلون:

ڪنهن زماني ۾ ناري جون پينٽلون واڳوءَ جي لڪ ۽ بيضن لاءِ ڌر هٽڻ جو بهترين ذريعو هيون، پر آس پاس جي آبادي وڌي وڃڻ ڪري جڏهن آبپاشي کاتي وارن واهن جون پينٽلون ليزن تي ريٽائي آباد ڪرائڻ شروع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيون ته واڳونءَ جي رهندي ڪهندي پناهه گاهه به هتن مان نڪري وئي. پينتلون آباد ٿيڻ ۽ ڪِرَ وڌي وڃڻ ڪري هن جانور ڪي نيٺ ته هيٺ ڍنڍن ۾ لهڻو پيو. پر اجا به جتي ناري جي ڪنارن سان گهاٽي ٻيلو جو جهنگ موجود آهي، اتي هڪ به واڳون ضرور رهن ٿا. خود ناري اندر ڪجهه ٻيٽاريون هن جانور لاءِ نهايت ئي موزون ثابت ٿيون آهن. هتي انهن ٻيٽارين جو ذڪر ڪرڻ خود واڳن مٿان بچ ڪرائڻ جي برابر آهي. انهن جو حوالو ڏيڻ ان ڪري مناسب سمجهيو اٿم، جو جيڪڏهن انهن جي صحيح نموني حفاظت ڪئي وڃي ته ناري ۽ ان جي پرپاسي واري ايڪالاجيءَ ۾ هڪ طرح سان نئون ساهه پئجي ويندو. انهن ٻيٽارين ۾ موجود ٻهڻ، لئي، ٻير، سر، پن، ڪانهن ۽ ٻيا وڻ ۽ ٻوٽا، ناري جي قدرتي ماحول جو سرمايو آهن، جيڪي قدرت ماڻهن لاءِ نه، بلڪ واڳو، ڦاڙهي، لڌڙي، سوئر، ٻلي ۽ ٻين جانورن جي لڪ لاءِ خلقيا آهن. جن جي حفاظت ڪرڻ اسان جي فرض ۾ شامل آهي. اهو ٻڻ وسارڻ نه گهرجي ته اڄڪلهه پاڻيءَ جي اڻاٺ جو مسئلو لڳو پيو آهي، سو نيٺ ته هڪ ڏينهن ان جانور کي ڪڍن ڪامن مان نڪري ناري جي ٻيٽلين ڏانهن رخ رکڻو آهي.

لوئر ناراءِ ڪهڪاري وارا ڍنڍ:

پکسريءَ ڪان هيٺ تازو نئين ناري کي جاري ڪيو ويو آهي. ان ناري کي ڏوگريون ۽ ڪهڪاري وارين ڍنڍن وچان کوٽي وڃي ٽنڊو منا خان وٽان ملايو ويو آهي. ان سڄي پراجيڪٽ جي ڪري ڏوگريون ۽ ڪهڪاري واريون ڍنڍون سڪي ٺوٺ ٻڻجي ويون آهن. اڳي انهن ڍنڍن ۾ واڳن جو هڪ ڪثير تعداد موجود رهندو هو ۽ اهي آبگاهون واڳوءَ لاءِ بيحد موزون جايون هيون. انهن اندر پٽن جو هجڻ واڳن لاءِ هڪ قدرتي تحفو هو، جو ته واڳون آنا لاهڻ لاءِ وارياسي يا ريت واري مٽيءَ ۾ ڏر هٽندو آهي. ڍنڍن جي اندر موجود اهي پٽون واڳن کي اهڙو ماحول مهيا ڪري ڏينديون هيون. ٻيو اهو ته اهي ٻئي ڍنڍون سنڌن وچان وهندڙ واهه ڪان اڳ واري ناري جي ڪناري سان آباد هيون، ان ڪري ناري جون پينتلون واڳن لاءِ ٻچا ڪرڻ جون بهترين جايون هيون. ڏوگريون ۽ ڪهڪاري وارن ڍنڍن ۾ واڳن جي رهڻ جو هڪ ڪارڻ اهو به هو ته اهي ڍنڍون مڇيءَ جي پيداوار سان مالا مال هيون. پکي به انهن ڍنڍن ۾ هزارن جي تعداد ۾ اچي لهندا هئا. واڳن کي ٻيو ڇا کپي؟ پکي ۽ مڇيءَ تي ته هي هوندئن به عاشق آهن، ان ڪري اڄ به جڏهن اهي ڍنڍون سڪي ٺوٺ ٿي ويون آهن. ڪهڪاري وارا ڍنڍ نئين

ناري جي سمر واري پاڻيءَ جي ڪري اجا بہ زنده سلامت آهن. انهن ۾ واڳون اجا بہ ڏسائين ٿا. ماڻهن جي ڪڙ ۽ ننڍي پاڻي هجڻ جي ڪري اهي واڳون ڏينهن جو ناري ۾ لهي وڃن ٿا ۽ رات جو موٽي وڃي پنهنجي پيٽ پوجا ڪن ٿا. گذريل سانوڻيءَ ۾ انهن ڏين ۾ هڪڙي ٿي واڳون مڇيءَ وارن مهاڻن جون ننڍون حرام ڪري رکيون هيون. ڪيئي دفعا ڪنديون هيائون، پر حرام جو وات وڌائين. مهاڻن جي رڙ پئي پيئي. نيٺ مون بہ واڳن جي هڪ خفتيءَ ڪي پنهنجي واتان ائين چوندي ٻڌو: ”وڏو چالاڪ واڳون آهي. ڪنڌيءَ ۾ تہ وات ئي نہ ٿو هٽي.“

انجنيئرن ۽ LBOD وارن تہ پنهنجي وسان ڪونہ گهٽايو. پر ويچاري واڳونءَ ڪي پنهنجن پراڻن پڊن جي ڪيڏي نہ سار آهي، جو اهو معمولي پاڻي هوندي بہ پنهنجي جوءِ جي سار سنيال لهندو پيو اچي!

سيري:

هونئن تہ مڇيءَ جي ڪري مشهور آهي، پر جتي مڇي هوندي، اتي ان جا عاشق بہ ضرور هوندا. ان ڪري هن ڍنڍ ۾ واڳون ۽ لڌڙن جو چڱو خاصو تعداد ماضي قريب تائين رهائش پذير هوندو هو. مون جڏهن تازو قليل جي رهندڙ يوسف ملاح جي فرزند غلام قادر ملاح سان ڪچهري ڪئي تہ هن ٻڌايو: واڳون هاڻ ڪيڏانهن نڪري ويا آهن! مون ڪي هن جي ان جملي تي ڪافي ڪل چڙهي هئي. جڏهن تہ لڌڙن لاءِ هن جو چوڻ هو تہ اجا ڪجهہ آهن. سيريءَ واري ڍنڍ ڪي چو تہ ٻن چڱبٽين، آڇي ۽ رانتي ٻنهيءَ جو پاڻي تو لڳي، ان ڪري اها ڍنڍ مڇيءَ جي پئداوار ۾ ٻين سيني ڍنڍن کان اڳيري آهي. ڪجهہ وقت اڳ تائين ناري واري پاسي کان ان ڪي چوڌاري گهاٽو جهنگ هوندو هو، جيڪو لڌڙن، سئرن، ڦاڙهن، گدڙن لاءِ وڏي ڪشش رکندڙ هو. هن ڍنڍ ۾ موجود دڙا ۽ پٽون، گوٺن جي شڪل ۾ آباد آهن، انڪري واڳن ۽ لڌڙن جي آبادي وري بہ اتراولهہ واري ڪپر يا اولهہ ڏکڻ واري حصي ڏانهن ڏڪيل آهي.

اڳي جڏهن رانتي ڪي بند نہ هوندا هئا تہ واڳن جي هڪ وڏي لوڏ اچڙي ڍنڍ (ديهہ توڳاچو)، موني (لڳ صالح ٻهڻ/جهلي واري موري)، ميهارڪي سانگ وارين ڍنڍن ۾ دٻن، ڏڏر واري دٻن، ٻنٿين ڍنڍن (ديهہ دٻي-٢)، سيدن واري ڪاروڙي وغير ۾ پڻ موجود هوندي هئي. دٻي ڍنڍ جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ ان ۾ هڪ واڳون اهڙو بہ رهندو هو، جنهن تي جهڙي تهڙي بندوق بہ اثر نہ ڪندي هئي. پوءِ ان لاءِ هڪ خاص قسم جي

بندوق ڏُبي* وارن ڪاريگرن تيار ڪئي، جنهن وچي معرڪو فتح ڪيو. انهن ڊنڊن ۽ ڊبن ڪان علاوه واڳن جو ڪجهه تعداد اڃا به ابڙائو. پولوءَ واري، بادار واري، لڙواري ۽ ٻين ڪيترن ئي ڊنڊن ۾ موجود آهي. هي ڊنڊون ٺاري جي ڪاٻي پاسي تي واقع آهن، جيڪي سال ڏيڍ ڪان پوءِ چوٽياريون ڊئم ۾ تبديل ٿي هڪ نئين تاريخ جي پيڙهه جو پٿر رکنديون.

نسلي واڌ:

سانوڻيءَ جي موسم واڳوءَ جي لڳ جي موسم آهي. هي ان موسم ۾ هڪ ٻئي کي ڳولي قرب ونڊڻ شروع ڪندا آهن. جنهن جوءِ ۾ واڳو اڪيلو بيٺل هوندو آهي، اهو پنهنجي اها جوءِ ڇڏي، جوڙ لاءِ ميلن جا ميل سفر ڪرڻ شروع ڪندو آهي. نر ماديءَ کي ڳوليندو آهي ۽ مادي نر کي ڳوليندي آهي.

انهيءَ ڳول ڳولا ۾ ڪڏهن ته ڪين ڏهه ڏهه ڏينهن به لڳيو وڃن. پوءِ جڏهن هڪ ٻئي سان ملن ته پاڻيءَ ۾ ڏوڏث پئجيو وڃن. جيستائين پاڪرين نه پون، تيستائين هڪ ٻئي جي پچر نه ڇڏين. پر جي ساڳي جوءِ ۾ ڪو سگهو متارو واڳون اچي ويو ته ڪمزور پڇي جان ڇڏائيندو. واڳون جڏهن مستي ڪندو آهي ته ڏاڍو وڙهندو آهي. پاڻ ڪان ڪمزور واڳن کي چڪ هڻندي به دير نه ڪندو آهي. جسماني طور تي نر ڊگهو ۽ سنهو ٿيندو آهي، جڏهن ته مادي ٿلهي ۽ بندري ٿيندي آهي.

جڏهن هن جي آنپي پچي راس تي بيضن جي شڪل اختيار ڪندي آهي، ته هيءَ ڊنڊن يا واهن جي ڪنارن سان پاڻيءَ جي بلڪل ويجهو تي چار ڏرون هٽي انهن مان ڪنهن به هڪ ۾ آنا لاهي ڇڏيندي آهي. پوءِ انهيءَ ڏر کي مٽي يا وري پٺن سان ڍڪي ڇڏيندي آهي.

هن جي لاٿل ٽن ڊزن کن آنن اندر جيئڻ ئي بچا ٿين ٿا ته اهي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ڪٽڻ شروع ڪن ٿا. جيڪا آڪيري اندر چٽي چٽي پهچندي آهي. جنهن ڪري هڪ ڪمزور تيزاب تيار ٿي پوي ٿو. جيڪو شيل جي چوڌاري تهه جي شڪل ۾ جمي پوي ٿو. پوءِ آهستي آهستي اها کل سنهي ٿيندي وڃي ٿي. تان جو نون هفتن ڪان پوءِ ڪجهه ٻچا ان کل مان پنهنجي سونڊ ڪڍي ٻاهر نڪري اچن ٿا. جڏهن ته ٻيا اندر ئي اندر آواز ڪندا رهن ٿا، جنهن جو مطلب هوندو آهي ته ڪين ٻاهر اچڻ لاءِ ماءُ جي مدد گهربل

---

* ڏُبيءَ جا لوهار ديسي بندوقون جوڙڻ ۾ ماهر هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي.پوءِ هوءَ ڏاڍي نرميءَ سان پنهنجي بيضي کي وات ۾ کڻي تارونءَ تي گهمائي ٿي. ائين ڪرڻ سان کيس پڪ ٿئي ٿي تہ بيضي اندر ٻچو آهي يا نہ. ان تيست کان پوءِ جڏهن کيس پتو پوي ٿو تہ بيضي اندر زندگيءَ جا ڪي بہ آثار موجود ڪونهن تہ هوءَ اهو بيضو ٽوڙي پي ڇڏي ٿي. پر ان جي برعڪس جڏهن هن کي لڳي ٿو تہ بيضي اندر حرڪت آهي يا ڪا شيءَ کيس محسوس ٿئي ٿي تہ هوءَ ان کي هلڪو زور ڏئي ڦوڙي وجهي ٿي ۽ ٻچو بانبڙا پائيندو سندس وات مان ٻاهر نڪري اچي ٿو. نوان ڦوڙيل ٻچا، جن جو پيٽ اڃا بيضي جي زرديءَ سبب ڳرو هوندو آهي، آرام سان تري نہ سگهندا آهن. تنهن ڪري اهي اڪثر ماءُ سان گڏ ترڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جنهن جي مٿن گهري نظر هوندي آهي. ٻچا ڦوڙڻ بعد هوءَ گهڻو وقت ڪناري سان رهي ٿي. جيستائين هو ترڻ نہ ٿا سکي وڃن، تيستائين وڏي پاڻيءَ اندر نہ ٿي لهي. ان وچ ۾ جڏهن بہ سنڌن ٻچن کي ڪو خطرو محسوس ٿيندو، تہ پاڻيءَ اندر ٻاڪرڪٽو مچائي ڏيندي. پاڻيءَ ۾ گهمي گهمي، پڇ هڻندي ۽ وڏيون وڏيون ڦوڪون ڏيندي. هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ، ٻيءَ کان ٽينءَ، اصل ڌمچرمچائي ڏيندي. سندس وات ۾ ستر ڏند هوندا آهن. هن جو چڪ نهايت خطرناڪ ٿئي ٿو.

پسند ۽ عادتون:

واڳون خشڪي ۽ پاڻيءَ جو گڏيل جانور آهي. هن کي ساهہ کڻڻ لاءِ ڦڦڙ هوندا آهن. کيس ڏيڏر جو ويجهو مائٽ بہ سڏيو ويندو آهي. ان ڪري هن کي ٿڌي رت وارن جانورن ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. هيءُ سياري جي موسم ۾ ٽڙڪو وٺڻ لاءِ ڍنڍن جي ٻسنارين ۽ واهن جي ور وڪڙن وارن ڪپرن مٿي چڙهي ويهندو آهي ۽ اُس جو خوب مزو وٺندو آهي. پر ان عرصي ۾ شڪار توڙي ٻي ڪڙ تي گهري نظر هوندي اٿس. پاڻيءَ ۾ هن جو دم 15 کان 20 منٽ ڪن آهي. هن جي ترڻ جو طريقو مينهن يا سوئر وانگر ٻڏايو وڃي ٿو. هيءُ پاڻيءَ جي گهيڙن مان ٻاهر نڪري حاجت (هنگڻ) ڪندو آهي. انهيءَ عادت جي ڪري شڪاري سندس پيرا ڏسي وڃي ڳولي لهندا آهن. واڳو، گوشت گهڻو ڪري ڪنو ڪري کائي. ان ڪري هن کي ڦاسائڻ لاءِ ڪنڍيءَ ۾ ٻرائو گوشت ٽنبيو ويندو آهي. هن جي عادت آهي تہ گوشت يا مڇي (مٿل) هٿ لڳس تہ ٻئي ڏينهن تي کڻندو. پر جي پاڻ ماريائين (مڇي يا پکي) تہ انهيءَ مهل ئي کائي ڇڏيندو. پر وڏو شڪار، خاص ڪري ڪتو، ٻلو، رڍ، ٻڪري وغيره کي ڪناري تان جهٽي هيٺ

ڪٽي ويندو. گهٽ ۾ گهٽ 20 منٽن تائين هيٺ جهلي ويهندس. جيئن ئي دم گهٽبس ته مٿي اچي ساهه کڻندو. پر شڪار کي ٻاهر نه ڪڍندو. جڏهن پڪ ٿي ويندس ته شڪار مري چڪو آهي ته ان کي پاڻي اندر گهلي وڃي اهڙي جاءِ تي ڦاسائيندو، جتي اهو ڪچونئن ۽ ٻين واڳن کان محفوظ رهي سگهي. پوءِ ڪنو ڪري ٻه ٽي ڏينهن پيو کائيندو آهي. واڳون، شڪار پاڻيءَ جي سطح مٿان ڪندو آهي. خاص ڪري ٻاڙو ڪنڊڙ مڇيءَ لاءِ ته آخري ڏينهن آهي. ڪيس پاسو ڏيئي هڪ ئي جهٽ ۾ ڳيهي ڇڏيندو آهي. ڇٽرو، ڄرڪو، سينگاري، ڪڳو، ڇو ته ٻاڙو ڪونه ڪن، ان ڪري اهي سنڌس ڦهر کان بچيو وڃن.

مڇيءَ سان گڏوگڏ واڳون پکيءَ جي گوشت کي ڏاڍو پسند ڪري ٿو. پکي، ڇو ته پاڻيءَ جي سطح تي ترندا ۽ گهٽون هٽندا رهندا آهن، ان ڪري وجهه وٺي جهٽ هڻڻ ۾ تمام آسان آهن. واڳون، ڏيڏر ۽ ڪميون به کائيندو آهي. ڪچونئن ۽ ڪمين لاءِ ته اصل پڙي آهي. جتي به ڪچون هٿ آيس، ته ٿانو پچيندي به دير نه ڪندس. پلي ته ٽڙڪا ميلن تي پيا ٻڌجن! ضرورت مهل مٽي ڇڙهي مال جو ڇيٽو به کائي ويندو آهي. جيڪي مٽيءَ سان ته اصل عشق اٿس. ان ڪري جتي به لِنڊ لاهيندو آهي، اتي ڳنڊا ئي ڳنڊا پيل هوندا اٿس.

واڳون سونڊِ پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍي پوءِ ننڊ ڪندو آهي. گهڻو ڪري نڙن يا ٻنن جي ڊڍن تي منهن ٽيڪي سمهي پوندو. ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر نڪري، پاڻيءَ جي بلڪل ويجهو ويهي به ننڊ ڪري وٺندو آهي، پر هن جا حواس معمولي کڙڪي کي به محسوس ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. ايتريقدر جو پيرن جي نامعلوم حرڪت کي به سؤ قدمن تان محسوس ڪري وٺندو آهي. واڳونءَ لاءِ اهو به مشهور آهي ته اهو ٻچا ڦوڙي اصلي جاءِ تان ڪٽي وٺندو آهي. اصل ۾ هيءُ ڍنڍ يا ڪنهن واهه جي ڪناري سان، جتي پاڻيءَ جو وهڪرو نه هجڻ جي برابر هجي، ڪو وڻ يا ان جي پاڙ ڏسي ڏر هٽندو آهي، جنهن ۾ اهي ٻچا ڪٽي اچي ويهاريندو آهي. پوءِ شڪار ڪري ڪٽي ايندو آهي، ڪين ڪٽي پيو کارائيندو آهي. پر جڏهن ٻچا ٻن فٽن جا ٿيندس ته پاڻ کائڻ شروع ڪندو آهي. انهن مان جيڪي بچي نڪرندا آهن، سي ئي اڳتي هلي پنهنجو نسل وڌائيندا آهن.

نسل ڪشي ۽ هاڻوڪي صورتحال:

جتي واڳون ماري کل وڪڻڻ بي روزگار ماڻهن جي مجبوري آهي. اتي

واڳون ماري Enjoy ڪرڻ امير ماڻهن جو شوق به آهي. ناري جي علائقي ۾ واڳن جي قتلام جا الاهي سبب آهن، جن مان مکيه سبب ٿي آهن:

١- واڳون مارڻ اميرن جو شوق آهي: ڪافي ماڻهو، جن جي حيثيت وزيرن، مشيرن، وڏيرن ۽ ڪامورن کان گهٽ نه آهي، واڳوءَ جو شڪار فقط ان ڪري ڪن ٿا ته هنن کي پنهنجن دوستن ۾ قسم کڻڻ جهڙو ٽيٽو هوندو آهي. ٻاهرين ملڪن ۾ جتي اهڙي قسم جو شوق رکندڙن لاءِ واڳون نيلام ڪيا ويندا آهن، اتي ماڻهن جا پنهنجا ذاتي تلاءَ هوندا آهن، جن مان واڳون ماري نه رڳو هو پنهنجي شوق جي تسڪين ڪن ٿا، پر پنهنجي سنگت ساٿ کي به شڪار ڪرائين ٿا. اسان وٽ دولتمند شڪاري واڳوءَ تي بندوق تڏهن آزمائيندو، جڏهن هن کي پنهنجي بندوق کي آزمائڻو هوندو. ٻيو اهو ته نشاني چٽڻ لاءِ به واڳوءَ کي ترجيح ڏني ويندي آهي، چو ته شڪارين ۾ مشهور آهي ته واڳوءَ کي جيستائين کپراٽيءَ ۾ بندوق يا رائيفل جي گولي نه هٽبي، تيستائين اهو نه مرندو. ان ڪري، جيڪو ماڻهو واڳون ماريندو آهي، ان کي وڏو نشاني باز سمجهيو ويندو آهي. سنڌ جي ڪافي اميرن ۽ ڪامورن واڳون ان ڪري به مارائي ختم ڪرايا جو هنن جي خيال ۾ واڳونءَ جي آلت وڏي، ان کي سڪائي، ٿورو ٿورو ڪرڙي کائڻ سان سنڌن جنسي سڌون تاحيات سلامت رهن ٿيون. ان جي پٺيان جيڪو فلسفو آهي، سو واڳونءَ جي طويل عمريءَ سان ڳنڍيل آهي. ماڻهن جي خيال ۾ واڳون پنهنجي حياتيءَ جي آخري سال تائين به جنسي فعل انجام ڏيڻ جي قابل هوندا آهن. واڳونءَ جي عمر ۽ ٻڙ جي عمر، چو ته 100 سالن کان مٿي ٻڌائي وڃي ٿي، ان ڪري حڪيمن لاءِ ٻڙ جو کير ۽ واڳونءَ جي آلت سون کان به وڌ قيمتي آهن. واڳوءَ جي هڪ ٻئي قسم سيسر لاءِ پڻ ساڳي روايت هلندڙ آهي ته اِهو به پنهنجي آلت جي ڪري پاڪستان جي دريائن مان برقعو مٿائي ويو.

٢- کل جي ڪري مارجڻ: واڳوءَ تي سڀ کان وڌيڪ مارو سندس کل جي ڪري آهي. هن جي کل بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ پنجاهه هزار پاڪستاني روپين کان به وڌيڪ پئسن ۾ وڪرو ٿئي ٿي. پر مقامي مارڪيٽ ۾ شڪارين کي 1500 روپين کان 3000 روپيه ملي وڃن ٿا. ان ڪري ماڻهن ناري واري علائقي ۾ ان کي چوندي چوندي کپائي ڇڏيو آهي.

٣- ماحولياتي تباهي: سنڌ ۾ L.B.O.D جي مختلف رٿائن شروع ٿيڻ

کان اڳ واڳوءَ جو هڪ ڪثير تعداد ن ي ۽ ان مان نڪرندڙ واهن جي ڪنارن سان پينتلن ۾ رهندڙ هو. ان کان ۽ لاوه ناري جي ساڄي ڪپ سان پڪسري ريگيوليٽر جي بلڪل ويجهو موجود ٻن ڍنڍن، ڏوگريون ۽ کهڪارو ڍنڍن کي سڪائڻ سان اتي جي اڳن ۾ تاهه پيو. ٽيون محفوظ کان محفوظ هنڌ جمڙاٺو ڪينال سان لڳ دي ۽ اڪرو-2 گيم سينڪچري هو، جيڪو "ٻتي جمڙاٺو" واري رٽا يا منصو ۽ پرسان سم نالي ڪڍڻ جي ڪري سڄا سارا چار پنج سال عتاب هيٺ رهيو. نارا ريماڊلنگ ڪري ڏوگريون ۽ کهڪاري جو سڪڻ پڻ واڳن کي هڪ سان شڪارين جي ور چاڙهڻ برابر هو. ناري جي پينتلن سان چو ته چوٽيارون ڊئم جو ڪم جاري آهي، ان ڪري هيءُ جانور اڄ ڪلهه جيپن ۽ گاڏين جي آواز کان ڏاڍو ڊنل آهي. ساڳي ڪار ديهه اڪرو-2 ۾ به ٿي آهي. "ٻتي جمڙاٺو" جي منصوبي مهل به گيم سينڪچري گاڏين توڙي ٽرڪن جي نڪ هيٺيان رهي. ان ڪري گمان وري به اهو آهي ته هڪ ته هيءُ آوازن جي ڪري ٻاهر نڪتو هوندو ۽ مارجي ويو هوندو، ٻيو اهو ته هيءُ ايترا سال بچا ڪري نه سگهيو هوندو. هن وقت سندس لڪڻ جي جاءِ ناري جا بند ۽ ان جي آس پاس واريون ڍنڍون آهن.

واڳوءَ کي ڪنائڻ ۾ جتي L.B.O.B پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، اتي چوٽياريون ڊئم به سون ڍنڍن کي ملائي ناهيو پيو وڃي، جيڪو پڻ واڳن کي هيڪالي ٻاهر آڻيندو، جن مان ڪجهه تاڙ ۾ ويٺل شڪارين جي نذر ٿي ويندا، باقي جيڪي بچندا سي ناري جي پينتلن ۾ پناهه وٺندا، جتان ڪان آهستي آهستي هڪ نه ٻئي ڏينهن پيا شڪارين هٿان مرندا. L.B.O.D جي ٽيوب ويلن جي ڪري زيرزمين پاڻي وهي وڃي سمنڊ ۾ پيو آهي، جنهن ڪري ڍنڍن ۾ پاڻيءَ جو ڦڙو به ناهي رهيو. هاڻ ته اهڙين ڍنڍن تي ماڻهن جون نظرون اچي ڪپيون آهن. پاڻيءَ جي صورتحال ڏهن سالن تائين جيڪڏهن اها ساڳي رهي ٿي، ته پوءِ اُهو ڏينهن پري ناهي، جو اسان کي پنهنجي پياري ملڪ جي ذهين کان ذهين ريڙهيون پائيندڙ جانور کان به هٿ ڌوئڻا پوندا.



مکيءَ جي ڍنڍن جا پيهوڙي پکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪيءَ جي ڍنڍن جا پيهوڙي پکي

مڪي ڍنڍ: هي پيهوڙي پکي تمام گهڻن ملڪن کي پنهنجي رونق بخشي ٿو. هن جا دنيا ۾ فقط ٻه قسم آهن.

ڪنگور جي ترندڙ دڏن مان نڪري، جيئن ئي صدوري ڍنڍ جي اڇ نما پاڻيءَ تي نظر پيئي ته سڀ ڊڪرجي وياسين. ”هيءُ سمنڊ ڪٿان ڪ ن آيو؟“ اسان مان ڪنهن رڙ ڪري پڇڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ طرف هن ننڍڙي ٻتيلي ۾ چڙهيل ڇهن ماڻهن جو جٿو هو ۽ ٻئي طرف وري ڍنڍ جي ڪاري پاڻيءَ جا ڪارونيار- جڻ ته ڪنهن ”ڏاڏي“ پنهنجا وار وڇائي ڇڏيا هئا. جيتوڻيڪ ڏکڻ جي هوا ايتري تيز ٻه نه هئي، پر پوءِ به ڍنڍ جي بلور جهڙي پاڻيءَ تي هلڪڙيون هلڪڙيون ڇلن جهڙيون ڇوليون پيدا ٿي رهيون هيون. ٽڙن جا هلندڙ ڦرندڙ، آزاد دڏ، جن جو بنياد مضبوط ڇيڪي مٽيءَ تي رکيل هو، ڍنڍ ۾ هوا جي لهر واري طرف تري رهيا هئا. ظاهري طور اهي هڪ جاءِ تي بيٺل نظر ٿي آيا. پر حقيقت ۾ اهي آهستي آهستي پاڻيءَ ۾ حرڪت ڪري رهيا هئا. ٻيڙيءَ ۾ وزن گهٽو هئڻ ڪري، گهٽو ڪري اسان

سينيءَ جو ساهه مٺ ۾ هو. ايتري قدر جو ناڪئو به اسان سان چرچا ڪري رهيو هو. هُو چئي: "ڳالهايو نه. ٻيڙي لڏي ٿي." مون دل ئي دل ۾ سوچيو ته جي ٻيڙي ڳالهائڻ تي لڏي ٿي ته اڳتي ڇا ٿيندو؟ چو ته اسان کي ٻڌايو ويو هو ته ناري کان پڌرٽي پهچڻ ۾ پوڻا ٻه ڪلاڪ ته آسانيءَ سان لڳي ويندا. بهرحال توڪل جو ترهو اوڙاهه پاڻيءَ ۾ پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيڻ لڳو. اڌ ڪلاڪ کن جي سفر ۾ ته اسان رڳو پنهنجو پاڻ کي بيلينس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان وچ ۾ ناڪئو دڙڪا به ڏيندو رهيو ته ٻيڙي به هڪليندو رهيو. وچ تي ڪنهن مهل هڪ اهڙي جاءِ آئي، جو ڪاري پاڻيءَ مٿان سائيٰ ڦڪي رنگ جي گاهه جو هڪ وڏو تهه ظاهر ٿيڻ لڳو. اهو گاهه ايترو ته گهاٽو هو جو ٻيڙيءَ کي هلڻ ۾ ڏکيائي ٿيڻ لڳي. مون غور سان ڏٺو ته گاهه جي ان چادر مان ڪتان به پاڻي ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. اسان جي نوجوان ناڪئي ان گاهه جو ڪنارو ورتو ۽ اسان ان مٿان اپريل پيلن گلن کي ڏسي ٻهڪڻ لڳاسين. نظارو ڪندي ڪندي اوچتو ڪنهن مهل منهنجي نظر ٻن خوبصورت پکين تي وڃي پيئي، جن جا پچ ڊگها ۽ ڏاتي جيئن وريل هئا. ايتري ۾ پنيان ڪان اسان جو ميزبان مجيد مگريو به اچي پهتو، جنهن جي ڊونديءَ تي مکي ويلفيئر آرگنائيزيشن جي فيلڊ آفيس جو بورڊ رکيل هو. هيءُ سچو اتالو مجيد جي انهن اسڪولن جو دؤرو ڪرڻ وڃي رهيو هو، جيڪي هن مهراڻي واري علائقي ۾ قائم ڪيا هئا. مجيد جيئن ئي اسان جي ويجهو آيو ته اسان جي بتيلي مان ٻه همراهه لهي وڃي ساڻس شامل ٿيا. مون به ٻُل تاڙيندي پنهنجي ناڪئي کي التجا ڪندي چيو: "يار، جي ناراض نه ٿينءَ ته انهن پکين جي ويجهو ٿيءُ ته به تي فوٽا ڪڍي ونون!"

چڱو ٿيو جو هُن چڙب ڪانه ڏني، نه ته مون جهڙو ڪنگلو شوقين ڪڏهن به اهي پکي ڏسي نه سگهي ها. هن جيئن ئي ٻيڙي اوڏانهن موڙي ته ڪجهه منٽن بعد اسان اچي پکين جي ويجهو پهتاسون. مون نوجوان کان پڇيو:

"توهان ڇا چوندا آهيو انهن پکين کي؟"

"پيهوڙي!" هُن ڏاڍي اطمينان سان وراڻيو.

"ڇا، هي آنا به اتي ڏين ٿا؟" منهنجو سوال عجيب ۽ بي تڪو هو.

"هائو." هن وراڻيو، "اتي ئي، انهيءَ گاهه تي."

منهنجي دلچسپي ويتر وڌي وئي.

مون پڇيو مانس: "ڇا، انهن جو آکيرو ملي سگهندو؟"

هن کِلي ڏنو. وراڻيائين، "هائو، ڳولي ٿا ونون!"

هُن ايتري تہ اطمينان سان چيو، جڻ تہ آڪيرو هُو اڳ ۾ ئي ڏسي چڪو هو. بہ ٽي آڏا ابتا چڪر ڏيئي، هُن وچي ٻيڙيءَ کي هڪ آڪيري وٽ بيهاريو، جنهن ۾ چار زيتوني رنگ تي مائل آنا لاٽل هئا. منهنجي خوشيءَ جي ڪا حد نہ رهي. مون هڪدم ڪيميرا ڪڍي ۽ آنن جا بہ ٽي شاٽ ورتا. مون کي اِهو ڏسي تعجب ٿيو تہ ڪيئن نہ چئن پنجن ڪانين تي، جيڪي ترتيب سان بہ رکيل نہ هيون، اِهي آنا لاٽا ويا هُئا. آنن جي سطح گاهہ کان رڳو هڪ انچ کن مٿي هُئي، جڏهن تہ پاڻي اِنهن جي ويجهو بہ نہ ٿي اچي سگهيو. پيهوڙي، جيڪي اسان جي ٻتيلي کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي ٿورو پريروهليا ويا هئا، سي اسان کي ٻيڻن جي ويجهو ڏسي اچا بہ ويجها ٿي آيا. مون ڪيميرا سڌي ڪري ڏانهن ڪلڪ ڪيو، هنن جو فوٽو سدائين لاءِ فلم ۾ محفوظ ٿي ويو. مکيءَ جي اِن خوبصورت ڍنڍ ۾ ڪنهن پکيءَ سان اسان جو اِهو پهريون رومانس هو. اتان نڪري جيئن ئي سائو ناري ڏانهن روانا ٿيڻ لڳاسين، تہ مون کي رکي رکي پيهوڙي پکيءَ جي ڪنيڙاٽين وارو اهو ڪير جهڙو اچو پٿو ياد اچڻ لڳو، جو هُن جي واڳٽائي ڪين تي بيحد وٽندڙ پئي لڳو.هن جي ڳچي ٻن مخالف رنگن جو مجموعو هُئي. هن جي سِر جي تاج کان ڪنڌ تائين پيلو رنگ نمايان هو، جڏهن تہ باقي سِريءَ کان، جنهن جي وچ تي هُن جون ڪارڙيون خوبصورت اکيون چمڪي رهيون هيون، هڪ سفيد پٽو شروع ٿيو ٿي، جيڪو ڳچيءَ تان ٿيندو ڇاتيءَ تي وڃي ختم ٿي ويو ٿي. هُن جي سائي سليٽي رنگ واري سنهي ۽ سڌي پر چوٽيءَ کان ٿورو مڙيل چهنب پڻ خوبصورتيءَ جو هڪ نمونو هُئي. پر سندس ڊگهين ٽنگن جي آخري ڇيڙن سان هُن جا بيحد وڏن چنبن وارا پير سلهاڙيل هئا، جيڪي بهرحال ٻي ڊولا ۽ ڪوريئڙي جي پيرن جهڙا نظر ٿي آيا. پيهوڙيءَجي سڄي بدني بناوت ۾ فقط اهوئي هڪ عيب اهڙو هو، جو ٻري ڪان ئي محسوس ٿي رهيو هو.

مان هُن جي ٻيڻن، ڍنڍ جي گاهہ ۽ ڪنگور جي ڏڏن سان چنبڙيل جيڪي مٽيءَ جي هڪ جهڙي رنگ تي گهٽي دير تائين سوچيندو رهيس. پيهوڙي جي ان عادت تي بہ غور ڪرڻ جي ضرورت هُئي تہ هن جو آڪيرو گاهہ جو اُهو کليل ميدان هو، جنهن جي آس پاس ڪي بہ وڏا دڏ نہ هُئا. ان مان ظاهر ٿيو ٿي تہ آري تي ويهڻ وقت يا ٻري ڪٽي چوڳي تي نڪري وڃڻ مهل بہ هو پنهنجي دشمن توڙي ٻي ڪڙ تي آسانيءَ سان نظر رکي سگهيو ٿي. مون کي ناڪئي ٻڌايو تہ هُن پيهوڙين جا آنا پيڻ جي پٽن تي بہ لٽل ڏٺا آهن. اِن جو سبب شايد اِهو هو تہ اُنهن ڍنڍن جي تري مان گاهہ، مٽي پاڻيءَ

جي سطح تائين نہ ٿي اچي سگهيو. اهڙي صورتحال ۾ پيڻ جا پن ٿي پيهوڙيءَ کي پنهنجو آکيرو ناهڻ ۾ مدد ڏيندا آهن.

پيهوڙي بنيادي طور تي بي باڪ پکي آهي. هو خطري جي وقت پاڻي اندر ٽُبي هڻي، گــاهہ مـــٽي تي ڪري، ڪافي منٽن تائين لڪي ويهڻ جي صلاحيت رکي ٿو. هن جو نر هلڪو ۽ مادي ڳري ٿيندي آهي. هيءُ مئي مهيني کان لڳ ڪرڻ شروع ڪندا آهن ۽ جون جولاءِ ۾ پنهنجو آکيرو ناهي آري تي ويهي رهندا آهن. آري جي ذميواري مادي تي هوندي آهي. آنا ڦوڙڻ کان پوءِ ٻچن کي ڇڳائڻ، سندن تحفظ ڪرڻ ۽ پنجاهہ کان سٺ ڏينهن تائين پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ جي ذميواري نر پنهنجي سر تي کڻندو آهي. ان عرصي ۾ مادي، ڪنهن ٻئي نر سان لڳي، ٻيا آنا لاهڻ شروع ڪري ڏيندي آهي. ان ڪري پيهوڙيءَ جي ماديءَ کي Polygamous بہ چيو ويندو آهي.

پيـــهوڙي جي مـــادي پنهنجي هڪ پُور ۾ چار آنا لاهيندي آهي. اُڏامڻ مهل هن جا پر سفـيد نظر ايندا آهن. سندن اُڏامڻ جو ڍنگ واسڪوٽي ٽيٽڻ جهڙو ٿـيندو آهي. هِن جي ٻولي ۾ آرڪيســـٽراجي ڌنن جيـئن ڪيـئي سُر سمـايل هوندا آهن. پاڻيءَ جي ٻوٽن جا ٻج هجن توڙي جيت جُوٽا، هي پکي کين کــائي جٽ ڪري ويندا آهن. هنن جو ٻيـــو کــاڌو ڪَڇَ ڪوڏيون، ننڍڙا ڪوڏ، لاوا (ڏيڏرن جا ٻچا) وغيره هوندا آهن. هي ڍنڍن ۾ ترندڙ وڏي سسي وارين ڪوڏين کي ڏاڍي شــوق ســان کـائيندو آهي. هنن جا سڀ کــان وڏا دشـــمن واڳو، ۽ ڪــڙل باز آهن. پر هنن جي ٻچن کي ڪانو بہ ڪافي تنگ ڪندا آهن، چوتہ ڪانون جو هڪ وڏو تعـــداد مکيءَ جي اِنهن ڍنڍن ۾ پڻ پڙاءُ ڪندو رهندو آهي. آکيـري جو ڪليل جاءِ تي هجڻ ڪري، هنن جي آنن کي پڻ ڪانون کان خطرو رهندو آهي.

اسان جيـئن جيئن اڳتي وڌندا وياسين، پيهوڙين جا ڪجهہ ٻيا جوڙا بہ پاڻيءَ مـــٿـــان اُڏامندا ۽ لهندا ڏسندا وياسين. مکيءَ جون هي ڍنڍون هن خوبصورت پکيءَ جو اباڻو ديس آهن. هتي نہ فقط هيءُ مستقل طور رهي ٿو، پر آنا ٻچا بہ هت ڪري ٿو. هونهن اِهو ساڳيو پکي، آسٽريليا، انڊيا، افريڪا تائين پڻ ملي ٿو. پاڪســتان ۾ هِن جو ديس سنڌ جون ڍنڍون ۽ سارين جي پوکائيءَ وارا علائقا آهن. پر پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان تائين بہ هيءُ هجرت ڪندو ڇڳندو رهي ٿو. مکيءَ واري علائقي ۾ هن جو سڀ کان وڏو مرڪز چوٽيـاريون ڊيم ۾ ايندڙ ڍنڍون ئي آهن. انهن جي ٻڏي وڃڻ کـان پوءِ هيءُ ويچارو هجرت ڪري اُنهن ڍنڍن ۾ وڃي پنهنجو پڙاءُ ڪندو، جتي کـيس پاڻيءَ جي سطح مٿان توڙي اندر جهجهو گاهہ نظر ايندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائيبيريا کان سانگراڙيءَ تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائيبيريا کان سانگراڙي تائين

لاکي ڍاڍين پکين جي اڏام جو هڪ دلفريب منظر. چند سال اڳ اهي مکيءِ جي ڍنڍن ۾ لهندا هئا. پر اڻاڌنڌ شڪار ڪري رسامو ڪري ويا آهن.

جيئن ئي اُتر قطب ويجهو واقع مُلڪ سائيبيريا ۾ برف باري ٿيڻ شروع ٿئي ٿي، اتان جي ڍنڍن ۽ ميداني علائقن جا پکي هجرت ڪري ست مختلف هوائي رستا ڏئي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچن ٿا. اسان جي ملڪ پاڪستان ۾، اهي پکي انڊس فلاءِ وي (Indus flyway) ذريعي داخل ٿين ٿا، جيڪو افغانستان وٽان ٻن الڳ الڳ رستن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. انڊس فلاءِ وي ذريعي هجرت ڪندڙ پکي سائيبيريا مان اُڏامڻ کان پوءِ سڀ کان پهريان قزاقستان جي ڍنڍن ۽ آبگاهن ۾ پنهنجو مختصر قيام ڪن ٿا. اُتان هڪڙا افغانستان واري رستي هندوڪش ۽ قراقرم وارن سلسلن وچان اُڏامندا، اُنهن کي پار ڪندا، اچي سنڌو درياءَ جو پيٽ وٺن ٿا ۽ ٻيا افغانستان وٽان ايران ڏانهن مڙي وڃن ٿا، جتان ڪان ڦري هو وري بلوچستان وٽان پاڪستان ۾ داخل ٿين ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻيءَ جا پکي گهڻو ڪري رات جي وقت سفر ڪن ٿا. جڏهن ته ڏينهن جو پاڻيءَ جي چرڻ، ڍنڍن يا ڍبن وغيره ۾ قيام ڪن ٿا. اوپرندي ناري ۽ اُن جي ٻنهي ڪنارن سان ڦهليل ڍنڍون ۽ آبگاهون، جيئن ته سنڌو درياءَ جي ٿي ماحول جو هڪ حصو آهن، تنهن ڪري جيڪي پکي اُن مٿان سفر ڪري ملڪ جي مختلف حصن ۾ پهچن ٿا، تن جو ڪافي تعداد مُهراڻي ۽ مکيءَ جي ڍنڍن ۾ پڻ قيام ڪري ٿو.ناري جي آس پاس، مکي ۽ مهراڻي جي علائقن ۾، پکين جي حوالي سان چار پنج ڍنڍون سڀ کان وڌيڪ اهم آهن. انهن مان ڏوگريون ۽ ڪهڪارو، اٽپار، نونگهٽون، سانگراڙو، پڙل، رتڙائو، ڪنڙي، پنيهل ۽ راهب واري سم مشهور آهن. انهن ڍنڍن ۽ آبگاهن ڪانسواءِ چوٽياريون وارا ڍُبا ۽ سانگراڙي وارا ڍُبا پڻ انهن پکين جي چوڳي جا مرڪز بڻجن ٿا. هتان جي ڍنڍن ۽ آبگاهن جون ٻه مکيہ خاصيتون نهايت اهم ۽ غور طلب آهن. ناريِ جي ڪابي ڪناري سان ڪافي ڍنڍون اهڙيون آهن، جن ۾ پاڻيءَ جو ٻنهہ جهجهو مقدار سدائين موجود رهي ٿو. هي ڍنڍون سياري ۾ هڪ ننڍڙي ڍنڍ جو ڪم ڏين ٿيون. هنن ۾ پاڻي تمام گهرائي تائين هيٺ ٿيندو آهي. هنن ڍنڍن مان بڪار، صدوري، گانگهري، ڦُليل، محمودو، ونهيل واري، اچڙي، پڏريو، ڪانٽل، بانڪيل، ڏيٿي جي، ماڙين واري وغيره قابل ذڪر آهن.

سنڌو درياءَ کان پکي ناري جو ڪنارو يا پيٽ ڏيئي، اُڏامندا، سنڌو اچي اِنهن ڍنڍن ۾ پڙاءُ ڪن ٿا. سڀ کان پهريان پکي ننڍي پاڻيءَ وارين ڍنڍن يا آبگاهن ۾ لهن ٿا. جتان کان چڱي ڍؤ ڪري وڏي پاڻيءَ وارين ڍنڍن ۾ پهچن ٿا. هتي ڍنڍن ۾ پهچڻ کان پوءِ پکين جي هڪ خاص نفسيات جڙي وي ٿي، جنهن مطابق رات جو هو ننڍي پاڻيءَ وارين ڍنڍن ۾ چوڳو ڪن ٿا ۽ صبح جو سوير اُڏامي وڏي پاڻي ۽ اَچ وارين ڍنڍن ۾ وچي لهن ٿا. جنان کان پري پري تائين شڪارين توڙي ٻي ڪڙ تي آسانيءَ سان نظر رکي سگهن ٿا. مکي يا ناري وارين ڍنڍن تي شڪار گهڻو ڪري اُڏامندڙ پکيءَ جو ٿئي و. شڪاري ڍنڍن جي ڪنارن توڙي اُنهن اندر موجود دڙن يا خُشڪيءَ جي ٽڻ تي وڃي ويهن ٿا ۽ پوءِ هڪڙو نڪاءُ ڪري ٿو ۽ ٻيا اُڏامندڙ پکين کي بهي چٽين ٿا. پکين جي عادت ٿئي ٿي ته اُڏامڻ کان پوءِ هڪ ٻه لامارا ضرور ين ٿا. جنهن ڪري گولائيءَ ۾ بيٺل شڪاري کين ڪنهي ونن ٿا. هنن ڍنڍن ي وڏ ۾ وڏ جيڪلو (جنهن کي هتان جا ماڻهو "چاڙهو" ٻه سڏين ٿا)، ي، ڊگوش، هنجر، ڪنيو يا ڪانياهو ۽ اچڙو شڪار ٿين ٿا. ٻهاڙن، ڦرائن، رانڊن، رتنبي، نيرڳ وغيره جو شڪار تمام گهٽ ٿئي ٿو. ان جو سبب

هيءُ آهي تہ هڪ تہ هي تمام گهٽ تعداد ۾ هت اچن ٿا، ۽ جي اچن بہ ٿا تہ هڪ اڌ ننڍا ڪان پوءِ ڪٽي آسمان جهلين ٿا. تاهہ آين تہ وڃي بيءَ ڏورانهين آبگاهہ وسائيندا. ڪجهہ سال اڳ تائين تہ هنن ڍنڍن ۾ هنجن، لاڪي چاچين ۽ پيٽن جون بہ ٽوليون پڙاءُ ڪنديون هيون، پر هاڻ اهي پکي ورلي ڪو پيرو پچين ٿا.

هتان جي ڍنڍن ۾ پکي پندرنهن آگسٽ کان پهچڻ شروع ٿين ٿا. سڀ کان پهريان هت چيڪلا (Teals) پهچن ٿا، ۽ انهن سان گڏ گيٽا (Shovellers) پڻ ننڍين ننڍين ٽولين ۾ اچڻ شروع ڪن ٿا. هي پکي پندرهين آگسٽ کان پندرهين آڪٽوبر تائين پهچي وڃن ٿا. انهن کان پوءِ ڊگوش (Marbal ducks and Pintails)، آڙيون (Coot) پهچڻ شروع ڪن ٿيون. بعد ۾ ٿورانڌا (common Pochards)، ڀهاڙون (Gad Walls)، ڦراٽا (Wigeons)، رونهارا (Tufted Ducks)، رتنبا (Red-crested Pochards) ۽ نيرڳ (Mallards) ظاهر ٿين ٿا. متيان سڀ پکي پندرهين آڪٽوبر تائين ڍنڍن ۾ پهچي وڃن ٿا. هنجر (Spotbill)، ٻرٽون ۽ اڇڙو، جو تہ مقامي ٿي چڪا آهن، انڪري پندرهين نومبر کان ايندڙ سال جي آگسٽ تائين انهن ڍنڍن ۾ موجود رهن ٿا. وچ وارا بہ ادائي مهينا ڪيڏانهن نڪري وڃن ٿا، پر وڃڻ جو رستو ڏکڻ طرف ٻڌايو وڃي ٿو. هنن مقامي پکين جي انهيءَ هجرت واري عرصي جو ڪو خاص سبب اجا تائين هٿ نہ آيو آهي. چوتہ سائيبيريائي پکي جڏهن هت اچڻ شروع ڪن ٿا، تہ هي هتان کان پندرهن ڏينهن اڳ ۾ ئي روانا ٿي وڃن ٿا. هيءُ ٽيئي پکي آنا ۽ ٻچا هت ڪن. آڙين جو ڪجهہ تعداد پڻ هت رهي پوي ٿو، جيڪو پڻ آنا ٻچا هت ڪري ٿو. مکي ۽ مهراڻي جي ڍنڍن ۾ سڀ کان آخر ۾ چيهہ (Lesser whistling Teal) پهچي ٿو. هيءُ پنجويهہ جنوريءَ کان پنجويهہ فيبروريءَ تائين پهچي وڃي ٿو. چيهہ لاءِ بہ خفتين جو چوڻ آهي تہ ٻچا هت ڪري ٿو. باقي بيا پکي لڳ ڪري، ٻور ٻچائي (آني ڪري)، واپس هليا وڃن ٿا. سيني پکين کان پهرين هتان نيرڳ اڏامي ٿو، جيڪو پندرهين فيبروريءَ کان پندرهين مارچ تائين هي ڍنڍون خالي ڪري هليو وڃي ٿو. باقي بيا پکي هي ڍنڍون ۽ آبگاهون ڏهہ اپريل تائين مڪمل خالي ڪري هليا وڃن ٿا.

ناري يا مهراڻي جي ڍنڍن مان سانگراڙو، جتي ڏوگريون کان پوءِ آڙين جو هڪ تمام وڏو تعداد چوگو ڪري ٿو، عالمي معيار جي آبگاهہ (Wetland) آهي. ان کان سواءِ اتپار ۽ ٽونگهٽون بہ اهم ڍنڍون آهن، جتي پڻ تمام گهٽي تعداد ۾ پکي لهن ٿا. جڏهن تہ ڏوگريون ۽ کهڪارو، نارا

ريماڊلنگ (بختاور ڪينال) ڪري سُڪائي ٽوٽ ڪيون ويون آهن.

هن علائقي جي بدقسمتي اِها آهي ته هِتي شڪار ڪرڻ لاءِ ڪي به اصولَ ڪونهن. جنهن جي هٿ ۾ بندوق آهي، سو پنهنجي ليکي ٺي شڪاري آهي. نه ڪيس ڪانيري جي تميز آهي نه وري ڪُنيي جي. همراهه جي هٿ ۾ بندوق آهي ته پوءِ نڪاءُ ضرور ڪندو. شڪار ڪاٽو ڏڙا ڏڙ اجازت ناما جاري ڪندو رهي ٿو. جيڪو هزار روپيه ڪٺي اچي، سو پرمٽ جو مالڪ آهي. هاڻ اها في ڇهه هزار روپيا ڪئي ويئي آهي. پکين جي رسڻ ڪان اڳ ٺي همراهه ڏيڏين جا چڪر ڪاٽيندا رهن ٿا. ان ڪري پکين جو هڪ تمام وڏو تعداد نارو ڪينال يا منزائو واهه ڏيئي بدين جي ساحلي علائقن وارين ڍنڍن جهڙوڪ، ميهرو، پٽيجي، چولري، سيرائي ۽ شڪور ڍنڍن ڏانهن روانو ٿي وڃي ٿو. اُتان پوءِ ڀارت جي راجستان ۽ گجرات وارن علائقن جي ڍنڍن تائين پڻ پهچي ٿو، جتي ڪيس مڪمل تحفظ مليل آهي. اري ۽ مکيءَ جي ڍنڍن ۾ شڪار جي مارا ماري ڪري رتنبو ڪافي سالن ائين غائب ٿي ويو هو. پر هاڻ به سال ٿيا آهن جو وري اچڻ شروع ڪيو س. هڪ سروي مطابق هِتي ستر واري ڏهاڪي جي چوٽين پٽيءَ جيترا کي به نه ٿا لهن. وڏو پکي ته ماڳهين جوءِ ٺي ڇڏي ويو آهي. بر حڪومت ۽ قامي ماڻهو جيڪڏهن پنهنجين حدن وارين ڍنڍن ۽ آبگاهن تي سختيءَ سان ک ڪن ۽ ياريون باشيون نه ملهائين، ته مستقبل ۾ اسان جو نئون نسل ڪ دفعو وري اُهي خوبصورت پکي ڏسي سگهندو، جيڪي اسان جي روين عملن سبب رُسامو ڪري هليا ويا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارٽ - 1

مکيءَ جي ڍنڍن ۾ پڙاءُ ڪندڙ ڏيهي ۽ پرڏيهي پکين جو تفصيل

نمبر	پکين جا نالا يا قسم	ڏيهي/پرڏيهي	اچڻ جي مُند يا مهينو	واپسيءَ جي مُند يا مهينو	لڳ جي موسم يا مهينو	آنا لاهڻ جي مُند يا مهينو	آنن جو تعداد ۽ ٻچا وڏا ٿي اڏاري وڃڻ جي مند		اچڻ جو روٽ	وڃڻ جو روٽ
1	چيڪلا (چار قسم)	پرڏيهي	15 آگسٽ کان 15 آڪٽوبر	1 مارچ کان 10 اپريل تائين	15 جنوري کان 1 مارچ تائين			-	نارو ڪينال	نارو ڪينال
2	ڳيٺو	پرڏيهي	15 آگسٽ کان 15 آڪٽوبر	1 مارچ کان 10 اپريل تائين	15 جنوري کان 1 مارچ تائين		-	-	نارو ڪينال	نارو ڪينال
3	ڏگوش (ٻه قسم)	پرڏيهي	25 آگسٽ کان 15 آڪٽوبر	1 مارچ کان 10 اپريل تائين	15 جنوري کان 1 مارچ		-	-	نارو ڪينال	نارو ڪينال
4	آڙي	پرڏيهي/رول	1 سيپٽمبر کان 15 آڪٽوبر	20 اپريل کان 1 مئي	15 فيبروريءَ کان 1 اپريل		-	-	نارو ڪينال	نارو ڪينال
5	ٽورانٽو	پرڏيهي	7 سيپٽمبر کان 15 آڪٽوبر	1 مارچ کان 10 اپريل	15 جنوريءَ کان 1 مارچ		-	-	نارو ڪينال	نارو ڪينال
6	ٻهاز (ٻه قسم)	پرڏيهي		=	=		-	-	نارو ڪينال	نارو ڪينال
7	ڦرائو (سيٽسون هشنڌ)	پرڏيهي	=		=	آنا اصل	-	-	نارو ڪينال	نارو ڪينال
8	رونهارو	پرڏيهي	=	=	=	وطن ۾	-	-	نارو ڪينال	نارو ڪينال
9	رتبو	پرڏيهي	=	=	=	اهين ٿا	-	-	نارو ڪينال	نارو ڪينال
10	نيرگ	پرڏيهي	=	15 فيبروريءَ کان 15 مارچ	1 جنوريءَ کان 15 فيبروري		-	-	نارو ڪينال	نارو ڪينال
11	هنج	پرڏيهي	=	1 مارچ کان 10 اپريل	15 جنوري کان 1 مارچ		-	-	نارو ڪينال	درياءِ سنڌ/نارو
12	لاڪي جلجن	پرڏيهي/ڏيهي	=	مئي کان اڳ. ٻر ڪافي تعداد ۾ رهي ٿا پوي ٿو (ساحلي علائقن ۾)	15 فيبروري کان 1 اپريل		-	-	نارو ڪينال	..
13	پيڻ	پرڏيهي/ڏيهي	=	=	=		-	-	نارو ڪينال	=
14	ڪُنيو	پرڏيهي/ڏيهي	=	=	=		-	-	=	=
15	هنجر	ڏيهي	15 نومبر کان 15 ڊسمبر	ٻئي سال آگسٽ ۾ (ٿوري عرصي لاءِ)	1 مارچ کان 1 اپريل	1 اپريل کان 1 مئي	8 کان 12 +	آگسٽ	نامعلوم	نارو (ڏکڻ طرف)
16	پونو	ڏيهي	=	=	=	=	=	=	=	=
17	ٻجرو	ڏيهي	=	=	=	=	=	=	=	=
18	ڇيهه	ڏيهي/ رول	25 جنوريءَ کان 25 فيبروري	=	=	=	=	=	=	=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکسريءَ جو سير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڪسريءَ جو سير

هاتوڪي پڪسريءَ جو هڪ منظر، جتان ڪان منڙائو ۽ ڪپرو واھ نڪرن ٿا.

آگسٽ ١٩٩٩ع جي ويهين يا ايڪيهين تاريخ هُئي. عبدالله، پير بخش، صالح ۽ مان، سانگهڙ ڪان پڪسريءَ طرف گهمڻ لاءِ نڪتاسين. سانگهڙ ڪان پڪسري ١١ ڪن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي واقع آهي. هن جاءِ کي "مکي ويئر" يا پڪسري ريليوليٽر بہ سڏيو ويندو آهي. اڳي اتي نارو چڙيو يعني بنا رنڊ روڪ جي وهندو هو. پوءِ انگريزن ١٩١٨ع کان ١٩٢٦ع واري واهن واري اسڪيم تحت هِتي ريگوليٽر قائم ڪيو، جنهن جي ڪري هِتان ٽي واهہ ڪوٽي ڪڍيائون، جيڪي اڄ بان واهہ، ڪپرو واهہ ۽ ڊوري جي نالي سان سڏجن ٿا. ڊورو جيتوڻيڪ مڪمل واهہ تہ نہ هو، پر پڪسريءَ کان شروع ٿي وڃي ناري جي اُن حصي سان ملندو هو، جتان اڳي سائو نارو اچي سانٽس گڏبو هو. ڪنهن زماني ۾ هيءَ جاءِ مکي ٻيلي جو وچ سڏبي هُئي. جنهن لاءِ محترم ولي داد ولي پنهنجون حُر تحريڪ واري دؤر جون سارونڻيون سارينڊي لکي ٿو تہ: "اسان جڏهن باکوڙي ۾

اچي ڪئمپ ڪئي سين، ته بان واهه جي موريءَ کان اتر طرف بند سان سرو جو تمام گهاٽو ۽ خوفناڪ ٻيلو ڏٺوسين، جتان کان لنگهندي دل پئي ڏڪندي هئي، ڇوته حُر ٻيلي مان اوچتو ظاهر ٿي فوجين تي حملو ڪري وري غائب ٿي ويندا هئا.“ اڳتي هلي هو چئي ٿو ته ڪيسري مڪي نالي ڊيلٽا ڏي اينڊڙ ويندڙ سيڙهي رستن جو سنڌو هئي. هيءَ اُها جاءِ هئي، جتي چئني طرفن جا رستا اچي هڪ ٻئي سان گڏيا هئا.

اها ڳالهه ١٩٣٠ع کان ١٩٤٧ع جي وچڌاري جي آهي. پر ڪيسري اج به اُنهي حالت ۾ موجود آهي. جيڪڏهن ڪا تبديلي آئي آهي، ته اُها آهي وڻن جي وڍجي وڃڻ جي ۽ ٻيلي جي ختم ٿي وڃڻ جي. اُهي سرينهن، اُهي ٽالهيون، اُهي گدامڙيءَ جا وڻ، اُهي ليسوڙا، اُهي پپر، اُهي نمون، اُهي آسري لوا، اُهي ٻهڻ، اُهي ڪنڊا ۽ ٻيا سهڻا وڻ، جيڪي ولي داد ولي حُر تحريڪ دوران ڏٺا هئا، سي دونهين جي شڪل وٺي هوا ۾ اُڏامي ويا. پر اُنهن جون نشانيون (ڪي آڳرين تي ڳڻڻ جيترا وڻ) اج به موجود آهن. سر، ٻن ۽ لئيءَ جو گڏيل ٻيلو اج به ڪنهن حد تائين پراڻي ياد تازي ڪري وجهي ٿو. جنهن مان رکي رکي مينهن ۽ ڳئن جي چڙن جا سُريلا آواز پاڻي ۽ ماحول جي خاموشيءَ ۾ اج به گونجندا رهن ٿا. ان ڪري ڪيسري اسان جهڙن فطرت پسندن لاءِ روح جي غذا جي حيثيت رکي ٿي. ڇوته نارو به جمڙائو هيڊ کان پوءِ اچي اتي ٿورڙو ساهي پٽي ٿو ۽ ان کان پوءِ مختلف واهن جي شڪل وٺي، سنڌ جي مختلف شهرن جون ٻنيون آباد ڪندو، سمنڊ کان اڳ ئي ختم ٿي وڃي ٿو.

اسان جو هيءُ مختصر سفر جيتوڻيڪ ايڏو يادگار نه ڪونهي، پر پوءِ به منجهس ڪا اهڙي ڳالهه آهي، جنهن لاءِ سفر کان اڳ ماحول جي حقيقي منظر ڪشي پيش ڪرڻ ضروري ڄاڻان.

سانگهڙ کان ڪپرو موري ڇهن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. موٽر سائيڪلن تي سفر ڪندي اسان کي وڌ ۾ وڌ اڌ ڪلاڪ ڪن لڳو هوندو. اُتان ڪيسري پنج ڪلوميٽر مس آهي. مون دل ئي دل ۾ پڪو پهه ڪيو ته ڪيري واهه جي بند سان سرينهن ۽ ٽالهين جي وڻن تي وينل ڪانڪٽن، ڇتوئن، توين وغيره جو ديدار ضرور ڪبو. مون وٽ پنهنجو ڪئميرا به هو ۽ دوست رمضان راهيءَ کان ورتل دوربين به. ڪپرو موريءَ کان ڪيسريءَ لاءِ جڏهن روانا ٿياسون، ته رستي تي مون کي هڪ سُڪل سرينهن ۾، جنهن جي جسم تي ڪوبه پن ڪونه هو، هڪ پکي ڏسڻ ۾ آيو. پکي ڇوته اڪيري ۾ وينل هو، ان ڪري مان سڃاڻي نه سگهيس، پر ڳاڏي ٻيهاري دوربين سان

نظارو ڪيوسين تہ معلوم ٿيو اها ڪارڪٽڇي هُئي، جا آري تي ويٺل هُئي. مون عبدالله کي چيو، "گاڏي موڙ." - چوتہ اسان ڪافي اڳتي مَتي آيا هئاسون. پوءِ جڏهن اُتي پهتاستون تہ مان ڪلهي ۾ ڪئمرا لٽڪائي وڻ تي چڙهي ويس. وڻ ذري گهٽ نوڙهو هو. هڪ تہ سڄو وڏيل هو، پيو وري جيڪو رهيل هو، سو سُڪي، پارڻ بنجي ويو هو. جنهن ڏار تي پکيءَ جو آکيرو هو، سو واهہ جي وهڪري جي بلڪل مٿان هو. مان آهستي آهستي پير سهائيندو، قدم ڪڻندو، ڏار جي اُن حصي تي وڃي بيهي رهيس، جتان ڪان اڳتي وڌڻ انتهائي مشڪل هو. جنهن سُڪل ٽاريءَ کي سهارو سمجهي هٿ ٿي وڌم، سا "ٽڙڪ" ڪري ٽٽي تي پيئي. هيٺان واهہ جو وهڪرو خطرناڪ حد تائين تيز هو. پنيان عبدالله جي رڙ پئي تہ، "خيال ڪجانءِ!" نيٺ ڏار مٿان بانبڙا ڏيندو ڏيندو وڃي آکيري مٿان بيٺم. ڪئميرا ڪڍي سڌو ڪيم، پير ڏڪڻ لڳا. ڏاڍي مشڪل سان جهاتي پائي ڏٺم تہ ٻہ بيضا ڏسڻ ۾ آيا. پوءِ ڪئميرا آکيري مٿان جهلي "ٽُڪ" تي ٻہ ٽي فوٽا ڪڍيم. ڪارڪٽڇي، جا ٿوري دير اڳ ٽرانڪندي وڃي پرڻين پر هڪ ٻبر ۽ تي ويٺي هُئي، هاڻ اُڏامي اچي پر واري سرينهن تي ويٺي، مان جيئن جيئن اُتان هيٺ لهڻ لڳس، تہ هوءَ ٽرانڪڻ لڳي. سندس آواز "ٽِرڪَ ٽرِيئَہ" ۾ "ي" جو آواز ڪافي ڊگهو محسوس ٿي ٿيو. جڻ تہ چوندي هجي "ٽِرڪَ ٽرِيئَہ" جنهن مهل ٻولي ٿي ڪيائين تہ پنهنجي ڊگهي ۽ ٻسانگيءَ واري پڇ کي هيٺ مٿي ٿي لوڏيائين.

سنڌ ۾ ڪارڪٽڇي عام جام آهي. اِها گهڻو ڪري هر جاءِ تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. خاص ڪري بنبوءَ جي تارن تي. نہ تہ هر ڳوٺ هر ڳام اِهو پکي حاضر آهي. صبح سويرو اُتي ٻولي ڪندو آهي ۽ هاري گهڻو ڪري ڪارڪٽڇيءَ جي ٻولي ٻُڌي هرن لاءِ اُسهندا آهن. جيئن ڪُڪڙ اسر جو دس هڻن، تيئن هيءَ ٻہ پنهنجي خوبصورت ٻوليءَ سان پرهہ ڦٽيءَ جو هوڪو ٿي ڏئي. پر ڪڏهن ڪڏهن ٻين کي رات جو بيگاهہ وقت ۾ ٻہ ٻوليندي ٻڌو ويو آهي. اڳ جڏهن مان ڳوٺ رهندو هوس، ۽ اِن پکيءَ کي شام اوندهہ ڦهلجڻ تائين ٻولي ڪندي ٻُڌندو هوس، تہ سوچيندو هوس، "هاڻ ڪهڙي وِيڌن اتس؟" ڪارڪٽڇيءَ کي انگريزي ۾ Black Drongo سڏيو ويندو آهي. هتي مکيءَ ۾ مون سندس هڪڙوئي قسم ڏٺو. هِن جو پڇ چوٽيءَ کان انگريزيءَ جي حرف "وي" جهڙو ٿي لڳو. هن جو هڪ ٻيو قسم ريڪيٽ جهڙي پڇ واري ڪارڪٽڇي آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Racket tailed Drongo جي نالي سان سڏجي ٿو. چوتہ سندس پُڇ جي ٻاهرين ڇيڙن وارا

۽ ڪنب ڏکيا ۽ ٻاهر نڪتل هوندا اٿس. هي ٻئي قسم رنگ ۾ بلڪل ڪارا هوندا آهن. اينري قدر جو بعضي سنڌن ڳاڙهيون اکيون به نظر نه اينديون آهن.

مان جيئن ئي وڻ کان هيٺ لهي آيس ته ڪارڪٽيچي به اُڏامي سرينهن تي اچي ويني. جڏهن اڏامي ٿي ته هوا ۾ هيٺ مٿي ٿي ٿي. ائين ٿي لڳو، ڄڻ ته هوا جي چولين مٿان جُهلندي هُجي.

چون ٿا ته ڪُتي جيئن ڪارڪٽيچي به وفادار ٿيندي آهي. مون ڪڏهن به ڪنهن کي سندس ٻچا پاليندي نه ڏٺا آهن. پر "Wild life of India" جو ليکڪ E.P.GEE پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته هُن جڏهن ريڪيٽ جهڙي پڇ واري ڪارڪٽيچيءَ جو ٻچو پاليو ته اهو ڏاڍو وفادار نڪتو. ليکڪ جيڏانهن به ويندو هو، اُهو اوڏانهن ساڻس اُڏامندو هلندو هو. ائين ميلن جا ميل گڏ سفر ڪندو رهندو هو، پوءِ واپس بنگلي تي موٽي به ايندو هو.

اصلي پڪسريءَ واري ديوار. جيڪا تازو ڪوٽي ڪئي وئي آهي. ڇيو وڃي ٿو ته ناري کي ڇاپ ڏيڻ لاءِ انگريزن اها ديوار ڏياري هئي.

ڪارڪٽيچي سياڳو پکي آهي. ائين جيئن اسان جي ثقافت ۾ ڪانءُ سياڳو پکي آهي. هيءَ وڻن تي آکيرو ناهيندو آهي ۽ آکيري جي وٽ ڪاري جيئن پکي ۽ شاندار هوندي اٿس. آنن جي موسم اپريل کان سيپٽمبر اٿس. گهٽو ڪري ٻه ٽي يور آنن جا لاهيندي آهي ۽ هيءَ پنهنجي هڪڙي پور ۾ چار آنا لاهيندي آهي. سنڊ آنن مٿان جدا ٽڪا به ٿيندا اٿس. آري جو عرصو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر ناهي تہ ڪيترو ٿيندو اٿس.

ڪجهہ ڏينهن بعد مون ساڳئي واهہ سان بيٺل هڪ ٻئي سرينهن جي سُڪل ٽارين ۾ ٿهيل سندس آکيري جا فوٽا ڪڍيا، جنهن ۾ ٽي آنا لاٿل هئا. هُن جي سُڪل ٽارين ۾ آکيرو ٺاهڻ واري چونڊ منهنجي لاءِ اچان بہ ڳجهہ بڻيل آهي.

ڪارڪٽڇيءَ ڪي اوهان رڍن، ٻڪرين، ڍڳين ۽ مينهن جي پٺن تي سفر ڪندي ضرور ڏٺو هوندو. چوڻ مال تي گڏ ٿيل مکيون، مڇر، جيت ۽ چارو سندس شڪار ۾ شامل آهن. ڪٽي باهہ لڳل هجي يا هاري هر ڪاهيندو هجي، ڪارڪٽڇي اوهان ڪي اُتي بہ لامارا ڏيندي نظر ايندي. سندس مار جيت جتامن تي ٿي هوندي آهي.

ڪپري واهہ جا بند هجن يا منزائو واهہ جون ٽالهيون، ناري جي پينٽل هجي يا جمڙائو جون ڪنڌيون، هُد هُد، ڪانڪُٽا، ٽوٻا، چتون ۽ ڪجهہ ٻيا پکي اوهان ڪي ضرور ڏسڻ ۾ ايندا. اها ڪافي حيرت جي ڳالهہ هُئي جو، هن ڀيري مون کي هُد هُد مڪمل طرح غائب لڳو. نہ تہ اڳي جڏهن بہ اَيڏانهن گهمڻ جي شوق سان ويندا هئاسين، تہ هُد هُد جون جوڙيون وٽن جي چانوَ هيٺ چُڳندي ڏسندا هئاسين. اِن مان لڳي ٿو تہ هُد هُد اِن موسم ۾ ڪيڏانهن هجرت ڪري وڃي ٿو.

پکسري پهچڻ تي اسان جو استقبال نهايت ئي منڙي ۽ سُريلي آواز سان ٿيو. اِهو آواز شاعرن جي من پسند پکي ڪوئل جو هو. مون هڪ گهاٽي ۽ ساَئي ٻير ۾ جهاتي پائي ڏٺو تہ بيچاري ڪوئل سڄو زور لڳايو پنهنجو گيت ٻڌائي رهي هُئي. ٻير اوچو هو ۽ مون وٽ ٽيلي لينس بہ نہ هئا، تنهن ڪري سندس فوٽو ڪڍي نہ سگهيس.

پکسري، جيئن تہ مان اڳ ۾ بيان ڪري چڪو آهيان، اُها جاءِ آهي، جتان نارو ٽن واهن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. اسان چوڻ ڪپرو واهہ ڏيئي آيا هئاسين، ان ڪري اُن جي موريءَ جي منڍ تي ٺهيل ٽالهين جي ٿڌي ڇانوَ هيٺ ويهي رهياسين. هتان دوربين ذريعي سانگهڙ طرف ڏسڻ سان پادريءَ جي ڳوٺ واري گرجا گهر جو ٽاور سليب سميت نظر آڏو اچي بيهي ٿو. اويرندي پر نگاهہ ڦيرڻ سان بڪار واري پٽڻ واريون هڙبون، جن ۾ هر سال ڪانئيرا ۽ ٻگهہ پنهنجا آکيرا جوڙي ٻچا ڪندا آهن، چٽيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هتان ڪان اُتر ۽ اوير واري ڪنڊ تي اُهو علائقو آهي، جتي هن وقت چوٽياريون ڊيم جو ڪم وڏي زور ۽ شور سان جاري آهي، ۽ اتر ۽ اَولهندي ڪنڊ تي هڪ ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي ناري واهہ جي بند جي بلڪل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿان هرٽي واري پٽ آهي، جتي سومر جي مياڻ نالي ميربحر قوم جو ڳوٺ آهي. هن ڳوٺ کي هرٽيءَ وارو ڳوٺ به چيــو ويندو آهي. پر جنهن جاءِ تي اسان پاڻ ويٺا آهيون، اُن جي بيهڪ ڪجهه هِن طريقي سان آهي. اسان ڪپرو موريءَ (يعني پسڪريءَ واري ڪپرو موري) جي ساڄي هٿ تي، ناري جي بند جي اندرين پير، جتي چانهن جي هوٽل جا پراڻا آثار آهن، اتي ويٺا آهيون. اسان جي ساڄي هٿ تي منڙائو واهه (بان واهه) جي موري آهي، جنهن جي ڪابي پاسي تي اندرئين پر هڪ پپر جو وڻ بيٺل آهي، جو نهايت ئي شاندار منظر پيش ڪري رهيو آهي. پپر جي سامهون بند جي هُن پر به سنهاڄڻي جا وڻ به بيٺل آهن، جيڪي پڻ بيحد وڻندڙ نظر اچن ٿا. جيتوڻيڪ بند سان گڏ ٽالهين جا وڻ به موجود آهن، پر ناجائز ڪٽائيءَ جي ڪري ڇدا ٿي ويا آهن. سياري جي موسم ۾ هِن موريءَ مان نڪرندڙ پاڻيءَ جو آواز سانگهڙ جي آس، پاس وارن ڳوٺن ۾ چٽيءَ طرح سٽائي ڏئي ٿو. جيتوڻيڪ منڙائو جي سطح اڳي ڪان به مٿي ٿي وئي آهي، پر پوءِ به اِهو آواز رات جي سانت ۾ پراڻيون يادون جاڳائي وجهي ٿو. پڪين سرن سان اڏاوت ٿيڻ تي مقامي ماڻهن مٿس پڪسري نالو رکي ڇڏيو. (تازو اُن موريءَ جي سامهون ناري جي پرئين پر ڪوٽائيءَ ۾ هڪ وڏي پڪين سرن واري ڄَهل نڪتي آهي، جنهن لاءِ گمان اِهو آهي ته اِها ئي اصل پڏسري آهي). ان موريءَ کي ڪجهه وقت اڳ تائين پاڻي نڪرڻ واري پاسي ڪان ڏسبو هو ته وچ تي مستطيل شڪل جو هڪ پٿر نظر ايندو هو، جنهن تي موريءَ جي اڏاوت جو سن ١٩٢٨ع لکيل هو. منڙائو لاءِ چيو وڃي ٿو ته اِهو واهه اڳ ۾ هيرڻ ڍنڍ مان وهي هلندو هو، ڇوته پڪسري ريگيوليٽر ڪان اڳ ناري جي پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ ڪو جوڳو بندوبست نه ٿيل هو. ان ڪري پراڻا واهه واهوندا گهٽو ڪري سانگن ۽ ڍنڍن مان پاڻي حاصل ڪندا هئا.

اسان جي ڪابي پاسي ڪان (يعني ڪپري واهه واري موريءَ جي ڪابي پاسي ڪان) نارو ڊورو ڪوٽيل آهي، جنهن کي الاهي ور وڪڙ ڏيئي وڃي ناري جي اُن حصي سان ملايو ويو آهي، جتان اڳي ڪيس سا ئو ناري ذريعي پاڻي ملندو هو. ناري جي هِن حصي جو وهڪرو بلڪل سست آهي، جنهن ڪري اِهو هر سال ريٽبو رهبو آهي. هِن جو اڳ وارو وهڪرو آچي واري چنڊڻ وٽان هو، جيڪو چيو وڃي ٿو ته قدرتي هو ۽ جهجهو لٽ ڪٽي وڃي عمر ڪوٽ، نئون ڪوٽ، ڪلوئي ۽ رڻ جا پٽ آباد ڪندو هو (اڄڪلهه هڪ بيو نارو ڪوٽي ڪڍيو ويو آهي، جيڪو ڏوگريون واري پٽ ڪان سڌو ٽنڊو مٺا خان طرف وڃي ساڳي ناري سان ملندو آهي. هِن ناري جي دروازن

واري- گول چڪري تي Ransomes Rapier Ltd Ipswioh England تحرير ڪيل آهي، جنهن جي وچ تي چٽن اکرن سان 1929ع لکيل آهي. هتان ڪان جڏهن دوربين ذريعي اوير ۽ اتر واري ڪنڌ تي ڏسبو ته سرن ۽ پن جي جهنگ جو نه ڪٽنڌڙ سلسلو نظر ايندو، جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي سرينهن توڙي ٽالهيءَ جا وڏا وڻ پڻ ڏسڻ ۾ ايندا. ان جهنگ جي اندر ڪنهن ڪنهن جاءِ تي اهڙا نه وارياسا پٽ آهن، جو فصل ڪٽي هڻ ته اُن جا انبار لهيو پون. انهن پٽن ۾ جمالي، هنگورا، بهڻ ۽ نظاماڻي ذات جا مقامي پاڳيا آباد آهن، جيڪي مال جي جوءِ تي اڄ به ساهه ڏيندا پيا اچن. انهيءَ علائقي ۾ پير صاحب پاڳاري جي ڪٽ پڻ آهي، جتي ڪاٺ ۽ جهنگلي جيوت جي رک ٿئي ٿي. هن ٿي ڪٽ ۾ ناري واري علائقي جو باقي بچيل ڦاڙهو، جنهن کي مقامي ماڻهو ڪانڙيو چون، رهي ٿو. جهنگ جي پرپان صدوري ۽ سيري نالن واريون ڍنڍون آهن، جيڪي جهنگلي جيوت جي تيزيءَ سان ناياب ٿيندڙ نسلن، خاص ڪري لڏڻ ۽ واڳوئن جون مرڪز بڌايون وڃن ٿيون. انهن بنهي ڍنڍن جي آس پاس واري جهنگ ۾ ڪجهه وقت اڳ، ٿائين ڦاڙهن جو ڪجهه تعداد پڻ موجود هو، پر هاڻي خبر ناهي ته اُهو ياڻ بچائي سگهيو هوندو يا نه؟ پر جي ڪو ساهه وارو بچيو به هوندو، ته اُهو ايندڙ ڪجهه سالن ۾ چوتياريون ڊئم جي راڪاس جي ور چڙهي ويندو.

اسان ڪجهه دير ويهي، ساهي پٽي، اڳتي روانا ٿي وياسين. ناري جي پُل ٽپي، جڏهن پرئين پربهتاسين ته چوتياريون ڊئم جو بند شروع ٿي ويو. اسان کي ايترو اڳتي به نه وڃڻو هو. سو بند تي چڙهي پن ۽ سرن جي سنگم ۾ وچيل اُن قدرتي جهنگ جو نظارو ڪرڻ لڳاسين، جنهن جي ڪا به حد نه هُئي. مان دوربين ڪٽي سامهون نظر ايندڙ پاڻيءَ جي چر مٿان ڀهڪندڙ پپڻ جي گُلن مان لطف اندوز ٿيڻ لڳس، جيڪي ڪير جهڙو لباس اوڍي چمڪي رهيا هئا. اوچتو منهنجي نظر هڪ ڪانهن جي ٻوڙي تي پئي، جنهن جي پرسان بيٺل سرن جي هڪ تيلي تي به ڪبرا توبا ويٺل هُئا، جن کي انگريزيءَ ۾ Pied king fisher چئبو آهي. اِهي سر جي ڪاني تي تيندو تاهيو ويٺا هُئا. سندن سفيد جسم واري پُٺ تي سليٽي رنگ جا پٽا هئا. ٻئي رنگ ملي ڪري ڪين چانديءَ جيئن چمڪائي رهيا هئا.

ناري ۽ اُن جي آس پاس جي ڍنڍن ۾ ٻن قسمن جا توبا ٿين ٿا. هڪ جو رنگ ناسي ۽ نيرو سائو ٿئي ٿو، جڏهن ته ٻئي جو ڏڪر مان مٿي ڪري چڪو آهيان. ٻئي ذري گهٽ ساڳئي قسم جي ٻولي ٻوليندا آهن. گهڻو ڪري وڻ جي ٽاريءَ يا ڪنهن تڙ جي تيلي وغيره تان اُڏامڻ مهل "گلو ڦاڙي

رڙيون" ڪندا آهن. سندن ٻوليءَ مان اهو اندازو ٿيندو آهي، جڻ : ڪو اُڏاري رهيو هجين! ٽوبا گهڻو ڪري اڏامندي شڪار ڪندا آهن. هو واهه توڙي اُن مان نڪرندڙ شاخن جي اڳهاڙن وهڪرن مٿان اُڏامي، اهڙيون نه گهتون هڻندا آهن، جو هيڪر ته محسوس ٿيندو آهي "مري ويا" پر جڏهن پاڻيءَ مان نڪري پاڻ کي ڇنڊي ڦوڪي وري مٿي اُڏامڻ لڳندا آهن ته سچ پچ دل کي داد ڏيڻ لڳندي آهي. موت به انهي ئي جبلت سبب ٿيندي اٿن. گهٽ هڻندي ڪنهن ڪاني، ٻوڙي، ڪناري، ڪنڊن وغيره ۾ وچي لڳندا آهن. هي ڍنڍن، ڍورن، ڪامن ۽ تلائن مان به پنهنجو شڪار ڳولي لهندا آهن. آنا به ڪنارن اندر سوراخ ڪري لاهيندا آهن. جيئن اُنهن کي لوڪڙ ۽ ٻين جانورن کان محفوظ رکي سگهن. هرهڪ ٻُور ۾ ٽن کان اٺ آنا ٿيندا اٿن. سندن آکيرا مڇيءَ جي ڪرنگهن جا ٺهيل هوندا اٿن. ڊگهي ۽ سنڌي چهنب هجڻ ڪري مڇي ڳڀڻ ۾ آساني ٿيندي اٿن.

ڪيترن ٽوبن جي چهنب ڪارڙي رنگ تي ۽ ٻين ڪاسي ٽوبن جي ڳاڙهي رنگ تي ٿيندي آهي. ٻهرين قسم کي سنڌيءَ ۾ "ڪنگر" ۽ ٻئي قسم کي "دليل" پڻ سڏيو ويندو آهي. دليل جي ڇاتيءَ تي سفيد پٽو پڻ ٿئي ٿو. ان ڪري انگريزيءَ ۾ ان کي White breasted king fisher سڏبو آهي.

انهن مڇي مار ٽوبن جو ديدار ڪري جڏهن اسان واپس ٿي رهيا هئاسون ته مون پکسريءَ واري موريءَ کان ڏکڻ اوڀر طرف هڪ نظر ڪري ڏٺو، جتي ماضيءَ ۾ ڏوگريون نالي هڪ بنهه وڏي ۽ بيحد خوبصورت ڍنڍ ٺهيل هئي، جيڪا ڏيهي توڙي پرڏيهي پکين جي آماجگاهه بڻيل هوندي هئي. پر افسوس جو ان مان هاڻ بختاور ڪينال ڪوٽي ڪيس هٿ سان سُڪايو ويو آهي. اها ڍنڍ ٿورو وقت اڳي تائين مکيءَ جي اڪيلي پکين جي سينڪچري هئي. جنهن جي تباهيءَ تي بقول منهنجي دوست اسحاق مگريو جي ته هڪ الڳ ڪيڏارو لکڻ جي ضرورت آهي.

مکيءَ جي ڍنڍن ۽ واهن پرسان رهندڙ مڇي کائيندڙ ننڍڙو پکي ٽوبو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوڪريون ۽ کهڪارو
ٻن لوڪ ڪٿائي ڊنڊن جو الميو



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوگريون ۽ کھڪارو

ٻن لوڪ ڪٿائي ڏيڏن جو الميو

ڏونگريون ۽ کھڪارو: ڏوگريون ڏيڏ کي سڪائي ان جي سيني مان مٽي ڪڍي چوٽياريون ڏيم جو بند ناھيو پيو وڃي.

[جتي ماڻھو پکين جا ۽ حڪومتون ڏيڏن جون دشمن هجن، اُتي سونهن ۽ زندگي ديواني جي خواب مثل آهي.]

هونئن ته مکي سڄي پکين سان پيري پئي آهي، پر ڪن علائقن جي ته ڳالهه ئي ٻي آهي. مان جڏهن ننڍو هوندو هوس ۽ ڇهون درجو پڙهندو هوس، ته پنهنجي مرحوم چاچي نور محمد ۽ سوٽ بهار وارن جي ڪچهرين ۾ جن چئن پنجن ڏيڏن جو ذڪر ٻڌندو هوس، تن ۾ ڏوگريون ۽ کھڪارو ضرور شامل هونديون هيون. اهو ذڪر پکين جي حوالي سان ٿيندو هو. چاچي وارن جي گهر روز هنديءَ ۾ هڳاءُ ٿيندو هو، جنهن کي مايون ”ڏپ“ سڏينديون هيون. اهو هڳاءُ پکين جي گوشت جي مخصوص ڪچي ساءَ جو هوندو هو، جو هنڌيا ملهڻ جي باوجود به منجهن رهجي ويندو هو. مان به پيالو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي ڪڏهن ڪڏهن سندن در جو سوالي بڻبو هوس. پاڻيءَ جي پکيءَ سرن، ڦاڙهي، ڳيري ۽ سهي جي گوشت جو ٻوڙ، مون ڀهريون ڀيرو پنهنجي ٻرائي ڳوٺ ۾ ئي کاڌو هو.

ڀهراڙيءَ ۾ رهڻ ڪري قدرتي ماحول ۾ جن پکين کي تمام ويجهو کان ڏسڻ جو موقعو مليو، تن ۾ تتر، جهرڪيون، تتيهر، ٽيٽا، ڪڳ، ڪڳيريون، ننڍا ٽيٽا، ڪنڪناٽيون، هيڙها، ڪارڪٽڇيون، ملهلا، ڪانوُ، ڪٻرون، ڪٺا مار، ڳجهون، پاريهر، چنڊولون، ٻُربلا، چيها، وهيا، ڳيرا، پونتريا، چپاڪا، ٻگهه، هُدهد، ڪانڪُٺا، سانهون، ڪُڪڙات وغيره شامل هوندا هئا. جهنگ ۽ پاڻيءَ جي پر ۾ رهڻ وارن پکين ۾ جهنگ ڪڪڙ، ڳڱهه پکي، ڪينٽاني، ڪهنگ، ڪاهو وغيره ڏسڻ جو اتفاق پڻ ٿيندو هو.

پکين جي لسٽ تہ تمام ڊگهي آهي ۽ هيءُ خطو بہ انهن سان مالا مال آهي، پر مان ڳالهہ ڪرڻ پيو چاهيان انهن ٻن تاريخي ٻنڊن جي، جن جا نالا مکيءَ ۾ پکين جو ٿورڙو شوق رکندڙن جي زبان تي بہ هر وقت پيا گونجندا هئا. آخر ڪهڙي ڳالهہ هئي جو هر شڪاري ڏوگرين ۽ کهڪاري جو ذڪر پنهنجي شڪار جي ڳالهين ۾ لوڪ داستانن جيئن ڪندو هو؟

ڳچ عرصو اڳي اتي ڪڇهہ بہ ڪونہ هو. رڳو پٽ ئي پٽ پيل هو. ان پٽ ۾ بہ ٽي پٽون هيون، جن مان ڏوگرن مستقل وسندڙ پٽ هئي. جڏهن انگريزن، ناري کي ٻڪسريءَ وٽان ٻن واهن ۾ وهائڻ شروع ڪيو تہ خود ناري جي ساڄي ۽ انهن مان هڪ جي کاٻي ڪناري سان انهيءَ پٽ ۾ آهستي آهستي سم وڌڻ شروع ٿي. ڀهريان ٻڪسريءَ کان ٻڪار تائين پاڻي فقط ڪڇهہ ڍبن تائين محدود رهيو، پر بعد ۾ اهو وڌي ٻڪار ۽ ٻڪسريءَ واري ڪچ ۾ واقع ڏوگرين، کهڪارو ۽ رُنل واري پٽ تائين پهچي ويو. پاڻي وڌڻ سان ان ۾ گاهہ ۽ گند پڻ وڌيو. اهو پاڻي آهستي آهستي وڌندو ٻن وڏين ڍنڍن جي شڪل اختيار ڪري ويو. اهي ڍنڍون پوءِ ڏوگرين ۽ کهڪارو جي نالي سان مشهور ٿيون. اتان جي مقامي رهواسين، جڏهن اتي ٻنيون پوکڻ شروع ڪيون، تہ انهن سم کي روڪڻ لاءِ ڏوگرين وٽان هڪ سگهي ڪڙ يا بند ڏياريو. ان کان پوءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن پاڻي اٿرو نہ وڌي ويندو هو، جو ان علائقي ۾ ساهڙ پير نالي هڪ بزرگ جي مزار کي اچي ڇهندو هو. اها مزار ٻڪار واري پٽڻ سامهون ڪافي اوچي جاءِ تي واقع آهي.

پاڻيءَ جي آبگاهہ ٻڌجڻ کانپوءِ انهن ڍنڍن ۾ ڀهريان مڇي ٿي ۽ پوءِ پکي پهتا. جن پٽن تي اهي ڍنڍون وجود ۾ آيون، سي سامور وارن جوڻيجن ۽ ڏوگرين وارن سيدن جي ملڪيت هئا. ڪجهہ پٽا ڪن ٻين مقامي ماڻهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالن سان پڻ هئا. مکيءَ جي ٻين ڍنڍن جي بنسبت هنن ڍنڍن ۾ ننڍو پاڻي هوندو هو، ان ڪري پاڻيءَ جا پکي آسانيءَ سان ان ۾ چوڳو ڪري سگهندا هئا. پکين جي تعداد کي وڌائڻ خاطر مرحوم ڪريم داد خان جوڻيجي، انهن ٻنهي ڍنڍن ۾ 73-1972 ڌاري پنجاهه مڻ ڪن ساريون ڇٽرايون. پوءِ هڪ دفعو جيڪو به پکي آيو، سو موٽي نه ويو. پکين جي ڪڙ ڏسي آس پاس جي ڍنڍن کان به پکي اچڻ شروع ٿيا، ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سڄي ڍوگريون ڍنڍ پکين سان پرجي وئي. شڪارين کان بچائڻ لاءِ ڪريم داد خان پاڻ ان تي رک ڪرائي. ان زماني ۾ جام صادق علي خان جو دٻدٻو ملڪان ملڪ مشهور هوندو هو. مرحوم ڪريم داد خان سندس پڳ مٽ يار هو. جيتوڻيڪ سامور وارا جوڻيجا خود اثر رسوخ وارا ماڻهو هئا. سندن ماڙيون اڃا به بڪار ڍنڍ ۾ موجود آهن، پر پيٽي جي حڪومت دوران ڪريم داد وارن جي طاقت اڃا به وڌي وئي هئي. 1973ع ڌاري ڪريم داد خان جوڻيجو حڪومت سنڌ کان ڍوگريون کي "گيم سينڪچري" ڪرائي آيو. پر ڍنڍ هيٺ آيل زمين جي مالڪن طرفان ڪورٽ ۾ داکل ڪرڻ تي اها "گيم سينڪچري" ڇهن مهينن اندر رد ٿي وئي. پوءِ به، جو ته جوڻيجن جي به ڪافي زمين ان ڍنڍ هيٺ آيل هئي، مرحوم ڪريم داد جو قبضو ۽ رک ڪافي سالن تائين جاري رهي ۽ ڍوگريون ۽ ڪهڪارو پکين جي جنت بڻجي ويون. هر سال وڏا وڏا ماڻهو شڪار ڪرڻ لاءِ اچڻ لڳا. مرحوم ڪريم داد، جيتوڻيڪ پاڻ به شڪار جو وڏو شوقين هو، پر پکين، جانورن ۽ وڻن جو وڏو همدرد ۽ خيرخواهه پڻ هو. شڪاري، ٻيلا وڍيندڙ انن وارا ٻروهي ۽ پٺاڻ ڪانئس ڪن ڪري هلندا هئا، جو ته ان معاملي ۾ هو ڪين ٻڌرائيندي ۽ موچڙا هڻائيندي به دير نه ڪندو هو. (مکيءَ ۽ ناري جي جهنگلي جيوت جي بچاءَ لاءِ اڄ به اهڙي ئي ماڻهوءَ جي ضرورت آهي.)

ڪريم داد جي غير طبعي موت کان پوءِ ڍوگريون ۽ ڪهڪارو شڪارين جي رحم ۽ ڪرم تي اچي ويون. ناري جي وٽ واري حصي تي ته سيدن رک ڪرائي، باقي ٻاهريون پاسو جنهن تنهن لاءِ کليل رهيو. جيتوڻيڪ ان سڄي علائقي ۾ سرڪار طرفان هر قسم جي شڪار تي پابندي هوندي هئي، پر "پرمٽ" وڏو ڪم ڪيو ٿي. جتي ماڻهن کي هفتي ۾ ۱۵ پکي مارڻا هوندا هئا، اتي ۱۰۰ ماري سگهيا ٿي، جو ته شڪار کاتي وارا سڄو ڏينهن سندن رکوالي ڪري ڪونه ٿي سگهيا.

گيم سينڪچري هجڻ ڪري اهي ٻئي ڍنڍون مقبول ته اڳ ۾ ئي هيون، رهندي ڪسر ڪريم دادخان جي موت پوري ڪري ڇڏي. شڪارين

جا جاوا تي ويا. جڏهن چاچي وارا ويهي ڳالهيون ڪندا هئا، تہ ”پکين جي ڪوٽن“ جهڙا اصطلاح استعمال ڪندا هئا. آڙيون ايتريون تہ هونديون هيون، جو اڏامڻ تي آسمان ڪاري چادر سان ڍڪجي ويندو هو. شڪاري هڪ هڪ ڏڪ ۾ چاليهہ چاليهہ آڙيون ماريندا هئا. چيڪلا بہ هزارن جي تعداد ۾ چاچي لهندا هئا. هڪ فائر ڪري همراهہ ويهي ٻوريون ڀريندا هئا.

مقامي گيم واچر ڏهن روپين تي بہ واچيون تيڙيو وٺا هوندا هئا. گهٽو ڪري سندن ڀاڃيءَ تي ئي شڪارين جو ڪم ٿي ويندو هو.

سيارو ٿيندو هو تہ اسانجي ڳوٺن جا شڪاري بہ بندوقن کي تيل ۽ ”گزي“ هڻڻ شروع ڪندا هئا. ڇا جي پرمٽ ڇا جو خوف! ميوو گيم واچر ويٺو هوندو هو باڪوڙي موريءَ وارو گهٽ جهليو ۽ هي همراهہ ويندا هئا بان ۽ ڪپرو واهہ تري! پکين جون ڀريون ٻڌي ڪٽي ايندا هئا. مون کي ياد آهي تہ چيڪلا گهٽا ماري ڪٽي ايندا هئا. آڙين ۽ اچڙن کي بہ ڇگو ٻرو ڏيندا هئا. هڪ دفعي منهنجو چاچو ڀناڻ جيترو نيرڳ ڪٽي آيو هو. سندس ڪنپڙاتين ۾ بندوق لڳل هئي. مون کي ياد آهي تہ اسان چاچي وارن جي آڳر تي ان کي ڊوڙائيندا وتندا هئاسين. ڳيٽو، چيڪلو، نيرڳ، هنج، چيهہ، هنجر، آڙي، ڪينٽاني، اچڙو، رتنبو، ٻهاڙ، ڊڳوش وغيره جهڙن نالن کان مان ان زماني ۾ ئي واقف ٿيس.

آڙي، چيڪلو ۽ ڪينٽاني، جي ڪو ماري ايندو هو تہ هڪدم سڃاڻي وٺندا هئاسين. باقي ٻين پکين جا رڳو نالا ياد ايندا هئا، پر سڃاڻي نہ سگهندا هئاسين. واهہ جي ويجهو ڳوٺ هجڻ ڪري، سياري جي رات جو، جڏهن پکي گهرن مٿان گذرندا هئا، تہ انهن مان ڪن جا پر بہ وڄندا محسوس ٿيندا هئا. ڳيٽي پکيءَ کي پر ڍهل جيئن وڄائڻ ڪري اسان ”ڍهلاري“ سڏيندا هئاسين.

ڏوگريون ۽ کهڪاري کان سواءِ چاچي وارا ٻن ٻين جاين جا بہ نالا ڪٽندا هئا. هڪ جونالو ”ڍنڍو“ هوندو هو ۽ ٻيو ”سانگراڙو“. ڍنڍو اڄ بہ سمٽي جي شڪل ۾ موجود آهي، جڏهن تہ سانگراڙو هڪ ڍنڍ آهي، جتي ديسي ۽ پرديسي پکي اڄ بہ رات ڪري اچي لهندا آهن، پر مقامي ماڻهن جي رڪ جي ڪري اهي سک جو ساهہ کڻندا پيا اچن.

ڳالهہ ڏوگريون ۽ کهڪاري جي پئي هلي، جو نہ کوجنا ڪري ڏسون تہ اهي ڍنڍون جيڪي ڪنهن زماني ۾ ڏيهي پرڏيهي پکين لاءِ سک جون وستيون هيون، ڪيڏانهن ويون؟ ڏوگريون نالو ڪيئن پيو ۽ کهڪارو ڇا هو؟ انهن پٽن تي اڄ ڇا ٿو وسي؟

جاگرافيائي لحاظ کان هيءُ علائقو مکي ٻيلي جي وچ ۾ اچي ٿو. جيتوڻيڪ ٻيلو ته نه رهيو آهي، پر پاڻيءَ جي جهجهي مقدار هئڻ ڪري پن، سرن، لئين، لاڻن وغيره جو چڱو خاصو دن اڄ به موجود آهي. مکي ويئر، جنهن کي پڪسري به چئبو آهي، هڪ اهڙي جاءِ آهي، جتي ناري کي عارضي طور روڪيو ويو آهي. اتان به واهه نڪرن ٿا. هڪ جو نالو منڙاڻو آهي ۽ ٻئي جو نالو ڪپرو واهه آهي. اتان ئي نارو پورب جو رخ ڪري، چار پنج ڪلوميٽرن جو مفاصلو طئي ڪري، هڪ ور کائي، ڏکڻ طرف روانو ٿي وڃي ٿو. پوءِ مشهور ڳوٺ ٻڪار (ناري جي ڪابي ڪناري تي آهي) کان ٿيندو هڪ دفعو وري اوپر طرف ور کائي ٿو. جتان کان پنهنجي اڳئين ور ۾، جنهن جو رخ ڏکڻ طرف آهي، چوٽياريون شهر کي دريافت ڪندو اڳتي هليو وڃي ٿو. ڏوگريون ۽ کهڪاري واريون ٻئي پٽون، ناري ۽ ڪپري واهه جي پوروچوٽيءَ واري ميداني علائقي ۾ واقع آهن، جو ته پڪسريءَ وٽان ڪپرو واهه سڌو ڏکڻ طرف وهي هلي ٿو ۽ نارو اوپر طرف. پر پوءِ اچانڪ سندس ڏکڻ طرف مڙڻ ڪري هڪ يُو (U) شڪل نهي پوي ٿي، جنهن جي جهوليءَ ۾ هي ٻئي ڍنڍون اڄ پڙيانگ حالت ۾ ڦهليون پيون آهن. "جهونگار" مکي نمبر ۾ مجيد منگريو ڏوگريون ڍنڍ جو مختصر تعارف ڪرائيندي لکي ٿو ته:

"ڏوگريون ڍنڍ نارا ڪينال جي ساڄي پاسي ڳوٺ ٻڪار کان ڏکڻ اولهه طرف آهي. هن ڍنڍ جي وچ ۾ به پٽون آهن، جن کي ڏوگريون ننڍي ۽ ڏوگريون وڏي چوندا آهن. چون ٿا ته تمام پراڻي وقت ۾ هتي ڏوگرا پاڙي جا راجڙ ذات جا رهندا هئا. ان ڪري هن تي نالو ڏوگريون پئجي ويو. هي ڍنڍ ٻن ڳالهين جي ڪري ڏاڍي مشهور رهي آهي. هڪ ته سياري جي موسم ۾ هر قسم جا پکي تمام گهڻا ايندا هئا. ايتريقدر جو پوري ڍنڍ پکين سان پريل ڏسڻ ۾ ايندي هئي. ان کان سواءِ هن ڍنڍ ۾ ٻري ٻري جي ڳوٺن جو چوپايو مال چرڻ لاءِ ايندو هو. پر هن وقت اها ڍنڍ ختم ٿي چڪي آهي. پاڻي ۽ چراگاهه جي بدران صرف لئي جو جهنگ وڃڻ لڳو آهي."

ڏوگريون کان اتر اولهه طرف ناري جي ساڄي ڪپ تي ۽ ڪپري واهه جي ڪابي پاسي کان پٽن جو هڪ مختصر سلسلو آهي، جنهن کي "کهڪاري واري پٽ" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هن پٽ جي ننڍن ننڍن سلسلن جي وچ ۾ ڪٿي ايڪڙ ڏيڍ ته ڪٿي ان کان به ننڍا ننڍا ڍٻا آهن، جن ۾ پنج ڇهه سال اڳ تائين پکين جا ولر اچي لهندا هئا. انهن ڍبن سان ان وڏي ڍنڍ جو تعلق پڻ هو، جنهن کي "کهڪاري واري ڍنڍ" سڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهي ٿو، جيڪا ايرندي پاسي کان وهي ڏوگريون سان ملندي هئي.

ڪهڪاري لاءِ روايت آهي تہ، هتي ڪنهن زماني ۾ صفا سچ هوندي هئي. هر طرف ڪارو ڪلر وڇيو پيو هوندو هو. پٽن جو هڪ ڳنڊيل سلسلو هو، جتي نہ تہ وڻ هوندو هو نہ وري ڪو ٻوٽو. ڏنار ويچارا پري پري تائين مال چڻدي اچي پٽ هيٺان بيٺل پاڻيءَ جي ڍبي مان پاڻي پيئندا هئا. سڄو ڪلر، تتل واري ۽ وڻ ٽڻ نہ هجڻ ڪري ڏنارن مٿس ڪهڪاري واري پٽ جو نالو رکي ڇڏيو.

ڏوگريون ۽ ڪهڪاري جي وچ تي، ٻنهي پٽن کان ڪافي فاصلي تي هڪ ٻئي بہ پٽ آهي، جنهن کي "رنل واري پٽ" چئبو آهي. چو تہ هيءَ اڪيلي ۽ پري بيٺل آهي: پر ۾ ٻئي ڪابہ پٽ ڪانہ اٿس، ان ڪري مٿس "رُنل واري" جو نالو پيو. پر هڪ ٻي روايت اها بہ آهي تہ ان پٽ تي ڪنهن زماني ۾ ڊومڪي قوم جا بہ ٽي گهر آباد هئا. انهيءَ ٿي قوم جو هڪ ڳڀرو جوان ٻهنجي ئي ڪنهن خوبصورت مائٽياڻيءَ تي عاشق ٿي پيو. نيٺ ڳالھ سڱ گهرڻ تي پهتي. ڇوڪريءَ وارن ڪن سببن ڪري انڪار ڪري ڇڏيو. پر عاشق ڪين ايترو تہ خوار ڪيو جو ويچاري ڇوڪريءَ منهن ڪري، پنهنجي ڪن ٻين مائٽن ڏانهن هلي وئي. ڳوٺ وارا ميڙ وٺي ڪيس واپس وٺڻ ويا، پر هن تڏهن جواب ڏيئي ڇڏيو. ٻوءِ جڏهن بہ ڪنهن ان پٽ جو ٿي پڇيو تہ جواب ملين: "او اها پٽ، جتان مائي رسي وئي هئي!" اهڙي نموني پٽ جو نالو "رنل واري" پئجي ويو. پر اجا بہ هڪ ٻي روايت آهي تہ جڏهن ڪلهوڙن جوٽيجن کان مائي ڇامان جو سنگ گهريو ۽ جوٽيجن ڪين ڏني ڇڏيو تہ ڪجھ جوٽيجا ڪاوڙجي اچي ان پٽ تي ويٺا، ان ڪري مٿس رنل واري نالو پيو.

ويجهڙ ۾ جڏهن مان ۽ مير محمد نظاماڻي ڏوگريون ۽ ڪهڪارو ڏسڻ پئي وياسين تہ سوين شڪاري ٽولن جي شڪل ۾ نئين ناري جي بندن سان پکين جي تاڙ ۾ نوس نوس ڪندي نظر آيا. ساڳئي ڏينهن تي ميربحرن جو پير بہ ڪتان کان شڪار ڪرڻ لاءِ آيل هو. ٻنهي بندن سان، خاص ڪري خشڪيءَ وارن گهٽن تي ڪارون، موٽر سائيڪلون، ٽريڪٽر ۽ جيپون بيٺل هيون. ماڻهو بندوق هٿڻ جا ايترا تہ مشتاق هئا، جو اسان هڪ ڪار ۾ چڙهيل همراھ کي درياءَ مان ڪينٽائين ۽ ٽيٽن تي بندوق سنئين ڪندي ڏٺو. همراھ شايد لڪ ڪيو وينو هو. ان ڏينهن مون انهن سڪل ڍنڍن ۾ سمي آيل سم ۾ بي انداز ٽيٽا ۽ ڪينٽائيون ڏٺيون. اڇن ٻگهن، ڪڪڙائن ۽ ڪانئرن جو بہ ڪافي تعداد اڏامي رهيو هو. هي پکي هنن ڍنڍن جا مقامي

رهواسي آهن. هي بڪار واري پٽڻ جي ٻنهي پاسن کان پاڻ هُرتو ڄايل ٻيرن جي هڙين ۾ آڪيرا ناهي ٻچا ڪن. ٻئين ٽئين سال داروغن پاران هڙيون وڍرائڻ تي هي درد درجا ڏڪا ڪائيندا نظر ايندا آهن. اُتي اسان هڪ ڪهنگ به ڏٺو، جنهن جي ٽنگ پڳل هئي. پر حيرت جهڙي ڳالهه ته اها هئي، جو ان جي پُٺي به ٽيل هئي. وزن ۾ وڏي ولائتي ڪڪڙ جيڏو پئي لڳو. موٽر ٽان لهي، جڏهن مون سندس فوٽو ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، ته اُهو منڊڪائيندو منڊڪائيندو ٻوڙن ۾ لڪي ويو. سندس رنگ نسرو وانگٽائي هو.

ڏونگريون ۽ ڪهڪارو: تباهيءَ جو هڪ ٻيو منظر. نارا آئوٽ ليٽ

ڏوگريون مٿي، جڏهن اسان ڳچ پنڌ اڳتي ڪري آياسين، ته "رنل واريءَ" جي به حاضري ڀريسين، جتي حر تحريڪ واري زماني جي هڪ ڪوٽ جا آثار اڃا به موجود آهن. جنهن کي "رنل وارو ڪوٽ" سڏبو آهي. هن ڪوٽ ۾ چون ٿا ته وڏيري محمد حيات جوڻيجي وارن ان رکرايو هو، جيڪو حر تحريڪ دوران متاثر حرن لاءِ - خاص ڪري اڄڙي تر جي جماعت لاءِ خفيه گودام جو ڪم ڏيندو هو. هتي حرن ۽ پڳٿين وچ ۾ ان جي چوريءَ تان هڪ معرڪو به ٿيو، جنهن کان پوءِ انگريزن اِن گودام کي ڳولي باهه ڏيئي ڇڏي. (روايت مير محمد نظاماڻي)

ڪهڪاري ۽ رنل واريءَ کان ڏکڻ طرف وري "جانب ڊورو"، "رنداهو" ۽ "دلور واري دڙي" جا مشهور ڳوٺ آهن، جتي جي ننڍين ننڍين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٺين مان مڪيءَ جا ماڻهو اڄ به ڪارو ۽ لوڻ ڪڍڻ لاءِ ايندا رهندا آهن.

مڪيءَ جي انڌ سدا ملوڪ ڍنڍن جي تباهيءَ جو ڪارڻ نام نهاد ترقي ٿي آهي. ڇو ته اڄ جي موقعي پرست انجنيئرن ۽ مڪار صلاحڪارن ڪي، جن ڪي عالمي بينڪ يا LBOD جي منصوبن ۾ ڪم جو ٿرڊ ڪلاس تجربو آهي، ۽ جن ڪي پنهنجي ڪنڌ ۾ ڏگري لڙڪائي هلڻ تي به ڏاڍو ناز هوندو آهي، سوين سالن کان پاڻي هيٺ آيل انهن قدرتي دولت سان مالا مال ذخيرن جونڪي جو به قدر ڪونهي.

نارا ريماڊلنگ (ناري جي ٻيهر تياري) تحت، جنهن خطرناڪ منصوبي سان انهن ٻن ڍنڍن کي تباهه ڪيو ويو آهي، تنهن جو مثال اوهان کي ڪٿي به نه لڀندو. ناري جي نئين سر تياري جو مقصد ان جي قدرتي حسن کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ آهي. پر سرڪار سڳوري ته "ترقي" چاهي ٿي. اهڙي ئي ترقي، جهڙي سنڌ ۾ ٻين LBOD جي منصوبن تحت ٿي رهي آهي؟ حقيقت ۾ ان نئين ناري کي، جنهن جو نالو "بختاور ڪينال" رکيو ويو آهي، پکسريءَ کان سڌو نڪري، ڪهڪاري واري ڍنڍ جي اولهندي ۽ ڏاکڻي پر مان گذري، ٺنڊو مٺا خان وٽان وڃي ساڳئي ناري سان ملڻو هو. پر ڪن با اثر ماڻهن جي اعتراضن سبب ائين ٿي نه سگهيو. پوءِ، خدا غارت ڪري انهن انجنيئرن کي، جن ويهي موجوده ناري جي پورِوچوٽ هڪ ٻيو نارو تيار ڪيو، جنهن جو رڳو ڍنڍن کي تباهه ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪارج ڪونه هو. حيرت ته ان ڳالهه جي آهي جو، سنڌ جي جهنگلي جيوت کاتي وارن جو به ڪو احتجاج رڪارڊ تي ڪونهي؟ جيڪڏهن توهان ان واهه جو نقشو ڏسو ته ڪل ۾ ويڙهجي وڃو. اهو ساڳيو واهه انهن ٻنهي ڍنڍن کي تباهه ڪرڻ کان سواءِ به بڪار کان چوٽياريون ڏي مڙي ويندڙ "ور" کان نڪري پئي سگهيو.پر انجنيئرن کي ته پنهنجا ٻيپ پرٽا هئا! سو هنن پهريان ته سال ڏيڍ رڳو پمپ مشينون لڳائي، انهن ٻنهي ڍنڍن کي خشڪ ڪيو، بعد ۾ ڳري مشينري استعمال ڪري، هڪ اهڙو واهه تيار ڪيائون، جهڙو ان جي پورِوچوٽ ۾ اڳ ۾ ئي موجود هو. حيرت ته ان ڳالهه تي آهي، جو ان نئين واهه جي سيپيج (سم) کي ختم ڪرڻ لاءِ ان جي پورِوچوٽ وري هڪ ٻيو سم نالو تياري هيٺ آهي، جيڪو نئين واهه جو سم وارو پاڻي ڪٽي وڃي ساڳئي واهه/ وڏي سم نالي ۾ اڇلائيندو.

سنڌ جي آبي ذخيرن يا آبي حيات وارن جوئن، ڍنڍن ۽ زمينن کي هٿ سان وٺي تباهه ڪرڻ وارو پروگرام اڳتي هلي ڪافي خطرناڪ به ثابت ٿي سگهي ٿو. هڪ طرف اسان جي حڪومت آبگاهن جي بچاءَ واري عالمي

ناهه تي صحيحون ڪيو وينديون آهي، تہ ٻئي طرف ترقي جي نالي تي انهن کي تباهہ ڪرڻ يا ختم ڪرڻ وارن عالمي ادارن جي پروگرامن ۾ پڻ ساٿياري آهي.

ماضيءَ ۾ آمريڪا سميت دنيا جي ڪيترن ئي صنعتي ملڪن ۾ آبگاهن جي تباهيءَ تي ڪافي احتجاج ٿيا آهن. انڊيا، مصر، آمريڪا، ارجنٽينا، جتي زراعت ۽ صنعت جي نالي تي ڪيترائي پراجيڪٽس اهڙن ئي زمينن کي تباهي هيٺ آڻي رهيا هئا، سي هاڻ بلڪل بند ڪيا ويا آهن ۽ آبي ذخيرن کي باقاعدي انهن ملڪن جي ”دولت“ قرار ڏنو ويو آهي. پر اسان وٽ انهن شين کي فضول ۽ بيڪار سمجهيو وڃي ٿو. ايتريقدر جو منڇر جهڙي ڍنڍ کي پنجاب جي ڪڙي پاڻيءَ ذريعي، مکيءَ جي ڍنڍن کي چوٽياريون ڊئم واري پراجيڪٽ ذريعي ۽ بدين جي ساحلي علائقن وارين ڍنڍن کي ايل - بي - او - ڊي جي وڏي سم نالي واري پاڻيءَ ذريعي (جنهن ۾ الائي ڪيترن ڪارخانن جو زهريلو پاڻي شامل آهي) تباهہ ڪرڻ جون تياريون مڪمل ٿي چڪيون آهن. ان ڪري اُهي ڏينهن پري ناهن، جڏهن اِنهن ڍنڍن جي جهينگن، مڇين، پکين ۽ ٻاڄين (ٻيهہ، لوڙهہ وغيره) جو ذڪر ڪنهن سر ڦرئي ليکڪ جي لکڻين يا فطرت پسند شاعرن جي مرثين ۾ پڙهي سگهنداسين.

ڍوڪرين کي سڪاني جبيٽ ۾ Base Camp ٺاهي وئي آهي. پسمنظر ۾ ڍوگريون ۾ موجود سرن، پن ۽ ڪنگور جو خوبصورت ٻيلو نظر اچي رهيو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي هرڻ
راجستان کان ناري جي ڪس تائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي هرڻ

راجستان کان ناري جي ڪس تائين

ڪارو هرڻ جو ڪڏهن مير صاحب خيرپور ۽ سانگهڙ جي علائقي ۾ متعارف ڪرايو هو
اڄڪلهه سنڌ ۾ اهو ناپيد آهي. شايد ڪجهه ميرن واري مهراڻي ۾ اڃا به موجود هجي.

جتي اڄڪلهه پير صاحب پاڳاري ۽ مخدوم آف هالا جون مهاڙيون آهن، انهن جي اترئين پر 1962ع ۾ "نارا گيم رزرو" قائم ڪيو ويو هو. جنهن جو مقصد علائقي ۾ تترن، ڦاڙهن ۽ هرڻن جو نسل وڌائڻ هو. رمزاني جي ستم ظريفي اهڙي تي جو اهو "رزرو" مٿئين جهنگلي جيوت کي وڌائڻ ته ڇا، پر اُن جو تحفظ به ڪري نه سگهيو، جنهن ڪري ڪافي ماڻهو ان "رزرو" جي قائم ٿيڻ جي مقصدن ڪي شڪ جي نگاهه سان ڏسڻ لڳا. انهن مان شڪار بابت ڄاڻ رکندڙ هڪ همراهه مون کي ٻڌايو ته، "نارا گيم رزرو ان وقت ۾ ون يونٽ جي ساراهه واري شيمپين جا ڏڪ پريندڙن ان ڪري قائم ڪرايو هو ته اتي (فيلڊ مارشل) ايوب خان کي شڪار تي آٿائي ڪجهه مراعاتون حاصل ڪجن."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مراعاتون همراهن حاصل ڪيون يا نہ، پر اها ڳالهہ پڪ سان چئي سگهجي ٿي تہ سنڌ وائلڊ لائيف ڪاتي وارن جيتري مار ان رزرو تي رڪرائي، اوترو زور جهنگلي جيوت جي بچاءَ تي نہ ڏنائون. ايوب خان کان پوءِ بہ جيڪو سياسي توڙي فوجي حڪمران تخت تي ويٺو، ان منڊ جمڙائو واري ان علائقي ۾ هرڻ، ڦاڙهن، تلورن، تترن ۽ سوئرن مان ڪنهن نہ ڪنهن تي پنهنجا هٿ ضرور صاف ڪيا. سنڌن منهن ڦيرڻ کان پوءِ جيڪي راناها وري ايري غيري نٿو خيري ڏنا، تن جو تہ ڪو رڪارڊ ئي ڪونهي. نتيجو اهو نڪتو تہ اهو "سرڪاري شڪار گاهہ" سرڪاري شڪار ۽ ان کان پوءِ جي پيل جو دباءُ برداشت ڪري نہ سگهيو ۽ فقط ڪاغذن ۾ ئي محفوظ رهجي ويو. رمارڪس ۾ لکيو ويو تہ: "هيءُ رزرو زراعت ۽ گريزنگ (مال جي چرڻ) جي دٻ جهلي نہ سگهيو ۽ پاڻ مرادو ختم ٿي ويو."

تازو ڪراچيءَ جي هڪ رٽائرڊ ڪرنل ڪي مکيءَ جي هڪ معزز ماڻهوءَ پاران هرڻن جو شڪار ڪرايو ويو. هن شڪار ۾ سنڌس مدد ڪندڙن ۽ جانورن کي قدرتي تحفظ ڏيندڙ علائقي جي ڪجهہ سونهن کي انعام ۽ اڪرام پڻ ڏنا. ان تي مونکي اُن همراهہ جي اها ڳالهہ سو سيڪڙو سچي لڳي، جنهن چيو هو تہ هي "گيم سيڪنچريون" يا "رزروَ" جوڙيا ئي فقط ان لاءِ ويندا آهن تہ جيئن وڏن ماڻهن کي شڪار آسانيءَ سان مهيا ڪري ڏنو وڃي. اڇڙي ٿر ۽ ناري جو علائقو جو تہ صدين کان هرڻن، تلورن، ڦاڙهن، واڳوئن ۽ تترن جي آماجگاهہ رهيو آهي، انڪري شڪار جو پريشر ان علائقي تي نسبتن وڌيڪ رهيو آهي. ايتري قدر جو علائقي جي ماڻهن وٽ انهن هيرن ۽ ليڊرن جون لسٽون آهن، جيڪي ملڪ جي مشهور عورتن ۽ اداڪارائن کي وٺي اچي ريسٽ هائوسن ۾ رهيا ۽ ڏينهن رات شڪار ڪيائون. مکيءَ جي مارين کان وٺندي جمڙائو، ڳجهڙي، فرش ۽ ديهہ اڪري وارين ڊنڊن تي قائم ڪيل سرڪاري توڙي پرائيويٽ بنگلن ۾ انهن پَري چهرن جون ڳالهيون اڄ بہ وڏي شوق سان ڪيون وڃن ٿيون.

سنڌي هرڻ يا چنڪارا:

شڪار جي سوَ طرفي دٻاءُ جي ڪري ناري واري ٿر ۾ رهندڙ سنڌي هرڻ (Chinkara) جو نسل اڄ ڪلهہ سخت خطري ۾ آهي. تازو سانگهڙ، جوتياريون، پنيهل ۽ ٿر جي ڪجهہ ڳوٺن مان نڪتل شڪاري پارٽين وڃي، ان ٿر ۾ جيڪو قتلام ڪيو آهي، تنهن جي خبر پڌندي ئي وار اڀا ٿيو ٿا وڃن. ايئن ٿو لڳي جڻ تہ اسان جا مسلمان پائر جانورن کي بہ جنونت واري

جذبي سان ٿا مارين. هر سانوڻيءَ ۾ برساتن جي پڄاڻان وسڪارن کان پوءِ ٿر ۾ چنڪارا جو هڪ وڏو تعداد انڊيا مان داخل ٿئي ٿو، جنهن کي ڪٽڻ لاءِ شڪاري ڇهه مهينا اڳ ئي تياريون ڪري وٺندا آهن. جيئن ته اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ ان جانور کي خاص تحفظ حاصل آهي، ان ڪري سنڌ وائلڊ لائيف کاتي پاران ان جي شڪار تي هڪ لک رپيه ڏنڊ ۽ ٽن کان ڇهه مهينا سزا رکيل آهي. پر شڪار کاتي جي غير متحرڪ هجڻ، عملي جي ڪرپشن ۾ ملوث هجڻ ۽ شڪارين جي با اثر هجڻ ڪري، هن نسل جا جانور هڪ نه ٻئي ڏينهن ذبح ٿيندا رهن ٿا.

سڱ، ڳريون ۽ سندس عمر:

سنڌي هرڻ کي اڇو هرڻ به چيو ويندو آهي. هن جي قد ۽ وزن جو دارومدار ڏڪار ۽ سُڪار تي به آهي. نر جا سڱ ڏيگهه ۾ وڌ کان وڌ به فوٽ ٿين ٿا، جڏهن ته ماديءَ جي سڱن جي ڊيگهه ڇهن انچن کان اٺن انچن تائين تي سگهي ٿي. نر هرڻ جي سڱ ۾ ڳُريون يا ور ٿين ٿا. جڏهن ته مادي هرڻ جا سڱ سدا ۽ ٽُڪن جيئن ٿين ٿا. نر هرڻ جي سڱ ۾ 24 کان 30 ڳُريون رڪارڊ ڪيون ويون آهن. انهن ڳرين جي ڊيگهه اڌ انچ کان هڪ انچ جي ويڇهو ٿئي ٿي. شڪار جي خفتين يا انهن جانورن بابت ڄاڻ رکندڙن جو خيال آهي ته سڱ جي هڪ ڳري هرڻ جي حياتيءَ جو هڪ سال ظاهر ڪري ٿي. ڳرين جي مٿان سڱ کي هڪ چوٽي پڻ ٿئي ٿي، جنهن کي سوئي جهڙي تيز ڇهنب هوندي آهي. ان چوٽيءَ جي ڊيگهه هرڻ جي سڱ جي ڊيگهه تي دارومدار رکي ٿي. مون هرڻ جي هڪ سڱ جون 22 ڳريون رڪارڊ ڪيون، جنهن جي مٿان واري ٽُڪي جي ڊيگهه تي انچ ڪن هئي.

هرڻ، دنيا جو تيز ترين جانور:

هرڻ نهايت سهڻو ۽ نازڪ جانور ٿيندو آهي. ٿوري چرڪ تي سندس دل ٿتيو پوي. سندس ٽنگون لَڪڻ جيئن سنهيون ٿينديون آهن، پر ڀڄڻ ۾ تمام تيز ٿئي ٿو. هڪ اندازي مطابق هرڻ 80 کان 120 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان ڊوڙي سگهي ٿو. خوف ۽ چرڪ جي صورت ۾ اٺن ڪلوميٽرن تائين لڳاتار ڊوڙڻ جي صلاحيت رکي ٿو، پر ان وچ ۾ جيڪي به ڪو اوچو دڙو يا ٽيٻڙي ڏٺائين ته عادتن منٽ اڌ لاءِ بيهي رهندو. هرڻ جي اها ئي عادت ڪيس وڌ ۾ وڌ نقصان رسائي ٿي، ڇو ته جنهن طرف کان

چرڪ آيس، جاچي جاچي اوڏانهن ٿي نهاريندو. پوءِ جو نه ڪو ماڻهو سندس پاسي کان بينو هجي. هرڻ جڏهن ڊوڙندو آهي ته پڻ ٽپ ننڍا ۽ ٽيون ٽپ وڏو ڏيندو آهي ۽ اهو ٽيون ٽپ ڊيگهه ۾ اندازن 15 فوٽن کان 20 فوٽن جي برابر هوندو آهي. خفتين جو چوڻ آهي ته هرڻ هونئن به جي پنهنجي ئي موڊ ۾ هلندو ۽ چرندو رهي ته به ڏينهن ۾ ويهه کن ڪلوميٽر هم چورس علائقي ۾ گهمي ڦري سگهي ٿو.

ڪليو هرڻ هڪ جوءِ ۾ ڇهن مهينن کان هڪ سال تائين آرام سان ٻيهي سگهي ٿو پر جوءِ اتي ڪندو جتي پاڻي ويجهو هوندس.

غزال، غزالا ۽ غزل:

سنڌي هرڻ کي سائنسي ٻوليءَ ۾ Gazella Gazella چيو ويندو آهي. غزال اصل ۾ عربي ٻوليءَ جولفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ڇال" يا وڏو ٽپ. هن جي ڇال ۽ حسن جو ڪوبه مٽ ناهي. سندس ڪارين ۽ وڏين اکين جي سهٽائپ جو مقابلو نه ته ڪو جانور ڪري سگهيو آهي ۽ نه ئي ڪري سگهندو. اهو ئي سبب آهي جو محبوب جي اکين کي شاعرن هرڻ جي اکين سان تشبيهه ڏني آهي. هرڻ جون اکيون وڏيون ۽ ڪجل پاتل نظر اينديون آهن. هن جو سڄو جسم ۽ عضوا هڪ پاسي ڪجن ته به سڀئي گڏجي سندس سهٽين ۽ من مُهٽين اکين جو مقابلو ڪري نه ٿا سگهن. ان ڪري مشرقي ماڻهن ۾ اها روايت اڄ به قائم دائم آهي ته سندن گهر ۾ سهٽين ۽ وڏين اکين واري نياڻي ڄائي ته مٽس نالو غزالا رکيو ويندو آهي. عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو شاعري به هرڻ جي سهٽي اکين جي تشبيهن سان ڀري پئي آهي. هرڻ جون اکيون، ڇيلهه، ڪنڌ، لوڏ، چرڪ، ٽپ، نازڪپڻو ۽ معصوميت اهي خوبيون آهن، جن جي ڪري مٿين ٻولين ۾ سندس نالو شاعريءَ جي صنف طور استعمال ٿئي ٿو.

سنڌي هرڻ (چنڪارا) جا قسم:

غزال نسل جا پيا به ڪيترا ئي قسم آهن، جن مان انڊين غزال (Indain Gazella) جا به قسم- ٻنو اڇو هرڻ ۽ اڇو سنهن سنڱن وارو هرڻ قابل ذڪر آهن. هي ٻئي انڊيا مان سنڌ ۾ داخل ٿين ٿا. غزال جو هڪ ٻيو قسم Gazella picticandata آهي، جيڪو هماليائي علائقي لداخ ۾ ملي ٿو. اجا به هڪ ٻيو قسم Gazella Fuscifrons ڏاکڻين بلوچستان کان شروع ٿي ڪري اولهندي سرحدي علائقي ۾ پري پري تائين ملي ٿو. هڪ

ٿيون قسم، جنهن جي نالي جي خبر اچا تائين پئجي نہ سگهي آهي. هماليہ جي ڏاکڻين ميداني علائقن ۾ ملي ٿو.

قد بُت، رنگ ۽ وزن:

سنڌي هرڻ قد ۾ وڏو ۽ بت ۾ پرپل نظر ايندو آهي. ڪيس پري کان ڏسبو تہ ٻڪر جيئن ڏوپار پيو لڳندو. هن جو ڪنڌ ۽ پٺ ڀئي بادامي رنگ تي ٿيندا آهن، جڏهن تہ پيٽ اڇاڻ تي مائل هوندو اٿس. هن نسل جي صحتمند ڀهروءَ جو وزن 35 کان 45 ڪلوگرام آرام سان ٿي سگهي ٿو. پاڪستان ۾ هن هرڻ جي رهڻ جي مکيہ جاءِ سنڌ ۽ پنجاب جو ٿر آهي. انهيءَ ئي علائقي ۾ بينا اڇا هرڻ ۽ اڇا سنهن سنڱن وارا هرڻ پڻ رهن ٿا. هنن جو هڪ وڏو تعداد انڊيا جي سرحد واري پاسي کان ٿر ۾ داخل ٿئي ٿو. هي ٻئِي هرڻ رنگ ۽ جسامت ۾ هڪجهڙا ٿين ٿا، پر سنڱن ۽ وارن جي لحاظ کان هڪ ٻئي کان مختلف آهن. قد ۽ بت ۾ هي سنڌي هرڻ کان ٻنهہ ننڍا ۽ هلڪا نظر ايندا آهن. هنن جو وزن لڳ ڀڳ 18 کان 25 ڪلوگرام ٿيندو آهي. هنن جو رنگ مٿان کان هلڪو بادامي ٿيندو آهي ۽ سندن ٻيٺ ۽ ٽنگون اڇيون ٿينديون آهن. بيني اڇي هرڻ ۽ اڇي سنهن سنڱن واري هرڻ ۾ مکيہ فرق هيءُ آهي تہ بيني هرڻ جو نڪ چٽيل (تنيڙو) ۽ اندر ٻيهي ويل نظر ايندو، جڏهن تہ سنهن سنڱن واري چنڪارا جو ٻوٿ ٻاهر نڪتل هوندو آهي. بيني هرڻ جا سنڱ ٿلها ۽ وڏا ٿيندا آهن، پر هن چنڪارا جا سنڱ سنها ۽ ڊيگهہ ۾ ننڍا ٿيندا آهن، جنهن ڪري ڪيس سنهن سنڱن وارو هرڻ سڏيو ويندو آهي. هن هرڻ کي ڳچيءَ، ٽنگن ۽ منهن تي سنها ٻُجر (وار) بہ ٿيندا آهن، جنهن ڪري شڪل ۾ بيني هرڻ کان ويل نظر ايندو آهي. ان ڪري هن کي خفتي ٻجرالو هرڻ بہ چوندا آهن.

ماٿهو هرڻن جي سسين سان بہ ٻنهنجن اوطاقن کي سح ٿيندا آهن. ٻئي طرف اڄڙي ٿر ۾ سندن ڦوگتس جي ورنل تصوير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهمان هرڻ ۽ ميزبان ٿر:

راجستان جو ٿر خفتين لاءِ هرڻن جي مينو فيڪچرنگ فيڪٽري آهي. هنن جو چوڻ آهي تہ انڊيا واري ٿر ۾ هرڻ ايترا تہ آهن جو اتي سدائين گاهہ ۽ چراگاهن جو ڪال هوندو آهي. برسات ڪري بہ جيڪو گاهہ پيدا ٿئي ٿو، سو جانورن جي گهاتائيءَ جي ڪري جلديءَ ۾ ختم ٿيو وڃي. ان ڪري هرڻن جو هڪ وڏو تعداد پاڪستان واري ٿر جو رخ رکي ٿو، جتي جيتوڻيڪ متس شڪار جي مار تہ آهي پر ڪيس گاهہ جام ملي ٿو. سانوڻيءَ واري موسم ۾ ٻرينهہ ۽ ان جي ڀرئين پر وارا ياڳيا رُج يا رُهي وارن چراگاهن ڏانهن هليا ايندا آهن. جنهن ڪري هرڻن کي اهو علائقو آزاد ٿي ملي ٿو. ٿئي هيئن ٿو تہ ڏڪار وارين حالتن ۾ ٿري ماڻهو رج يا رُهيءَ وارا علائقا ڇڏي وڃي ٻرينهہ يا ان جي ڀرئين پر وارو ٿر وسائيندا آهن. گهڻو ڪري سيني علائقن ۾ سنڌن لانڍيون نهيون پيون هونديون آهن. ان موسم ۾ هرڻ ٻاڊر جي ويجهو يا ٻوءِ اهڙين ڊورين ۾ وڃي بيهندو آهي، جتي ماڻهو يا مال جي ڪڙ نہ هجي. اهو گهڻي ڪري تس وارن علائقن جي آس پاس پنهنجو ٽڪاڻو ڪندو آهي. پاڻي هونئن تہ ٿورو پيئي پر جي پيئي تہ ٻوءِ تس جو ئي پيئندو آهي. هرڻ لاءِ مشهور آهي تہ اهو چرندو هڪ جاءِ تي آهي ۽ ننڊ ٻي جاءِ تي ڪندو آهي. ان ڪري جيڪڏهن ڪا بہ شيءَ ڏاهہ نہ ڏئيس تہ اهو ڪيترن ئي ڏينهن تائين 15 کان 20 ڪلوميٽرن جي علائقي ۾ پيو ڦرندو گهمندو آهي. ٻرينهہ جون اوچيون پٽون ۽ گهاٽي جهنگ جي شڪل ۾ موجود وڻڪار سندس تمام گهڻو تحفظ ڪري ٿي. هن علائقي جي واريءَ جي ساخت عجيب قسم جي آهي. ڇڙي واريءَ ۾ فور ويل گاڏيون تہ نهيو، پر ماڻهو بہ هلي نہ ٿو سگهي. اهيون پٽون ۽ گهاٽو جهنگ هرڻن لاءِ قدرتي پناهہ گاهہ جي حيثيت رکن ٿا، جن کي ڪراس ڪرڻ ۽ سرچ لائيٽ ٻاري هرڻ ڳولڻ، خزاني جي تلاش برابر آهي. پر ڪي قاتل سونهان اهي لڪ بہ لنگهيو وڃن ۽ هرڻن لاءِ ڌرتي تنگ ڪريو ڇڏين.

هرڻ ۽ ڏڪار:

ڏڪار وارن سالن ۾ هرڻن جي واڌ تمام گهٽ ٿئي ٿي، چو تہ خوشي ۽ ڪاڌو جنسي سڌ لاءِ تمام ضروري شيون آهن. لڳاتار ڏڪار سبب ماڻهن جون تہ نهيو، پر جانورن جون بہ جنسي سڌون مري وينديون آهن. اهو ئي سبب آهي جو ماڻهن، مينهن، سپن ۽ ٻاڙن سان گڏ مرگهہ بہ سانوڻيءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساريندا نظر ايندا آهن. ڀٽائي گهوٽ پنهنجي ڪلام ۾ انهن ڏڪار جي سنيلن نارين جي حالت زار بيان ڪئي آهي، جن جي مڙسن جون جنسي خواهشون، خوشي ۽ خوراڪ جي ڪمي سبب موڪلائي چڪيون هيون. ڀٽائي انهن عورتن جي واتان سانوڻ کي التجا ڪندي چوي ٿو:

وَسُ بادل وَسُ، تو وسندي وِسِ تئي،
تو ڀِئڪا، مون ساهرا، ڪوڻ ڀِلايو رَسُ،
تنهين ڀاڳي وَسُ، جَنِ ور متي ڀائر ڪيا.

سانوڻي- هجرتن جي موسم:

جڏهن برساتون پونديون آهن ۽ ٿري ماڻهو جيڪي مال جي سانگي لاءِ ڊرينهه ۽ ٿر جي تس وارن علائقن ۾ پڌاريل هوندا آهن، پنهنجيون وانڍيون خالي ڪري رڃ يا رُهيءَ وارين جُوئن ڏانهن اچڻ شروع ڪندا آهن. ڊرينهه ۽ پريان ٿر جون وانڍيون خالي ٿيڻ ڪري مال توڙي ماڻهن جي ڪڙ گهٽ ٿي ويندي آهي، ان ڪري هرڻن جو هڪ وڏو تعداد انهن ڊورين مان نڪري ٻاهر ڊرينهه ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن جو رخ ڪندو آهي. هوڏانهن ٻاڊ ۾ جي هُن پار کان هرڻن جا ڀيا ڏڻ به ٿر جو رخ ڪندا آهن. ايتري قدر جو وسڪاري جي بهاري ۽ ساوڪ هرڻن کي مهرائي جي پٽن ۽ ڊنڊن تائين ڏوري ايندي آهي. جن مان ڳچ (جي شڪارين جي ڦهري نگاهن کان بچي ويا ته) سالن جا سال به بيٺا رهندا آهن.

سانوڻي ۽ ڪارو هرڻ:

سانوڻيءَ جي موسم گهڻو ڪري هرڻن لاءِ هجرت جي موسم ثابت ٿيندي آهي. ان هجرت جو رخ راجستان کان سنڌ ڏانهن هوندو آهي. انهن هجرتي قافلن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪارو هرڻ به اچي نڪرندو آهي، جن لاءِ خفتين جو چوڻ آهي ته هو ڪاري هرڻ لاءِ سالن جا سال ايئن انتظار ڪندا آهن جيئن اونهي عميق جا گهاتو هيرن وارن سپن لاءِ پنهنجا وار به اچا ڪري ڇڏيندا آهن.

ڪارو هرڻ ڪڏهن به سنڌ جو هرڻ ناهي رهيو. اهو راجستان واري ٿر ۾ اڃا به تمام گهڻي تعداد ۾ رهي ٿو، جتي ڪيس تمام گهڻو تحفظ مليل آهي. ڪڏهن ڪڏهن چنڪارا جي ڌڻن سان ڪو اچي ويو ته واهه، نه ته خود ٿر جا ماڻهو ان جي شڪل ڏسڻ کان سڪي ويا آهن. گهڻو اڳ خيرپور جي ميرن ان هرڻ جي نسل کي سنڌ ۾ متعارف ڪرايو هو، جيڪو الاهي وڌيو

پر بعد ۾ ڳئون جي مٿين ڏندن جيئن غائب ٿي ويو.

مشڪ هرڻ:

هرڻ جو هڪ قسم مُشڪ هرڻ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، پر اهو هماليا توڙي قراقرم جي هينائين پٽن ۾، خاص ڪري چين، افغانستان وچ ايشيائي ملڪن جي سرحدن وارن علائقن ۾ ملي ٿو. هن هرڻ کي سنڊس ئي دُن ۾ چيپل مشڪ واري ڳوڙهيءَ جي ڪري قتل ڪيو وڃي ٿو، جنهن جي قيمت هزارين پائونڊ لڳائي وڃي ٿي. ان مشڪ لاءِ ماڻهن ۾ سوين قصا مشهور آهن جن جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ بيڪار آهي.

ڪراس بريڊنگ:

هرڻن جي مختلف قسمن جي وچ ۾ ڪراس بريڊنگ ٿي ٿي وڃي. خفتين جو چوڻ آهي تہ هنن، شڪارين کي چنڪارا جون ڪافي اهڙيون ماديون ماريندي ڏٺو، جن جي پيٽ ۾ ڪاري هرڻ جا ٻچا هئا. هوئنئن بہ هرڻ لاءِ مشهور آهي تہ اهو ٻڪريءَ تي آنساني پٺجي وڃي ٿو ۽ ساڳي طرح هرڻيءَ سان ٻڪر چڙي هرڻ جو هڪ نئون نسل وٺي سگهجي ٿو. تازو جڏهن مان ۽ مير محمد نظامائي سانگهڙ جي هڪ معزز شخصيت جو پرائيويٽ "زُو گارڊن" ڏسڻ وياسون تہ اتي هرڻن جي خدمت ڪندڙن اسان کي شام تائين ترسڻ لاءِ دعوت ڏني. سندن چوڻ هو تہ جيڪڏهن اسان سج لٿي تائين ترسي پئون تہ هو اسان کي هرڻن جي ننڍن ڦرن کي واڙ تي موٽي ايندڙ ٻڪرين کي ڌارائيندي ڏيکاري سگهن ٿا. هنن وٽ هرڻن جا ٽي ڦر رکيل هئا، جن کي روزانو سوٽا ٻڪرين تي چڙيو ويندو هو. هو کير ٻي ڏيو ڪندا هئا.

هرڻي- هڪ سياڻي ماءُ:

اچڙي ٿر جي پٽ پٽ ۽ ترائي ترائي جي اکين ڏٺي هڪ شاهد ڪان مون جڏهن هرڻن جي ٻچن بابت پڇيو تہ هن وراڻيو: "مون الاهي پيرا هرڻين کي کير پياڪ ٻچن سان گڏ ڏٺو آهي." هن جو چوڻ هو تہ هرڻي گهٽو ڪري ڪنهن اڙ واري جاءِ تي ڦر ڏيندي آهي ۽ اهو سارو ڏينهن ڦر سان گڏ ويٺي رهندي آهي. پوءِ ٻئي ڏينهن تي ڦر کي گهاٽي ٻوڙي ۾ لڪائي، اندازن جريب فاصلي جي گولائيءَ ۾ چرڻ شروع ڪندي آهي. مسلسل چار ڏينهن ائين ڪندي رهندي آهي، ٻر چارئي ڏينهن پنهنجي ڦر کي الڳ الڳ مقامن تي

ويهاريندي رهندي آهي. ڇڻن ڏينهن کان پوءِ ٻُر کي پاڻ سان گڏ وٺي گهمائيندي، چاريندي ۽ ڏوري پئي هلندي. پوءِ آهستي آهستي مهيني کن ۾ سندس ٻُر آرام سان چري به سگهندو ته ضرورت مهل پنهنجي ماءُ سان گڏ جوءِ مٿان جي قابل به ٿي ويندو.

نسل ڪشي:

اسان جي سنڌ ۾ هرڻ کي تيزيءَ سان ختم ٿيندڙ جانورن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي، ڇو ته سنڌ جي فقط ٿر واري علائقي ۾ ئي وڃي هن جو ٿورو انگ بچيو آهي.

هرڻ جو سڀ کان وڏو دشمن ڏڪار آهي ۽ ٻئي نمبر تي غيرقانوني شڪار. ڏڪار جي موسم ۾ هرڻن جو ٻه طرفو نقصان ٿئي ٿو. هڪ ته هن جانور جي واڌ رڪجي وڃي ٿي ۽ ٻيو ته اُڃ، گاهه جو ڪال ۽ گرمي، پاڻ ۾ گڏجي ٿر مان هن جانور جي تڏا ويڙهه ڪيو ڇڏين. ناري واري ٿر (اڇڙي ٿر) جا ڳوناٺا اجا به ان ڏڪار واري گرميءَ کي ياد ڪري روئيو ڏين، جيڪا 1993ع جي جون مهيني ۾ پئي هئي. گرميءَ جي شدت ايتري ته گهٽي هئي جو هرڻ ٿر ڇڏي گهرن، لاندين ۽ ربجن ۾ ڪاهي پيا هئا. ڪيترن ته پاڻيءَ ۽ ڪاڏي جي تلاش ۾ ڊڪندي ڊوڙندي دم ڏنو، ۽ جيڪي مهراڻي واري علائقي ۾ آباد ٻنين تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ويا، سي گهڻو پاڻي پيئڻ ڪري آيامجي مري ويا.

هرڻ هر ڏڪار ۾ مرندو رهيو آهي، پر سنڌ وائلڊ لائف کاتي جي ناقص ڪارڪردگيءَ جي ڪري نقصان جو صحيح ڪاٿو ڪڏهن به سامهون نه آيو آهي. ايتريقدر جو غيرقانوني شڪار جي پرمار هوندي به ڏهن پندرهن سالن جي دوران سرڪاري طور تي ڪنهن تي به FIR نه ڪٽي وئي آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هرڻ جو شڪار ٿئي ئي ڪونه ٿو! جيتوڻيڪ اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته سنڌ جي ٿر ۾، خاص ڪري اڇڙي ٿر ۾ سرچ لائيٽ وارين جيپن هرڻ جي نسل جو ڪم ئي لاهي ڇڏيو آهي. هي شڪار گهڻو ڪري فور ويل جيپ يا وري وڏين جيپن، مثال طور نشان، ٽوئيٽا ڊبل ڪيبن، لينڊ ڪروزر وغيره سان ڪيو وڃي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن شڪاري ٽريڪٽرن تي چڙهي سرچ لائيٽ هٿن ۾ ڪري، هرڻن جي تلاش ۾ نڪري پوندا آهن ۽ واپسي ۾ هڪ نه به هرڻ ٽريڪٽرن پٺيان ٽهل پيٽين ۾ وجهي اچي گهر ڇڏيندا آهن. هن طريقي سان هرڻ مارڻ تمام سولو ڪم آهي. هن مهم ۾ هڪ همراهه ٽريڪٽر هلائيندو آهي، ٻيو پٺن جي پاسارڻ، ڇوٽين ۽

ٻُڪرن جي منهن وٽ جميل ٻوهن، ڪِپن، ڪِبرن، چارن ۽ خالي پٽن تي تيز روشنيءَ جو بيم اوچلائيندو ويندو آهي. اهو ساڳيو ئي همراهه گدڙ - ٻلي جي ســـيائپ ڪندو، انهن کي تاريندو وڃي لائيٽ هرڻ جي اکين تي بيهاريندو آهي. هرڻ رات جي وقت ترابن مان نڪري پٽن جي چوٽين تي اچي چرندو آهي. جيئن ئي لائيٽ اکين تي پوندي اٿس تہ لاچار ٿي بيهي رهندو آهي. تيستائين شڪاري ويجهو وڃي ڪيس بندوق يا رائيفل سان شڪار ڪري وٺندو آهي. خفتين جو چوڻ آهي تہ هرڻ جي اک لائيٽ تي سائي نظر ايندي آهي ۽ اها ٻلي جي ڳاڙهين اکين جي نسبت وڌي محسوس ٿيندي آهي. خفتي، جن جو تجربو هڪ پاسي ۽ معصوم ڳگدامن جي عمر ٻئي پاسي، جڏهن ڳاڻيون ڪاهي پٽن ۾ منهن ڪن ٿا، تہ هرڻن، ٻاڻيڙن، تترن ۽ تلورن جا آخري ڏينهن لوهہ قلم تي لکجيو وڃن ٿا!

نندي مک ۽ ڊنڊين جو پاڻي:

مکيون سدائين مصيبت هونديون آهن، پوءِ چو نہ اُهي ماڻهن ۽ ٻين لاءِ هجن يا جانورن پٺيان. رت ٻنهيءَ کي ڪنديون آهن. ٿر جي ڪس واري علائقي ۾ سنهي مک، هرڻ هجي يا ڪو ٻيو جانور، مٿس حملا ڪري جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندي آهي. هرڻ ... ٽنگ هڻي هرڻ جو رت چوسيندي

آهي. ان ڪري پولي ۾ جي ڪو جانور ڏندن تائين پهچي به ويندو آهي. نه گهڻي عرصي تائين اتي يا ان جي آس پاس رهي نه سگهندو آهي. پر ڏڪار جي موسم يا سخت گرمي پد وارن ڏهاڙن ۾ چنڪارا جا چئن يا پنجن جانورن تي مشتمل ڌڻ ڪڏهن پٽڪي سٽڪي مهراڻي جي ڏندن وارين ڊورين ۾ پڻ اچي بيهندا آهن. جن مان اڪثر ڏندن جو بينل پاڻي پيئڻ ڪري، يا وري پوسل وارو گاهه واپرائڻ ڪري ربج جو شڪار ٿي ويندا آهن. جنهن جو هڪ مثال وڏيري علي خان جوڻيجي وارن جي "هرڻن واري پيلاٽ" جا هرڻ آهن، جن مان ڏهه پندرنهن هر پئي ٽئي سال ان بيماريءَ جو شڪار ٿيو وڃن. هيءُ پيلاٽ مکيءَ ۾ گانگريءَ واري پٽ لڳ آهي، جيڪو چئني طرفن کان ڏندن سان گهيريل آهي.

هجرتي ڏٿن جو ساليانو انگ:

ان سڄي صورتحال هوندي به خفتين جو چوڻ آهي ته سال ۾ ٽن هزارن جي لڳ ڀڳ هرڻ اڄڙي ٿر جي ياترا ڪن ٿا. جن مان ٻن ڪان ٿي سو پهرو بارود جو ڪاچ ٿين ٿا. هڪ دفعي مون جڏهن هرڻن بابت پل پل جي معلومات رکندڙ هڪ همراهه کان پڇيو هو ته، "ڪيترا هرڻ اندازن هن سال پنهنجي علائقي ۾ آيا هوندا؟" ته هو ٿورڙي دير لاءِ چڻ ته سوچ ۾ پئجي ويو هو. پوءِ نهايت ئي اطمينان واري انداز ۾ ٻڌايو هئائين ته، "تعداد جي ته يار مونکي خبر ناهي، پر ڪجهه مهينا اڳ تائين اسان حساب لڳايو هو ته اسان جي هن ايريا ۾ سانوڻي شروع ٿيڻ کان ڇهن مهينن اندر به سو هرڻ شڪار ٿيا هئا. هاڻي حساب تون پاڻهي ئي لڳائي وٺ، ته ڪيترا هرڻ آيا هوندا؟" هن جو جواب ٻڌي منهنجا ته طوطا ئي اڏامي ويا هئا. پوءِ پاڻ ئي ليکو ڪري ٻڌايو هئائين ته اُن سال لڳ ڀڳ ٻن کان ٽن هزارن جي تعداد ۾ هرڻن باڊر جي پٽيءَ ڏانهن رخ رکيو هو.

شڪاري ڇو پريشان آهن؟:

ڪجهه مهينا اڳ سانگهڙ ضلعي جي شڪارين- خاص ڪري مکي ۽ ان جي آس پاس وارن خفتين ڳوٺ حاجي احمد خان لغاريءَ ۾ هڪ ميٽنگ ڪئي، جنهن جو مقصد هو ته شڪار کي ڪيئن بچائجي؟ ان ميٽنگ جي رپورٽنگ اخبارن ۾ آئي هئي. جيتوڻيڪ مون کي به ان اجلاس جي دعوت هئي، پر مان روائتي سستيءَ جي ڪري وڃي نه سگهيس. پر مون کي هڪ عيوضي ٻڌايو ته شڪاري، هرڻن، ڦاڙهن، سهن، تترن جي نسلن جي تيزيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان تباهيءَ تي ڏاڍا فڪرمند هئا. هنن جو چوڻ هو ته هاڻ وقت اچي ويو آهي ته انهن جانورن ۽ پکين جو نسل بچائجي. پر سوال اهو هو ته: اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ هڪڙن جو خيال هو ته هڪ پئي کي قسم وجهجن. ٻين جو چوڻ هو ته مارينڌڙ تي ڏنڊ رکجي، ٽين جو موقف هو ته مسيت ۾ هلي قرآن کڻجي. ڪين ڳڻتي هئي ته جي انهن جانورن ۽ پکين جو نسل ختم ٿي ويو ته هنن جو شوق ٻه ٽپ ٿي ويندو ۽ سندن بندوقون ٻه ڪٽجي ويندي! دل ته سيني جي سچي هئي ۽ ارادا ٻه سيني جا نيڪ هئا، پر ڪنهن کي ٻه هڪ ٻئي تي اعتبار نه هو. سندن ميٽنگ ٻه حڪومتي مٽنگن جيئن بنا ڪنهن نتيجي تي پهچي آئنده واري ميٽنگ جي اعلان تي ختم ٿي ويئي.

شڪار ڪاتي جو ڪردار:

شڪار ڪاتو شڪار ڪرائڻ جي معاملي ۾ ڏاڍو سخي آهي. شرط آهي ته ڪوبه پڇڻ نه اچي. پر جيڪو ٻه پڇڻ آيو ان کي يا ته پرمٽ وٺڻي پوندي يا وري مَٽ پرٽو پوندو. شڪار روڪرائڻ يا قانون تي عمل ڪرائڻ يا ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ، هنن جي وس جي ڳالهه ناهي. هن ڪاتي جا عملدار انهن پوتارن ۽ شڪارين کي ٻه جهڪي سلام ڪندا آهن، جن جي جيپن جي ٻانٽن تي ٽرافيون لڳل هونديون آهن. هيءُ ڪاتو مظلوميت جي انتها کي پهتل آهي. مان هڪ دفعي جڏهن ڪاتٽن اها معلومات وٺڻ ويس ته سال ۾ ڪيترا همراهه چالان ٿيا ۽ حڪومت کي ڪيترو ناڻو وصول ٿيو، ته اهو ڏسي حيرت ٿيم، ته 89 ماڻهن جي لسٽ ۾ هڪ ٻه اهڙو شڪاري نه هو جيڪو، ڦاڙهي، سهي، تلور يا واڳوءَ جي شڪار ۾ چالان ٿيل هجي ها. سڀ جا سڀ تترن جي ليسنن ۽ انهن جي شڪار ۾ چالان ٿيل هئا.



ٿر ۾ مهراڻي جو قومي وڻ

ڪنڊي: عام استعمال کان ثقافتي اهميت تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿر ۽ مُهراڻي جو قومي وڻ

ڪنڊي: عام استعمال کان ثقافتي اهميت تائين

ڪوٽ مير بخش لاشاري لڳ واهي بندي جتي سيد ڪنڊيءَ جي وڻن جي وادي ۾ مصروف آهن (فوٽو ڪنسي، سجاول مگريو)

جيئن پيرن جي ننڍڙي ٻيلي کي، جنهن ۾ سؤ يا ان کان مٿي وڻ هجن، هُڙي چئبو آهي، ٺيئن ڪنديءَ جي ننڍڙي ٻيلي کي "جُهو" سڏبو آهي. جيتوڻيڪ سنڌ جي ميداني علائقن ۾ ڪنديءَ جي جوهن کي ڏسڻ هڪ خواب آهي، پر ٿر ملڪ ۾ اهڙا جُوها اڄ به ڪافي تعداد ۾ موجود آهن. ڪندي وارياسي جو وڻ آهي. ڇو ته ان جي پاڙ ڏگهي ٿئي ٿي، ان ڪري پٽن توڙي ڏڙن جي چوٽين تي هن وڻ کي پنهنجي خوبصورتيءَ سان مرڪندو ڏسي سگهجي ٿو. هونئن ته ڪنديءَ لاءِ درياهه جي ڪچي وارو علائقو به ڏاڍو مشهور آهي، پر ٿر سندس ڏاڏاڻو ڏيهه آهي. ڪنهن زماني ۾ ڇون ٿا ته سانگهڙ ۽ ان جو آس پاس وارو علائقو به "ڪنڊ" جي حوالي سان سڃاتو ويندو هو. جيئن ڪنديءَ جي ننڍڙي ٻيلي کي "جُوهو" سڏيو ويندو آهي، ٺيئن وري وڏي ٻيلي کي "ڪنڊ" جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. اڄ به سانگهڙ ۽ ان جي پسگردائيءَ وارا ماڻهو پنهنجن پراڻن پڊن کي ياد ڪندي ۽

پنهنجن پونيرن کي گذري ويل وقت جون ڳالهيون ٻڌائيندي، زماني کي ڪجهه هن طرح سان ياد ڪندي ٻُڌا ويا آهن تہ: ”يار! ڪو زمانو هوندو هو، جو هتي رڳو ڪنڊ ئي ڪنڊ هوندي هئي.......“

ڪنڊ جو زمانو تہ هاڻ رڳو بزرگن جي ڳالهين جو ئي حصو وڃي بچيو آهي، پر ناري جي پرٽين پر مُهراڻي ۽ ٿر ۾ ڪنڊيءَ جو وڻ ماڻهن ۾ اڃا بہ ساڳي طرح مقبول آهي، جيئن ڪنهن زماني ۾ مڪيءَ جي ماڻهن ۾ مقبول هوندو هو. ناري جي ڪابي پاسي تي ڍنڍن جي ڪنارن سان ڪنڊيءَ جا جُوها اڃا بہ پنهنجي اوڄ تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مهراڻي جي ”ڪس“ واري ڪنڊي ڏاڍي گهاٽي ٿيندي آهي.

مهراڻي واري علائقي ۾ ڪنڊيءَ جو پاڻيءَ ۽ واريءَ سان عجيب رومانس نظر اچي ٿو. پٽن جي ڪنارن سان، جتي ڍنڍن جي پاڻيءَ جو سيلابُ متي چڙهي ٿو، اتي سون جي تعداد ۾ ڪنڊيءَ جا جُوها نظر اچن ٿا. وري عجيب لقاءُ اهو بہ آهي تہ جيئن جيئن پاڻي متي چڙهندو ويندو، تيئن تيئن پاڻيءَ هيٺ اينڌڙ وڻ سڙندا ويندا. اٿين پاڻيءَ جي وڌڻ سان ڪنڊيءَ جا پراڻا وڻ سڙي ختم ٿي ويندا آهن. مڪيءَ جي علائقي جي ڪنڊي ۽ ٿر جي ڪنڊيءَ ۾ نمايان فرق ٿئي ٿو. مڪيءَ جي ڪنڊين ۾ ڪنڊا وڏيڪ ٿيندا آهن، جڏهن تہ ٿر جون ڪنڊيون لسيون هونديون آهن. مڪيءَ جي ڪنڊين ۾ سنگر جام ٿين، پر ٿري ڪنڊن ۾ سگر گهٽ، چوڏا وڏيڪ ٿين. اهو ئي سبب آهي جو انهن کي ”ڪنڊا“ سڏيو ويندو آهي. ٿري ماڻهو جڏهن ڏسندو تہ ڪنڊيءَ ۾ ڪنڊا وڏيڪ ۽ چوڏا گهٽ آهن تہ چوندو ”اها ڪنڊي آ“، پر جي ڪنڊا گهٽ ۽ چوڏا وڏيڪ هوندس تہ ان کي ”ڪنڊو“ ڪري سڏيندو. پر انهن ٻنهيءَ جي برعڪس ڪنڊيءَ جو هڪ ٻيو قسم بہ ٿيندو آهي جنهن کي ٿري ماڻهو ”مورو“ ڪري سڏيندا آهنْ. گهٽيون ڪنڊيون هونديون تہ چوندا ”مورا“ آهن، پر جي ڪا هڪ اڌ ڏنائون تہ چوندا: ”او اهو مورو بيٺو آهي.“ يا ڪي پار پٽا ڏيٺا هوندن تہ چوندا: ”او اهي موري وٽ يا ان جي آس پاس.“ مورا گهڻو ڪري ٿر ۾ هر جاءِ تي ٿين. جتي ڪنڊي نہ ليندي، اتي مورو ضرور ملي ويندو. رڄ ۾، جتي زير زمين پاڻيءَ جو تصور ڪرڻ اجايو آهي، اهڙي قسم جا مورا موجود ڏٺا ويا آهن.

ڪنڊيءَ جي وڻ مان فائدا:

ڪنڊي اندازن پنجن سالن ۾ وڻ ٿي ويندي آهي، پر ڦل ٽن سالن کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ شروع ڪري ڏيندي آهي. ڪنڌيءَ جي ٻور کي ”مچر“ چئبو آهي ۽ ڦرين کي ”سنگريون“ ڪوٺيو ويندو آهي. مچر کي مال ڏاڍي شوق سان کائيندو آهي. جڏهن ته سنگرين جي ڀاڄي بيحد لذيذ ٿيندي آهي. ٿري ماڻهو ڪچيون سنگريون پٽي ڀاڄي رڌيندا آهن. ٻيون وري اوٻاري، لوڻ ملائي ۽ سڪائي رکي ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح سڄو سال پيا واپرائيندا آهن. ڪن ڪن ڪنڊن جا سنگر ٿلها ۽ مٺا ٿيندا آهن ۽ ماڻهو سوڪڙي ڪري ”سنڌ“ ڏانهن موڪليندا آهن.

ڪنڊيءَ جي ٽاري تمام ڪارائتي ٿيندي آهي. خاص ڪري سياري جي موسم ۾ ٻڪرين جا ننڍڙا ڦلڙا پلبا ئي ٽارين تي آهن. اُٺ ۽ اُنيون پڻ ڏاڍي چاهه سان ٽاري واپرائينديون آهن. ڳئون، گهوڙا ۽ گڏهه، جي ٽاري هيٺ هوندي ته چڪ هڻندا، نه ته هرون پرون جا حيلا نه ڪندا. پر انهن جي برعڪس ٽاري ٻاڪري مال لاءِ محبوب غذا آهي. جڏهن ٽارين جا پن ختم ٿي ويندا آهن ته ماڻهو انهن کي لوڙهن ۾ استعمال ڪندا آهن. ڪنهن زماني ۾ جڏهن ٽريشر نه هوندا هئا ته سنڌ جا ماڻهو ڪنڊيءَ جو ڏنگر فرشي طور استعمال ڪندا هئا. ماڻهو اڃا به سڪل ٽاريءَ کي ”ڪڙهه جي ڏنگر“ طور استعمال ۾ آڻين ٿا.

ڪنڊيءَ جي ڪاٺي وڏي استعمال جي شيءِ آهي. وڻ جي ڪاٺيءَ جا ڪايا به ٿيندا آهن، پر ڪاٺي منڍي هجڻ ڪري جلديءَ ۾ ڪاچيو وڃي، ۽ زمين ۾ به هيءَ جلدي ڳري ويندي آهي. مضبوط ڪاٺ حاصل ڪرڻ لاءِ ڀهريائين ڏنڊن جي ڪنارن وارين گهاٽين ڪنڊين کي ٻاهه ڏيئي ساڙيو ويندو آهي، پوءِ انهن کي وڍي گهٽ ۾ گهٽ ڇهن مهينن تائين پاڻيءَ ۾ رکي ڇڏبو آهي. پوءِ چوڏو لاهي، سڪائي، گهرن جي ڇتين ۾ استعمال ڪبو آهي. اهڙي نموني تيار ڪيل ڪاٺ جي عمر ماڻهوءَ جي عمر جيڏي ٿيندي آهي.

پراڻو ڪنڊو جڏهن سڪي نوٽ تي پوندو آهي ته مکيءَ توڙي مهراڻي جا ماڻهو ان کي وڍي، مٿيون چوڏو لاهي صاف ڪندا آهن. پوءِ صاف ٿيل ڪاٺيءَ کي ”آڏ“ طور استعمال ڪيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ان صاف ٿيل ۽ گهڙيل ڪاٺ کي وڏيڪ گهڙي ان مان ڪاري رنگ جي ڪٽ ڪڍي ويندي آهي، جنهن کي مقامي ماڻهو ”ڪرشي يا ڪرسي“ چوندا آهن. هن ڪاٺ کي ڪهاڙي به وڍي نه سگهندي آهي. هن ڪاٺ جو رنگ ايترو ته پڪو هوندو آهي جو جيڪڏهن وڍيندڙ ڪهاڙيءَ تي به چڙهي وڃي نه لهي نه سگهندو آهي. هن ڪاٺ مان ڇڙن جون لارون، جيڪي هڏن ڪان به سخت ٿينديون آهن، ٺاهيون وينديون آهن. ان ڪان سواءِ، ڪهاڙين جا ڳن، هٿ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهلڻ وارا لڪڻ، رنبين، ڏاٽن وغيره جا ڳن پڻ هن ڪاٺ مان ٺاهيا ويندا آهن. ڪنهن زماني ۾ ڦلڙيون ۽ بٽڻ پڻ انهيءَ ڪاٺ مان تيار ڪيا هئا. سونارا ڦلڙين کي لاٽيون ڏيئي منجهن پارو ويهاري چڙهيندا هئا، جنهن ڪري اهي پڙديڪ فينسي ۽ جديد ٿي پونديون هيون ۽ مايون وڏي شوق سان پائينديون هيون.

سُڪل ڪنڊيءَ جي ڪاٺيءَ کي ڇت ۾ آڏ طور استعمال ڪرڻ لاءِ ڇهن ڪان ٻارنهن مهينا پاڻيءَ هيٺ رکبو آهي. پوءِ ڪاريگر کي گهرائي "آڏ" ترائبي آهي. آڏ ترڻ جا بہ ڪاريگر هوندا آهن. جهڙو تهڙو ماڻهو "آڏ" تري هرگز ڪين سگهندو آهي. مصري بهڻ، گولو بهڻ، منٺار جوٽيجو، مگيو جوٽيجو ۽ مجيد مگريو مکيءَ جا ڪجهہ مشهور "آڏ" ترينڌڙ آهن. آڏون چورس ۾ ترييون آهن. عام گهر لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن فوٽ ڊگهي آڏ جي ضرورت پوندي آهي. ٿر توڙي مکيءَ ۾ پنجويهن ڪان تيهن فوٽن جون آڏون بہ تيار ڪري سگهبيون آهن.

ڪنڊيءَ جي ڪاٺ مان پاڳيا مال جي "انهہ" (پاڻي پيئڻ جو ٿانو) پڻ ٺاهيندا آهن. ٿلهي ڪاٺيءَ کي پاڻيءَ ۾ ٻارنهن مهينا پسائي، ان مان ڪٽڻ جون ايسون ۽ پانهون پڻ ڪيرايون وڃن ٿيون. ڪنڊيءَ جي ڪاٺ جو ڪوئلو اعليٰ درجي جو ٿيندو آهي. مڇرن جي موسم ۾ پاڳيا پاڻن ۾ ڊگ ڪري مال کي دونهون ڏيندا آهن. اوطاقن ۾ بہ ڪاٺ ٻاري سڄي رات ڪچهري مچائيندا آهن. ڪنڊيءَ جو ڪاٺ پڪو هجڻ ڪري دونهون گهٽ ڪندو آهي. هن جي ٻاهہ صاف ۽ ٽاندو دير سان "اگر" ۾ تبديل ٿيندو آهي. ڪنڊيءَ جو چوڏو بہ ٻارڻ جي ڪم اچي ٿو. هن جون پاڙون ايتريون تہ ڊگهيون ٿينديون آهن جو ماڻهو انهن مان لنيون ۽ جهيرٽا ٺاهيندا آهن.

ڪنڊيءَ جي وڻ جي ثقافتي اهميت:

ڪنڊيءَ جي وڻ جي ثقافتي اهميت جو اندازو ان ڳالهہ مان ئي لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌي سماج ۾ ان جو نالو عورت ۽ مرد ٻنهيءَ تي رکيو وڃي ٿو. ماڻهو پنهنجن ٻارڙن تي ڪن تمام پيارين، قيمتي ۽ سهڻين شين جا نالا ئي رکڻ پسند ڪندا آهن. ڪنڊيءَ جي جيئن تہ سنڌي سماج ۾ تمام گهڻي اهميت آهي، ان ڪري ان جو نالو سنڌي ماڻهن جي ناليتريءَ ۾ پڻ داخل ٿيل آهي. ڪنڊي هر طرح سان ڪارائتي آهي. اها ميوو، گاهہ، ڪاٺ، ٻارڻ، زيور، چانو وغيره- سڀ ڪجهہ مهيا ڪري ٿي. اهڙي ڪارائتي شيءِ جو نالو ڇو نہ اکين جو ٺار بڻجي. ڇو نہ نيڻن جو نُور بڻجي! انب، صوف،

ٻير، ٽوهه، ڪرڙ، ڪبڙ، ليمو، ڪانڊيرو، گلاب وغيره جهڙين ڪارائتين شين کان پوءِ ڪنڊيءَ کي ئي اهو اعزاز حاصل آهي جو اها پنهنجي سڃاڻپ انسان اندر داخل ڪري چڪي آهي. ڪنڊيءَ سان هتان جي ماڻهن جي محبت جو اهو ڀهربون مثال نہ آهي. سنڌن محبت جو هڪ ٻيو مثال اهو بہ آهي تہ وڻ جي طويل عمريءَ کي سامهون رکي مکي ۾ ٿر جون عورتون جڏهن ٻارن کي لوليون ۽ دعائون ڏينديون آهن تہ چونديون آهن: "الله توکي تاروهيءَ واري ڪنڊي جيتري ڄمار ڏئي." تاروهيءَ وارو ڪنڊو جهونو هجڻ سان گڏ هڪ ليجينڊ پڻ آهي. اڄڙي ٿر جو هيءُ ڪنڊو جڏهن جيجل ماءُ جي زبان تي دعا بڻجي گونجي ٿو تہ محبت، عقيدت ۽ احترام جون سڀ معنائون، اُهڃاڻ ۽ علامتون ڪنڊيءَ جي وڻ مٿان مينهن بڻجي وسي پون ٿيون. سنڌس عظمت ۽ صبر کي سلام آهي. سنڌس اٽل ارادو ۽ اڏولپڻو تہ ڏسو، ڏڪر هجي توڙي خشڪ موسم، رڃ هجي توڙي گرم لوئن جو طوفان، اهو پنهنجي حصي جو پاڻي ۽ لوڻ زمين جي پاتال مان ڇڪي ڪڍي ٿو.

ٿر ۽ مکيءَ جي ماڻهن ۾ "شاهہ مردان شاهہ واري ڪنڊي"، "سائو ڪنڊو" ۽ "تاروهيءَ وارو ڪنڊو" تمام گهڻو مقبول ۽ معتبر آهن. "شاهہ مردان شاهہ واري ڪنڊي" ان ڪري مقبول آهي جو هُو ان هيٺان ويهي عبادت ڪندو هو. ان ڪري ماڻهو اڄ بہ اتي منتون باسيندا آهن ۽ پنهنجي ناميدين جا ڪشڪول اونڌا ڪري اميدن، اوسيئڙن ۽ اوجاڳن جا پيالا ڀري پنهنجي ماڳن ڏانهن موٽي ويندا آهن. ڇاڪاڻ تہ فطرت جي هنج ۾ پلجي وڏي ٿيندڙ ماڻهوءَ جون محبتون، رنج الم، ڏک سک، اميدون ۽ خوف، وهم ۽ وسوسا، فطرت جي هڪ هڪ شيءِ سان جڙيل هوندا آهن. هو انهن سان ڳالهيون ڪندو آهي، توقع رکندو آهي، محبت ڪندو آهي ۽ ڊڄندو آهي.

جهڙي ريت حضرت انسان اڪيلي ۽ جهوني وڻ هيٺان ننڊ ڪرڻ کان لهرائي ٿو، تهڙي ريت وڏي ڄمار واري "ڪنڊي" هيٺان سمهڻ ۽ ترسڻ کان هتان جا ماڻهو پڻ ڪن ڪن ٿا. ڇو تہ ڪِرُ يا وسونهن نہ هجڻ ڪري اهڙن وڻن هيٺيان ماڻهن کي جنن ۽ سراڻن جي موجودگيءَ جو گمان رهي ٿو.

ٿر ۽ مکيءَ جا ماڻهو جنهن سال ڪنڊين جي وڻن کي ڪوماڻل ڏسندا آهن، تنهن سال چوندا آهن تہ، "هيل مينهن گهڻا پوندا." پر جڏهن ڪنڊين جا پن سڙڻ لڳندا آهن تہ هو ان مان سيءُ جي شدت جو اندازو لڳائيندا آهن. ڪا ڪنڊي جيڪڏهن ڪنهن بہ حوالي سان رڳو هڪ دفعو مشهور ٿي وئي تہ سڄي عمر ماڻهو ڪيس هٿ نہ لائيندا آهن. ٿر ۾ جتي رستا اڻ لپ آهن ۽ طرف سڃاڻڻ بہ ڪافي مشڪل ڪم آهي، اتي ماڳ مڪانن، پٽن ۽

رستن، ترن ۽ ڪوهن کي به مشهور ڪنڊين وسيلي سڃاتو وڃي ٿو. ڪن بزرگن ۽ درويشن کي پڻ ڪنڊين جي نالن پٺيان سڏيو وڃي ٿو. جيئن تعلقي سنجهوري ۾ اڄ به ”ڪنڊو فقير“ مشهور آهي. ڪنڊي واتر، ڪنڊيءَ وارو مقام، ڪنڊياري (تعلقه سانگهڙ) ڪنڊي اسٽاپ، ڪنڊيءَ وارو ڳوٺ، ڏيهه سارڪي ڪنڊي وغيره ڪجهه اهڙا مثال آهن، جيڪي رڳو ناري جي ساڄي ڪپ وارن علائقن ۾ عام ٿي چڪا آهن.

ڪنڊيءَ کي شاعرن پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ نمايان جاءِ ڏني آهي. مثال طور ياز جو گيت ”ڪنڊي نه سگري ٻير نه پلڙو......“ سڄي سنڌ ۾ ٻچي ٻچي جي وات مان گونجندو رهي ٿو. سنڌ جو البيلو راڳي مرحوم سرمد سنڌي حال حيات هوندو هو ته سنڌي ماڻهو ڪانئس هر محفل ۾ ان گيت جي فرمائش ڪندا هئا. گيت ٻڌي، هو ڏک ڪرڻ بدران جهومڻ لڳندا هئا!

سُر ”ڪاموڏ“ ۾ ڀٽائي صاحب ڪينجهر جو نظارو پيش ڪندي ڪنڊيءَ جي گلن کي نهايت ئي سهڻي انداز ۾ ياد ڪيو آهي.

”هيٺ جر مٿي مجر پاسي ۾ وٽراهه!“

سُر ”ڏهر“ ۾ وري ڊوري مهراڻ جي سُڪل پيٽ ۾ ڪنڊن جا وڻ ڏسي، تن مان هڪ سگهي متاري ڪنڊي سان ڳالهيون ڪندي فرمائي ٿو ته:

جان تو هُئڙو سُور، ڪنڊا! ڊور ڏٺين جو،
مٿي لامن ٻور، موريءَ مَجَر نه ڪرئين.

(اي ڪنڊا! جي توکي مهراڻ جي مالڪن جي، وڇوڙي جو درد آهي ته تون ماڳوءَ پنهنجي ٽارين جي ٻور مٿان سگر ئي پيدا نه ڪر.“

انهيءَ ساڳئي سُر جي ٻهرين داستان ۾ شاهه سائين ڪنڊي کان جسودن (شاهوڪار وڻجارن) جون خبرون چارون پڇي ٿو. مهراڻ جي وهڻ جو دور پڇي ٿو. سندس عمر پڇي ٿو. تر جي جنهن ڏهر مان اهو مهراڻ گذرندو هو، سو هاڻي پڙپانگ لڳو پيو آهي. شاهه صاحب کي معلوم آهي ته ڪنڊي جي عمر وڏي ٿئي ٿي. ڪيس پڪ آهي ته جڏهن درياهه وهندو هوندو، اهو ڪنڊو تڏهن به اتي موجود هوندو. اهو ئي سبب آهي ته مکيءَ ۽ ٿر جون ماٿرون پنهنجي اولاد کي اڄ به لولي ۽ دعا ڏيڻ مهل ”ڪنڊي“ جي عمر جيتري عمر لاءِ هٿ ڊگهيڙينديون آهن.

”ڪندا! تون ڪيڏو، جڏهن پريو ڊورو وهي؟
جسودن جيڏو، تو ڪو گڏيو پهيڙو؟“

(اي ڪندا! تڏهن تون ڪيڏو هئين، جڏهن مهراڻ تار ٿي وهيو؟ توکي هاڻي جسودن جهڙو پانڌيڙو ڪو گڏيو آهي؟)

ڪنڊيءَ جي وڻ جي اهميت جو اندازو ان ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته ٿارين جي ڏڪار دوران ٿر توڙي مکيءَ ۾ جهيڙا به ٿيو پون. ماڻهو ڪنڊيءَ جي وڻ کي پنهنجي ملڪيت جيتري اهميت ڏيندا آهن. جهيڙا جهڳڙا ڪڏهن ته برادرين ۾ به ڏار وجهيو ڇڏين ۽ ماڻهو مرڻو پرڻو ڇڏي هڪ ڪنڊ ۾ ٿي ويهيو رهن. ڪنڊيءَ جي ماکيءَ جو ذائقو بيحد وڻندڙ ٿيندو آهي. ڳيرو ۽ جهرڪي ڪنڊيءَ جي وڻ تي آکيرا به ڪندا آهن ۽ اڃو تتر سندس ڏارن کي چاڙهيڪي طور پڻ استعمال ڪندو آهي. ٿر ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪنڊي ڍريئن واري علائقي ۾ ٿئي ٿي. جڏهن ته مکيءَ ۾ مهراڻي وارو علائقو ڪنڊيءَ جو مرڪز آهي. هونئن ته ٿر سڄو هن وڻ سان ڀريو پيو آهي، ان ڪري ڪنڊيءَ کي ٿر ۽ مهراڻي جو قومي وڻ چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڙي ٽر ڀر اٺن جي پالنا
مبا ۽ مولها مارو پالين مَرڪ سبين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄڪلهه ٿر ۾ اُٺن جي پالنا

مَيا ۽ مولها مارو پالين مَرڪ سين

ڪاروڙي لڳاڻي جي ڳاٽ آيل هڪ ٽريو ۽ سنڌس اٺ

سنڌ جي نقشي تي نظر وجهبي تہ هندستان جي سرحد سان اسان کي هڪ اهڙو جاگرافيائي خطو ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن کي ريگستان سڏبو آهي. عام ٻوليءَ ۾ اهو ٿر ۽ مقامي ٻولين ۾ ٿر، اڄڙوٿر، چولستان ۽ روهي ٿل وغيره جي نالن سان مشهور آهي. ريگستان اهڙو علائقو آهي جتي برساتون گهٽ ۽ رستا اڻ لڀ آهن. اهڙي صورتحال ۾ هتان جي ماڻهن جو گذران مال تي ٽڪيل هو. اُٺ، ٻڪري، رڍ، ڳئون ۽ گڏهہ. گهڻو ڪري هرڪو پالڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. عام سواري نہ هجڻ ڪري اٺ رکڻ هڪ نہ ٻئي خاندان جي مجبوري آهي. هتي اٺ جي نسل جي باقاعدي پالنا ٿئي ٿي. ٿر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارڪري، ڍاٽي، جيسلميري ۽ عام ٿري اٺ وڏي شوق سان پاليا ويندا هئا. ٿر يا ريگستان جي ”رڄ“ ۽ ”ڊريئن“ واري حصي کي اڃڙوتر سڏيندا آهن، جنهن کي سرڪاري طور تي نارا ريگستان جي نالي سان به ياد ڪيو ويندو آهي. جيتوڻيڪ ٿر ۾ اٺ هر گهر جي ضرورت آهي، پر اڃڙي ٿر ۽ چولستان ۾ ان جي اهميت تمام وڌيڪ آهي. هتي هر گهر هڪ به اٺ ضرور رکي ٿو، پر ڪي اهڙا به خاندان آهن جن جي زندگيءَ جو سڄو دارومدار ائن جي وڳ تي آهي. ڪنهن زماني ۾ ته هتان جا اوٺي سون کان به وڌيڪ ڏاچيون رکندا هئا، پر آباديءَ جي وڌڻ ۽ چراگاهن جي گهٽتائي ۽ ڏڪر جهڙين آفتن جي ڪري هاڻ ايڏا وڏا وڳ رکڻ ممڪن نه رهيو آهي. چراگاهن جي حساب سان اڃڙي ٿر کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: سياري جا چراگاهه، جيڪي سانوڻيءَ کان پوءِ وجود ۾ اچن ٿا ۽ سڄو سيارو هلن ٿا، ۽ اونهاري جا چراگاهه، جيڪي ناري جي ڪناري سان موجود ڍنڍن جي ڪنارن سان اڳ ۾ ئي موجود آهن. هي چراگاهه سياري اونهاري ۾ استعمال ۾ اچن ٿا. اونهاري ۾ اونار پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي اچي ڍنڍن جي ڪنارن وارا علائقا وسائيندا آهن ۽ جڏهن برسات پوندي آهي ۽ گاهه پنهنجا گونچ ڪڍي ٿر کي سائي چادر اوڍائي ڇڏيندو آهي، ته هو گاهه جي سانگي پري پري تائين نڪري ويندا آهن. اٺ، نندو گاهه، ڪالر (ڄار)، ڪنڊي، لاڻو، ڦاڙه (ڍنڍن جي ڪنارن جو هڪ ٻوٽو)، ڪرڙ، ڪپ، ڦوڳ ۽ ووڻن جي فصل يا واريا سي پٽن ۾ ڄمندڙ ٻڙ هٽندڙ ٻوٽو بيحد گهڻو پسند ڪري ٿو. هتان جا اوٺي ڏاچين جو وڳ وڏي شوق سان رکندا آهن. نر اٺ کي پالي وڏو ڪري وڪڻيو ڇڏين، جڏهن ته وڳ سان رڳو هڪ اٺ کي جهلين. ڇو ته به اٺ هڪ وڳ ۾ رهي نه سگهندا آهن. هن ٿر ۾ ڏاچين جا وڳ گهڻو ڪري جيڪ ڇڏيل هوندا آهن، پر جنهن جاءِ تي موٽي اچي آرام ڪن ان کي ”جهوڪ“ سڏبو آهي. جُوءِ ۽ جهوڪ جي وچ تي کير ڏهڻ واري جاءِ هوندي آهي. ڏاچيون جيئن ئي گاهه وغيره کائي شام ڌاري جهوڪ ڏانهن رخ رکن ته رستي ۾ ان جاءِ تي بيهي پاڻ ڏهائين. جيڪڏهن اونارن جو پڙاءُ جهوڪ جي ويجهو هوندو آهي ته هو اتي ڏاچيون ڏهيو وڃن. ڏاچي ڏهڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. هيءُ ڪم گهر جا مرد سرانجام ڏين. اونار جهوڪ ويجهو اچي هڪ خاص قسم جي نال يا هڪل ڪندا آهن. ڏاچيون ڊوڙنديون ڊڪنديون سندن ڀاهران ڦري ويندڀون آهن. هڪ ڏاچي روزانو پنجن ڪان اٺ ڪلو کير ڏئي سگهي ٿي. کير گهڻو ڪري ڪارو ٿئي. طرح طرح جا ٻوٽا ۽ گاهه واپرائڻ ڪري ڏاچيءَ جي کير جا سؤ ذائقا ٿين. هيءُ ٿليءَ جي بيمارين ۽ هاضمي لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيحد مفيد ٿئي ٿو.

نر اٺ کي وڳ سنڀالڻ لاءِ باقاعدي تربيت ڏبي آهي. جتي ڏاچين جو وڳ چرندو آهي، اتي نر اٺ مٿن پهرو ڏيندو آهي. اٺ کي تربيت ڏيڻ لاءِ اوٺار هڪ تلي (هيٺائين جاءِ) چونڊيندا آهن. جتي ڏاچين کي گڏ ڪري بيهاريو ويندو آهي. پوءِ اٺ کي وڳ مان هڪلي پري ڪنهن پٽ جي چوٽيءَ تي وجي ڇڏبو آهي. ايترو پري جو سندس نظر تليءَ وارين ڏاچين تي پئجي سگهي. ڪيس ٻاهرين هوا لڳرائي ۽ تلي ٻاهريان ڊوڙائي چڱي خاصي سڪ ڏبي آهي. پوءِ ٻئي پاسي کان اوٺار هڪ ٻيو نر اٺ ڪاهي ايندا آهن. هو ان کي ڏسندي ئي ڏانهس ڊوڙ ڪندو. ڪيس ڊوڙائي وجي ترائي وارين ڏاچين سان ملندو. وڳ ۾ شامل تي اچي ڏاچين کي ڪٺندو. ڪين ڪنهن ٻيءَ ترائيءَ ۾ بيهاري وري اچي ان اٺ جي مهان منهن ٿيندو. اهڙيءَ ريت سڄي وڳ کي تڙ تي ٻه آڻيندو، جهوڪ تي ٻه پهچائيندو ته سندن رکوالي ٻه ڪندو.

ٿري اُٺ اڄ جو ڏاڍو ٿئي. ٿري ڪيس ”ٿر جو مولهو“ سڏين. پر پارڪري سونهن ۾ سرس ٿين. لاڙي اُٺ وزن جو ياڙيو، پر وچولي سنڌ وارو ”لاڏو“، جيڪو خاص ڪري حيدرآباد ۽ سانگهڙ جو آهي، سگهو ۽ وزن کڻڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ ٿئي. چو ته نواب شاهه، سانگهڙ ۽ حيدرآباد جا علائقا ڪپهه ۽ ٻين اناجن جي پيداوار جا مکيه مرڪز آهن، ان ڪري انهن علائقن ۾ خاص قسم جي ”ڀاري پرڪم“ نسل واري اٺ جي ضرورت سدائين موجود رهي آهي.

اڄڙي ٿر ۾ اُٺن جي پالنا جي شروعات ڪڏهن ٿي، پڪ سان چئي نٿو سگهجي. پر غالباً گمان اهو ئي آهي ته، جڏهن کان انسان اتي آباد ٿيڻ شروع ٿيو آهي، تڏهن کان اٺ سندس پهريون ساٿي جانور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سنڌ جي مختلف علائقن ۽ ٻولين ۾ اٺ تي پنجاهه کان مٿي نالا رکيل آهن، جن مان اٺ، چانگو، ڏاگهو، ڪرهو، لاڏو، ميو وغيره تمام گهڻو مشهور آهن.

اٺ جي هڪ خاصيت اها ٻه آهي ته اهو سخت موسم کي ٻه برداشت ڪري سگهي ٿو. عام ذڪر وارين حالتن ۾ اٺ ٽن سالن تائين جيئرو رهي سگهي ٿو. اهو ان ڪري جو ڪيس پاڻيءَ جي گهٽ ضرورت پوندي آهي ۽ اهو عام وڻن جهڙوڪ ڪنڊي، ٻير، ڪٻر، ڦوڳ وغيره منجهان ڪاڌو حاصل ڪندو رهي ٿو. اهي وڻ (سواءِ ٻير جي) ٿر جي ذڪر وارين حالتن ۾ ٻه گهڻو ڪري ساوا نظر ايندا آهن. ٿري ماڻهو انهن سان تمام گهڻو پيار ڪندا آهن. سهڻن ۽ پلن انهن تي نالا رکيا ويندا آهن. مثال طور تيز پڄڻ وارن انهن

کي گولي، ڏماڪو، پکي، باز، ڪلاشن، ڪبوتر وغيره جي نالن سان سڏيو وڃي ٿو. ان کا علاوه ڊاٽي، لاڏو، مولهو، پارڪري، تيلو وغير پڻ مشور آهن. خوبصورت ڏاچيءَ کي ڪونج سان تشبيهه ڏيندا آهن. وڳ جي قطار کي ڪونجن جي قطار سڏيندا آهن. ٿر ۾ ڏاچيون جڏهن جهوڪ ڏانهن ايندڀون آهن ته وڏي ”ڪنڊي“ هٽنديون آهن (ڪونجن وانگر قطار ڪري ايندڀون آهن). ٿر ۾ انن جا رنگ ڪارڙا، اڇڙا، پورڙا ۽ ڳاڙڙا ٿين ٿا.

اونـــار ڏاچيءَ تي اٺ ڇڏڻ کي ”وارو رکڻ“ چوندا آهن. ڳڀ نه رکڻ جي صـورت ۾ ڏاچي پندرهين ڏينهن وري اٿل کـائيندي آهي. ڳڀ رکڻ جي صورت ۾ ٻارهين مهيني ويامندي آهي. گوري کي ٻه سال کيريپاري ٽئين سال هڪلي ڇڏيندي آهي ۽ چوٿين ســال وري ويامندي آهي. هر ڏاچي آئن کـان ڏهه پيٽ ويامبو وڃي. ڏائيندڙ ڦر کي گورو يا گوري ۽ هڪليل کي ڪنواٽ يا ڪنواٽِ چوندا آهن. ڪٽي وري ڪنواٽ کي ترياس ۽ چوس به چوندا آهن. پوءِ ســالن جي حـســاب ســان پنجوس ۽ ڇهـوس ۽ آخر ۾ اٺ ســڏيندا آهن.

جوان ٿيل ڏاچي چوٿين سال لڳيو وڃي. جيڪو اٺ ڏاچيون ڦرائي ٿنهن کي ”سوپارو يا سپوٽ“ چون ۽ جيڪا ڦرجي ٿنهن کي ”سائي“ سڏين يا چون: ”جهوڪ ڪامائتو ڪري وئي“. گهڻـو ڪري هر وڳ ۾ نر اٺ نه هوندو آهي، ان ڪري اچڙي ٿر جا اونار جتي پاڙي ۾ اٺ ڏسائي اتان ان کي ”ڏُڪ رکڻ“ لاءِ ڪاهي ايندا آهن. مالڪ وٽان آڻيندا ته ٿلهيون ڇيرون ٻڌي ڪاهي ايندا، پر جڏهن واپس ڏيندا ته سينگاري ڏيندا. گهڻو ڪري پٽيهه هار ”ساڄ“ جا وجهي ڏيندا. اچڙي ٿـر ۾ اٺ جي ڏُڪ جي قـيـمـت اڄ به ١٥٠ روپيا آهي. جي مالڪ پئسا نه وٺندو ته پوءِ ڦر ڪاهي ڏيندا آهن. اچڙي ٿر ۾ مشهور آهي ته ”جنهن گهر ۾ اٺ آهي ٿنهن گهر جا ڏاٿا ڪٽٿا ئي ناهن“، ڇو ته ٻارهين مـهـيني اونـارن کي اٺ جي ضـرورت پوندي آهي. جڏهن اٺ واپس گهر ايندو آهي ته پنهنجو ڪمائي آڻيندو آهي. جهوڪ ٿان واپس ايندو ته موڙ ٻڌي ايندو. اونار مالڪ کي مبارڪون ڏيندا: ”مبارڪون هجنئي! ڀٽاري سب سايون ڪيون.“ اٺ جي لڳ بابت ٿر جي اونارن وٽ دلچسپ اصطلاح رائج آهن. ٿورڙي جهلڪ اوهان هينئن گفتگوءَ مان پسي سگهو ٿا:

جڏهن ڏاچي جي وڳ وارو همراهه نر اٺ ڪاهڻ لاءِ ڪنهن وٽ ويندو ته چوندو: ”اٺ ڏي ته سوپ لاءِ ڇڏيان.“ مالڪ تاڪيد ڪندي چوندس: ”پهرو ڏجانس، متان لوفر (ٻيا اٺ) ماري نه وجنس!“

”لوفر ناهي، لوفرائي (وڳ کان ٻاهر واري ڏاچي) نه ڏيکارجانس!“

ڏاچي جڏهن وهر آڻيندي آهي ته اڻ سندس پنيان پئجي ويندو آهي. پوءِ جي هوندي آهي جڙي ته ويچاريءَ سان ويڍن هوندي آهي. جڏهن اڻ ويهارڻ لاءِ پاسا هٽندو اٿس ته هوءَ ڪٽڪڻ لڳندي آهي. اُن تي ٽرين جون مسخريون لڳيون پيون هونديون آهن.

"اي سکيا، ڏاچي تو واري "ڊانڊارا" پئي ڪري. "خبرا" پئي ڪري. جاچينس ته سهي، سندو وارث پيو ڪٽيس يا ڪو ٻيو.....؟"

همراه ڏسي ايندو ته چوندو: "سنئين ناهي وينل، پلي ڪٽيس!"

پهريون همراه پوڳ ڪندي چوندس: "وري ٻه جاچي ڏسينس، متان ڪا ٻاهر ڪنڊ (يار) هجيس!"

پهريون چوندو: "اجوڙي ويني آ (ڏکي ويني آ) اٿي نه ٿي. اڻ ٺونگا پيو هڻيس. هوءَ چئي ٿي ته پلي وڃي هليو. منهنجي جند ڇٽي. پر هو چئي ٿو ته سٽائي ٿي ويهي."

ٻيو همراه: "جي سٽائي ٿي نه ويني ته اڻ لتاڙي ڪنڍ پجي ڇڏيندس! چري آ، جڳهه چو نه ٿي ڏئيس!"

پهريون همراهه: "نئين آ. خوف ۾ سسي وئي آ، ارهه ته گهٽا ئي پيو هڻيس پر، ماپ تي پوري نه ٿي ويهي."

نر اڻ ستن سالن ۾ جوان ٿي ٻتيهه چاڻيندو آهي. گهٽو ڪري هڪ ئي ڏهن ڪان سو اٺين جي وڳ لاءِ ڪافي هوندو آهي. ڏاچي پنهنجي گوري کي ٻن ڪان ٽن سالن تائين کير پياريندي آهي. ڦر گهٽو ڪري هڪڙو ئي ڏي پر ٻه ڄڻائين ته اوٺار ايندڙ سال ڪنهن آفت يا بدقسمتي وغيره جي پيشنگوئي ڪندا آهن.

اجڙي ٿر جا اوٺار گهٽو ڪري خانا بدوشن جيئن زندگي گهاريندا نظر ايندا آهن. وڳ اڳيان ۽ پاڻ پنيان. جُوءِ جي تلاش ۾ هڪ نه ٻي جاءِ تي پيا پڙاءُ ڪندا آهن. هو، نه ته ٻني ٻارو ڪري سگهن ۽ نه ئي سندن اباڻو ڏنڌو ڪين اهڙي اجازت ۽ مهلت ڏئي ٿو. هو اُن وغيره جو بندوبست اڳوات ئي ڪري ڇڏيندا آهن، جيڪو ڪين سڄو سال ڪم ڏيندو آهي. هتان جا اوٺار توڙي ٻيا پاڳيا اُن، تجل، سوراهه، اوڊ، چوتياريون، پنيهل، ڪپرو ۽ هٿونگي جهڙن ڪٽڪ جي مرڪزن تان خريد ڪندا آهن. هي شهر يا ڳوٺ ناري جي ڪنارن تي آباد آهن، ان ڪري اتي پهچڻ ۾ ڪين ڪا به تڪليف نه ٿي ٿئي.

چوندا آهن ته ٻڪرين جو ڌڻ رکڻ مال چاريندڙن لاءِ ڪنهن عذاب ڪان گهٽ نه هوندو آهي، پر اٺين جو وڳ ان ڪان به وڏو عذاب آهي. جنهن ماڻهوءَ اُٺن جا وڏا وڳ ڏنا هوندا، تنهن کي ئي ان ڳالهه جو اندازو هوندو. هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوٺار سڄي زندگي پيچ پيچان ۾ گذاري ڇڏي ٿو. گهر کان پري رهڻ، انهن پنيان ڊوڙندو رهڻ، هڪ چراگاه کان ٻئي چراگاهه تائين، هڪ منزل کان ٻيءَ منزل تائين، مسلسل پيچ پيچان! هڪ اوٺار کي هڪ عام ياڳئي جي بنسبت وڏيڪ رلڻو پوي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ته ٻن ٻن ڏينهن تائين ڪشالا ڪڍڻا پون ٿا، جو ته انهيون چرندي چرندي پري پري تائين نڪري ويندڙيون آهن. ان ڪري اهو مشهور آهي ته جتن کي سدائين سنڌن ۽ ڳوڏن ۾ سور رهندو آهي. گهڻو ڪري پيريءَ ۾ منڊا ٿي گذاريندا آهن.

وڳ سان رهندي اوٺار جي ڪرت ٿن محدود خانن ۾ ورهائجي وڃي ٿي. انهن کي هڪلڻ، سار سنڀال لهڻ ۽ ڏاس مان مختلف شيون تيار ڪرڻ. هو شام ڏاري جڏهن سار لهڻ لاءِ وڳ ڏي ويندو ته پٽڪيل سٽڪيل کي هڪلي ويهڪ (جهوڪ) ڏانهن روانو ڪندو. رستي تي ڪير ڏهي واپس اچي پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ آرام ڪندو. وري صبح جو سوير اٿي روز جي رستي وٺان سنڌن پير پيو جاچيندو. پيرن مان خبر پوندس ته ڪيتريون هيٺ چراگاهه ڏي لٿيون ۽ ڪيتريون رهجي ويون پوءِ ٻين کي به انهن ساڻ گڏي پاڻيءَ جي ويجهو ڪري ايندو. پاڻ ڏينهن جو گهر موٽي ايندو. شام جو ڏاچيون جڏهن وري هيٺيان ترابن کان مٿي. چڙهڻ شروع ڪنديون ته هو سماءَ لهڻ خاطر هڪ چڪر ٻيو به ڪڍندو.

اوٺارن وٽ ٻيو مال ٻڪرين جو هوندو آهي، جنهن جي سار سنڀال عورتون لهن، چو ته عورت مال تي مرد کان به وڌيڪ ڌيان ڏيندي آهي. هي ننڍو مال آهي ان ڪري گهر ۾ آرام سان رکي سگهجي ٿو. عورتن جو ڪم ڦر ڏارائڻ، مهارو هٽائڻ، ٻڪرين کي امائڻ، ٻڪرن کي سنگر پٽي ڏيڻ، کير ڏهڻ، ٻڪرين جي کير مان ولوڙو ڪرڻ وغيره آهي. ٿري ماڻهو ٻڪريءَ جي کير جي چانهه وڏي شوق سان پيئندا آهن. پلي ڳئون ڏاچي توڙي رڍ جو کير گهر ۾ موجود چو نه هجي.

اچڙوٺر جيئن ته راڄن جي لحاظ کان مختلف حصن ۾ ورهايل آهي، ان ڪري هر علائقي ۾ هر راڄ جا اوٺار پڻ موجود هوندا آهن. آچر ڳاهو (ڳوٺ ٻڌريو)، سٻوجهه هنگورجو (ڳوٺ سٻوجهه هنگورجو)، لعلو مگريو، پلو پنيرو (رتڙائو)، دلبر مهر (ٿر)، حضوري مهر (ٿر)، سونو راڄڙ (مهرائو) ۽ ڪيترن ئي ٻين وٽ اڄ به ڏاچين جا وڳ رکيل آهن.

ٿر ۾ هوئن به چوري گهٽ ٿئي. جي ٿئي ته ٿري ماڻهو پير سڃاڻيو وڃن. پير سڃاڻڻ جا وٺن ڪيئي طريقا آهن. مثال وک مان سڃاڻڻ يا پير مان سڃاڻڻ. ٿري ماڻهو انن جا پير انهن جي پيڙهيءَ مان سڃاڻي وٺن ٿا. وزن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجائڻ - يعني هلڪو پير هوندو تہ ڏاچي يا ڪنوات جو هوندو، جي ڳرو ۽ وزني هوندو تہ اٺ جو هوندو.

سياري جي موسم ۾ اٺ مست ٿئي ٿو. تاروءَ ٻاهر ڪڍي گـڙندو آهي. اٺ جي اهڙي نموني گڙڻ کي بين ڪڍڻ چئبو آهي. جي گڙي تاروءَ ڪڍندو تہ ياڳيا چوندا: ”پلو تارون اٿس، گڙي پيو گڙي!“ ٽري ماٺو سهٽي ڏاچيءَ کي ڪونج سان تشبيهہ ڏين ٿا. ”جهڙو اٿس نالو تهڙي آهي ڪونج“ جهڙا پهاڪا مشهور آهن.*

اڄڙي تـر ۾ اٺن کي شاديءَ جي موقعي تي پنهنجي پوري خوبصورتيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو. ان موقعي تي اٺن کي ڇيرون، ڇڙيون، ڊانيـر، گينگهرا، ڪڙيون ۽ چانديءَ جا تعويذ ٻڌندا آهن. سندن پلاڪڙن تي سهٽيون رليون رکيون ويندليون آهن، جن تي گهوٽ ۽ آنهر ويهندا آهن. اٺ جڏهن هلڻ شروع ڪندا آهن تہ سڀ ساز وڄڻ لڳندا آهن. سازن جو سريلو آواز جيڪو اٺن جي ٽنگن ۾ ٻڌل گينگهرن جي هڪجيتري وقفي واري ردم ۾ گونجندو آهي، سو ڇڙن ۽ ڊانيرن جي وڏي آواز سان ملي هڪ پلوڙ قسم جي ڌن پش ڪرڻ لڳندو آهي. ان آواز سان ڇيرن ۽ ڪڙين جي جهنڪار ملي موسيقيءَ کي اڃا بہ چار چنڊ لڳائي ڇڏيندي آهي. سنڌ ۾ ان جو وڏو مثال ڪڇ جا پورا ۽ برڪيون ڊوئيندڙ اٺن جون قطارون آهن، جيڪي ڪنهن زماني ۾ صبح جو سوير ڳوٺن جا پـر ڏيئي لنگهنديون هيون ۽ شام جو چئين وڳي ڌاري واپس موٽي وينديون هيون. انهن جي گينگهرن، ڇيرن ۽ ڇڙن جا آواز اڄ بہ ياد ڪرڻ تي ڪنن ۾ گـونجڻ لڳندا آهن. اهڙين قطارن ۾ سڀ کان اڳيان هلڻ واري اٺ کي ”مهري اٺ“ سڏيندا هئا.

تـر ۾ اٺن کي سجائڻ هوڻ تہ ڪو مسئلو ڪونہ آهي، پر پوءِ بہ ڏاڳ

---

* ڪجهہ ٻيا پهاڪا هن طرح مشهور آهن: ١- اٺ ڊڪ جي لائق ناهي. ٢- اٺ تي ڪهڙي زڪوات. ٣- ڪهڙو لاڙ مان آندو اٿئي. ٤- ڪهڙو سو ڏاچين جو مالڪ آهين. ٥- (سهڻو ڇڙو وڄندي ٻڌندا تہ چوندا) اهو ڇڙو سونهين انين پتارين کي. ٦- ڏاچيءَ جي کير ۾ سؤ ذائقا. ٧- ڏاچيءَ جو کير ٻنيهہ مرضن تي پٽي. ٨- ڏاچي هٽي ڏهہ تہ توڏو هٽي تيرنهن. ٩- پوڙهو اٺ بہ ڪنوات لهي. ١٠- جڏهن پورا پٽي سبيا تڏهن اٺ پٽي رڙيا. ١١- اُنيون آهن سونَ مُنيون، پر جي وسي تہ. ١٢- پيٽون، سي پيٽون، پيون جَهڙيون اوني کير جون ڦيٽون. ١٣- اُٺ نہ مُنا پِرَ پورا مُنا. ١٤- جتي ڪيهرن جا ديرا اُتي اُٺين جا پيرا. ١٥-اُٺ جي چوري پکي ۾ ٿوروئي لڪي. ١٦- اُٺ چڙهندي شيهن تي ڪاڏو. ١٧- اُٺ جو بار بہ جت تي. ١٨- اُٺ اٿي ئي ڪونہ، پگت ياڙو. ١٩- پُڇ ٻڌي مَهري بنائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ جي روايت صدين کان هلندي پئي اچي. هرهڪ ذات يا پاڳئي جا داڳ پنهنجا ٿيندا آهن. پاڳيا داڳ شهرن مان ويڳ ڪرائي تهرائي ڪٽي ويندا آهن. پوءِ رڱو تپائي جتي داڳ ڏيڻو هوندو آهي اتي هڪ اڌ سيڪنڊ لاءِ رکي ڪٽي وٺندا آهن. سڙيل جاءِ تي ڪيترن ئي ڏينهن تائين گيھ وغيره لڳائيندا رهندا آهن.

اٺ جي ڏاس مارچ مهيني ۾ ڪٽي ويندي آهي. پاڳيا ڏاس مان رسا، ڪتا، پڪراس، اوٺهه ۽ سندرا ٺاهيندا آهن. اٺ کي خصي ڪرڻ لاءِ نڪ وٽان سٺو لنگهائي، پري ڪتان ڪاڏيءَ وٽان ڪڍي ڇڏبس. ان طريقي کي "تر هڏي" چئبو آهي. ان طريقي سان اٺ مسلسل ايذاءَ ۾ رهندو آهي ۽ سندس ڌيان ڏاچي طرف وڃي نہ سگهندو آهي.

اٺ جي عمر چاليھ سال کن ٿئي ٿي. گهڻو ڪري بيماري وگهي ئي مرندو آهي. ڪارو واءُ بہ ازلي دشمن اٿس. هن ۾ اٺ جو رت ڦٽي پوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن (پيٽڻ) بلا بہ ماري ويندي اٿس. پر جڏهن ڪيس حلال ڪبو آهي تہ ئي يا ست سيرون وجهبيون آهن، جو تہ دم ڏگهو ٿيندو اٿس. اٺ جي ڳچيءَ ۾ اڌ اڌ فٽ تي مٽڪو ٿيندو آهي ۽ هر مٽڪي تي سير وجهبي آهي. ٿري ماڻهو اٺ جو گوشت تازو رڌي ڪائين. جيڪو بچي سڪائي رکن. بعد ۾ ٻارنهن مهينن تائين کائيندا رهندا آهن.

اٺ سچ پچ تہ ڪارائتو جانور آهي. ٿرين لاءِ تہ وڏو اجهو آهي. ٿري ماڻهو کيس گوءِ، سواري، هر ڪاهڻ، کوهہ مان پاڻي ڪڍڻ، پاڻيءَ ۽ ٻيو وزن ڍوئڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. اڄوڪو سنڌ جو اهو اڪيلو علائقو آهي، جتي اُٺين جا وڳ اڄ بہ آزاد نموني سان چرندا رهندا آهن، جنهن جو مثال سنڌ جي ٻي ڪنهن بہ علائقي ۾ ملڻ محال آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهنگلي جيوت

۽

انساني فطرت جا ايذائيندڙ پهلو

جُڳن کان ٿيندو ائين پيو اچي تہ ماڻهو کاڌي پيتي جون شيون حاصل ڪرڻ لاءِ نت نوان طريقا ڳوليندو ۽ اختيار ڪندو آيو آهي. جيتوڻيڪ اڄ هو تمام جديد زراعت واري دور مان گذري رهيو آهي، پر وحشي جبلتون ۽ عادتون اڃا بہ انهيءَ ساڳي دور واريون اٿس. مثال طور اڄ جي جديد دور ۾ ماڻهوءَ جي کاڌي پيتي لاءِ اناج جا الاهي قسم موجود آهن. هن لاءِ ساوڻيون ڀاڄيون آهن، گوشت ۽ مرغي فارم آهن. ٻڪري ۽ ماهي گوشت جو بندوبست ٿيل آهي. پر ان هوندي بہ هو وڏي شڪار تي، خاص ڪري هرڻ يا ڦاڙهي کي مارڻ لاءِ ذهن ٺڪرين جي قيمت جيترو خرچ ڪرڻ کان بہ نہ ٿو ڪيٻائي. هن جي پراڻي شڪاري حس اڄ بہ هن جي ماهہ ۾ ڇپ هنيو ويٺي آهي. جڏهن جاڳي ٿي تہ هو خدا جي ان سهڻي مخلوق تي ٽٽيو پوي. فقط ۽ فقط پنهنجي شڪار واري ذوق جي تسڪين خاطر! هن جي ذوق ۽ شوق جي تسڪين رڳو هڪ اڌ هرڻ، ڦاڙي، تتر يا تلور مارڻ تي پوري نہ ٿي ٿئي، بلڪ انهن جا ڌڻن جا ڌڻ ۽ ولرن جا ولر چٽ ڪرڻ کان پوءِ مس ين وڃي ٿي ڪا ڪر اچيس.

ان شوق ۾ (هاڻ تہ ان کي ماڻهن واپار بہ ناهي ورتو آهي) هي خفتي همراهہ ڏاڍا ”سهل پسند“ بہ ٿي ويا آهن. ڇاڪاڻ تہ اڳي شڪار لاءِ ماڻهو راتين جون راتيون رلندا هئا. شڪار نہ لڳندو هون تہ خالي موٽي ايندا هئا. پر هن وقت ماڻهو انهن بي زبانن کي هر اخلاقي اصول جو ليڪو لتاڙي بہ مارڻ لاءِ تيار آهن.

اڳي دوکو ۽ دولاب ڏيڻ هر سماج ۾ ڪريل حرڪت سمجهي ويندي هئي. ماڻهو ماڻهوءَ کي دوکو ڏيڻ کان لهرائيندو هو ۽ ان کي وڏو گناهہ سمجهندو هو. پر هاڻ تہ ماڻهو پکين ۽ جانورن کي دولاب ڏيئي، انهن جو ساهہ وٺڻ عين ثواب سمجهي ٿو.

آسٽريليا ۽ يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪتي ڪان مال چارڻ جو ڪم بہ ورتو ويندو آهي. خاص نسل جا ڪتا ان ڪم لاءِ پاليا ويندا آهن. نيوزيلينڊ ۽ آسٽريليا ۾ ڪتن ڪان ڪينگرو ڪي پچائي فصلن ڪي بچائڻ جو ڪم ورتو ويندو آهي. پر هتي اسان جي ملڪ ۾، خاص ڪري سنڌ ۽ پنجاب ۾، ڪتا پاليا ئي ان ڪري ويندا آهن تہ جيئن انهن ڪي رڇن سان ويڙهائي سگهجي، سوئرن جو شڪار ڪري سگهجي ۽ سها، هرڻ، ڦاڙها جهلي سگهجن. شڪاري قبيلا وري ڪتا ان ڪم لاءِ پالين ٿا تہ ڳوهون، ٻلا، گدڙ ۽ سها جهلي سگهن. انهن قبيلن، خاص ڪري ڪوهستان ۽ ٿر (اچڙي ٿر) جي علائقن مان، ناري توڙي مڪيءَ جي وارياسي پٽن ۽ جهنگن مان جانورن جا نسل ئي تباهہ ڪري ڇڏيا آهن.

وڏا ماڻهو ڪتن جون لوڌون ان ڪري رکندا آهن تہ جيئن سوئر جو شڪار ڪري سگهن. مڪي ۽ ناري وارو علائقو ڪجهہ وقت اڳ تائين سوئرن لاءِ هڪ وڏي پناهہ گاهہ هو، پر جڏهن ڪان چوٽياري ڊئم ۽ ان مد ۾ ٻيا ترقياتي ڪم پيا ٿين، تڏهن ڪان هي جانور ڪن مخصوص علائقن ۾ سوڙهو ٿيندو پيو وڃي، جتان ڪان هن ڪي ٻاهر ڪڍڻ تمام آسان ٿي پوندو. هونءَ بہ هنن علائقن ۾ ممتاز پٽي ڪان ويندي مخدومن تائين، نواب شاهہ جي جتوئين ڪان ويندي سنڌ جي سيدن تائين هر ڪنهن جي مار هنن معصوم، بي زبان جانورن ۽ پکين تي هوندي آهي. هيءُ جانور هاڻ تمام تيزيءَ سان ڪٽندو پيو وڃي. زيان گور هجڻ ڪري بہ هيءُ گوليءَ جو نشانو بنجي ٿو. ماڻهن جي تماشي ۽ شوق جي ور بہ ڏاڍو چڙهندو رهي ٿو.

پاڪستان ۾ باز ذريعي بہ شڪار ٿئي ٿو. ننڍي کنڊ ۾ باز پالڻ جي شوق کي چون ٿا تہ مغلن متعارف ڪرايو هو، جنهن جو ڏؤر سترهين صدي عيسوي پڌايو وڃي ٿو. پنجاب ۾ اها روايت اڃا بہ زورن تي آهي. مهانگو هجڻ ڪري اهو شوق وري عربن جو ورثو بنجي ويو آهي، جو تہ عربن وٽ تمام گهڻا پئسا آهن. باز کي تلور، هرڻ ۽ سهن جي شڪار لاءِ پاليو وڃي ٿو. لاڙ ۾ باز کي باز ڦاسائڻ لاءِ بہ پاليو وڃي ٿو. مقامي طور تي هن شوق ڪان اڃا ايترو نقصان ڪونهي، جيترو عربن جو هتي اچي شڪار ڪرڻ ڪان آهي.

سرحد ۾ وري پهاڙي تتر ۽ چڪور تمام معروف آهن. هنن کي ويڙهائڻ، ٻين همجنس پکين کي ڦاسائڻ لاءِ پڻ پاليو ويندو آهي. ماڻهو کين گهرن، اوطاقن ۽ دڪانن جي زينت بنائڻ لاءِ بہ پالين ٿا. ان ڪري آنن ۽ ٻچن جي منڊ ۾ هنن جي پنيان مقامي ماڻهن جي چڱي وٽ لڳل هوندي آهي. هنن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ٻچا پکڙجڻ ۽ آنا ڪڇڻ جي ڪري، هي پکي سخت خوف ۾ زندگي بسر ڪندا آهن. چڪور، جو هڪ طرف اسان جي شاعريءَ جو خيال رهندو پيو اچي ۽ ٻئي طرف وري قومي ورثي جي سڃاڻپ طور هڪ علامت پڻ تصور ڪيو وڃي ٿو، هاڻ اڻ لڀ ٿيندو پيو وڃي. سنڌ ۾ اڇو ۽ ڪارو تتر ٻئي پاليا وڃن ٿا. هنن کان وري ٻوليون ڪرائي تترن جو شڪار ڪيو وڃي ٿو. هي تتر پڇڻ جا تيز ۽ اڏامڻ جا تکا ٿين ٿا. ان ڪري انهن کي مارڻ عام ماڻهوءَ لاءِ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ماڻهن انهن کي مارڻ لاءِ آسان طريقو اهو هٿ ڪيو آهي ته انهن کي پالي، ڪانڊن ٻولرائي، مٿن تترن جا ڳاهٽ ڪرائي، انهن کي دوکو ڏيئي ماريو ويندو آهي. سنڌ ۾ ماڻهو ڪارن ۽ اڇن تترن جا آنا ڪٺي ڪڪڙين هيٺان ڏيئي چڏيندا آهن. ڪڪڙ ڏاڍي بيوقوف ٿيندي آهي. سائيز ۾ ننڍي هجڻ جي باوجود به آني تي شڪ نه ڪندي آهي. جڏهن آنا ڦوڙڻ جو وقت ايندو آهي ته ننڍا ننڍا ٻچا ٻاهر نڪري دوڙڻ لڳندا آهن ۽ خفتي انهن کي الڳ ڪري پڃرن ۾ رکي ڇڏيندا آهن. اهڙي ريت وڏا ڪري وڪڻن به ٿا ته شڪار به ڪن ٿا ۽ وري سوکڙين طور به ڏين ٿا.

ٽي-جي-رابرٽس پنهنجي ڪتاب پاڪستان جا پکي (The Birds of Pakistan) ۾ لکي ٿو ته بلوچستان ۾، خاص ڪري ڪوئيٽا ۾ ماڻهو ٻنا موڙ واري چنڊول (Bismaculated Lark) پالين ٿا. جنهن کي پڃرن ۾ قيد ڪري دڪانن تي رکيو ويندو آهي. غالباً بازار جي شور ۽ غل کان بچڻ لاءِ اهو پکي پاليو وڃي ٿو.

پر پاڻيءَ جي جهنگلي جيوت کي سڀ کان وڌيڪ مهاڻا متاثر ڪن ٿا. ان جو مثال ائين ڪٺي ونجي ياجيئڻ ان کان اڳ جنگلي جيوت تي تحقيق ڪرڻ وارن سيني عالمن جو مشاهدو آهي ته مهاڻا لڌڙا پالين به ٿا ته مارين به ٿا. پاليل لڌڙن (Otters) کي ته هو باقاعدي شڪار لاءِ تربيت ڏين ٿا ۽ ماريل لڌڙن کي هو جنگلي جيوت جي بين الاقوامي واپارين کي وڪڻي ڇڏين ٿا. لڌڙن لاءِ اهو به مشهور آهي ته انهن جي کل يا چربيءَ جا چوٽڙا ناهي نواسير وارا مريض پنهنجن پڇڙن تي چاڙهي ڇڏين ٿا. چيو وڃي ٿو ته ائين ڪرڻ سان ڪين تمام گهڻي فرحت محسوس ٿئي ٿي. حد ته اها آهي جو ماڻهو لڌڙا مارائي انهن جا خصيا ڪائڻ کان به نه ٿا ڪيٻائين. ڪنهن وقت ۾ ناري واهه سان تمام گهڻا لڌڙا هوندا هئا، پر هاڻ يا ته اهي مارجي ويا آهن، يا وري انهن کي جيئرو ڦاسائي ڪيڏانهن ڪپايو ويو آهي. هاڻي ناري جي ٻنهي ڪنارن ۽ آس پاس وارين ڍنڍن ۾ تمام گهٽ ڏسائين ٿا.

مهاڻا پکين مان ٻگهه پکين کي، سانهن کي، پيڻ پکين کي ۽ ڪانيرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ڦاسائي، انهن ذريعي ٻيا پکي ونجهارن ۾ ڦاسائي وٺندا هئا. اهڙي قسم جا مثال لڳ ڀڳ سڄي پاڪستان ۾ ملن ٿا. مورن ۽ هرڻن جي ٻچن کي به تعلقات وڌائڻ لاءِ تحفي طور يا رشوت طور استعمال ڪيو وڃي ٿو.

جڏهن پرديسي ڪونجون هتي سانوڻيءَ جي مند ۾ اچن ٿيون ته انهن کي مختلف چوڳي وارين جاين تي ڦاسايو وڃي ٿو. سنڌ ۾ ته هن پکيءَ کي ان ڪري، به ماريو ويندو آهي ته هن جي هڏيءَ کي "پٿري" ڪڍڻ يا پورڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. هتي جي ماڻهن ۾ هڪ عام مفروضو آهي يا حقيقت، ته ڪونج، جو ته روهه جو پکي آهي، هن جو ڪاڌو به ٻين پکين کان مختلف آهي، ان ڪري هن پکيءَ جي "هڏي" ماڻهو جي جگر يا بڪين جي پٿريءَ کي پوري ڇڏي ٿي. منهنجي مرحوم چاچي ٧٩-١٩٧٨ع ڌاري ڪونجن جي هڪ ولر تي بندوقن جا فائر ڪري هڪ ڪونج ڦٽوڙي ڪري وڌي هئي. گهڻي ڪوشش ڪان پوءِ هو ان کي جيئرو ونئي آيا هئا. پوءِ مون کي ياد آهي ته منهنجي امان ان جي ڪنيڙاتين مان ڪجهه هڏيون ڪڍي ڪٺي آئي هئي، جيڪي اڃا تائين به امان جي پراڻي ڪٽيل صندوق ۾ اڳڙيءَ ۾ ٻڌيون پيون هونديون هيون. اسان هڪ ٻن ماڻهن کي انهن مان ڪجهه ٽڪرا ڏنا به هئا. پر اسان نه ٻڌو ته هنن کي انهن هڏين مان ڪو فائدو به پهتو. بعد ۾ هنن آپريشن ڪرائي جان ڇڏائي. ڪونجن کي سڀ کان وڌيڪ اشتعال ۾ بنون ضلعي ۾ آندو وڃي ٿو، جتي جا ماڻهو چوٽيءَ واري ڪونج (Demoiselle crane) کي ڏاڍي شوق سان پالين ٿا. هڪ ته هن قسم جي ڪونج ويڙهاڪ ٿئي ٿي ۽ ڊانس به ڏاڍي دلفريب ڪري ٿي، ان ڪري هيءُ ضلعو ڪونجن سان گڏوگڏ تترن، پونترن ۽ چڪور جي عالميُ منڊي بڻيل آهي. هتي جا رهاڪو ڪونج کي گهرن، اوطاقن ۽ دڪانن جي زينت طور به رکن ٿا. ١٩٨٣ع ڌاري هن ضلعي ۾ ڪونج جي قيمت ١٠٠ آمريڪي ڊالرن جي برابر هئي.

انهن پکين جي پالنا ۽ جانورن جي پرورش مان ڪوبه اهڙو مثال ڪونه ٿو ملي ته ڪو انهن جي نسل ۾ اضافو آيو هجي، جيئن هتي هن ملڪ ۾ ڪبوترن کي پالڻ سان ان جو نسل وڌيو آهي ۽ ڪتن کي پالڻ سان ان جو نسل هاڻ ڪنٽرول کان ٻاهر آهي.

سنڌ توڙي پاڪستان جي ٻين صوبن جا ماڻهو قطعي طور تي جانورن يا پکين سان فطرتي طور تي پيار ڪندڙ نه ٿا لڳن. فطرتن هو جهنگلي جيوت جي معاملي ۾ وحشي آهن. ان معاملي ۾ سڀ کان وڌيڪ حساس ته جهنگلي جيوت واري کاتي کي ئي هجڻ کپي، جنهن جون آفيسون ۽ عملو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳولئي نہ ٿا لين. جهنگلي جيوت کاتي جا وڏا عملدار، جن سان منهنجيون ملاقاتون ٿيون آهن، سي جهنگلي جيوت دوست گهٽ پر هڪ خاص قسم جا تربيت يافتہ ملان وڌيڪ لڳن ٿا. هنن کي اهو احساس ئي ناهي تہ جهنگلي جيوت بہ الله تعاليٰ جي مخلوق آهي ۽ ان جو قتل عام هر مذهب ۾ (کاڌي پيتي جون مڙئي صحولتون هوندي) حرام آهي. پوءِ بہ هو الله جي ان بي زبان مخلوق کان ايترو تہ لاتعلق آهن، جو چڻ تہ ان کي هرويرون هن زمين تي رهڻ ڏنو پيو وڃي. کي ماڻهو مون اهڙا بہ ڏنا آهن جيڪي ٽٽيهر (Redwattled Lapwing) جا ڪچا آنا پي ويندا آهن. هو اهو بہ نہ ٿا سوچين تہ انهن آنن مان انهن جا ٻچا نڪرڻا آهن ۽ انهن جي نسل کي وڌڻو آهي. سمنڊ جا ميربحر ساموندي پکين، جهڙوڪ سي-گل (Seagull)، ڪناءِ (Tern)، سارس ۽ ٽُور وغيره جا آنا پچائي کاڌي طور استعمال ڪندا آهن. اليگزينڊر برنس جي مطابق تہ هنن تہ درياهي سيسر (Gharial) بہ پُڇي کائي ڪپائي ڇڏيا آهن. انڊس ڊالفن سان جيڪا تعدي هي ويهي ڪن ٿا، سا بہ ڪنهن کان ڳجهي ڪونهي. ايتري قدر جو ڪي مٽي ڦريا جنسي احساس ڪمتريءَ جا مريض، هن جي بدني بناوٽ ڏسي شيطان بنجيو پون. واڳون ۽ مڇيءَ جي نسل کي هاڻ خود مهاڻي کان ئي وڌيڪ خطرو آهي. جيڪڏهن هن خود ان کي بچائڻ جون ڪوششون نہ ورتيون تہ ٻين ماڻهن سان گڏ پاڻ بہ انهي خوبصورت جيوت کي ڏسڻ کان سڪندو. ايل - بي - او - ڊي (LBOD) جي رٿائن، جتي سنڌ جي مختلف جهنگلي جيوت جي پناهگاهن کي سخت ڇيهو رسايو آهي، اتي ان ۾ ڪم ڪندڙ عملي، خاص ڪري چينين ۽ جاپانين ڪچوءَ جي نسل جو ستيا ناس ڪري رکيو آهي. چيني ۽ جاپاني ڪچون ۽ دريائي ڪمين (Brown River Turtles) جا نہ رڳو بيدا وڏي شوق سان کائين ٿا، پر خود انهن ڪچوئن ۽ ڪمين کي وڏن ڪڙاهن/ديڳڙن ۾ اوچلائي سوپ ناهي پي ڇڏين ٿا. سانگهڙ ۾ سم نالن ۽ ٻتي جمڙائو واهہ جي رٿائن دوران ڪم ڪندڙ چينين هتان جي ڇڻڪبري ڪميءَ (Indian soft-shelled Turtle) جو ڪيڙي مار دوائن جئان جهڙوڪر نسل ئي ختم ڪري ڇڏيو. خانہ بدوش قبيلا، جهڙوڪ هڏوار ۽ گرگلا پڻ ڪمين ۽ ڪچوئن جا دشمن آهن. اڳي سانگهڙ جي واهن جي پيچن وارا علائقا ۽ ناري جي ٻنهي پاسن وارو ايڪوسسٽم (Eco system) هنن ڪمين ۽ ڪچوئن جا مرڪز هوندا هئا. هڪ تہ جڏهن کان منڙائو ڪينال، ناري جي پٽڙين ۽ جمڙائو جي پٽڙين تي ٽريفڪ وڌي آهي، هيءَ آبي مخلوق رفتار ۾ سست هئڻ جي ڪري ٽائرن هيٺان اچي مرندي رهي آهي ۽ مري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي آهي. پيءُ تہ آواز ۽ وسونهن جي ڪري ڏاڍي عذاب ۾ آهي. هيءَ جڏهن بيضا ڏيڻ لاءِ ٻاهر نڪري ٿي تہ ٻنڌن تي هلندڙ ڊبل ڪئين ڊاتسن، جيپن، ٽرالرن ۽ ڪاٽي وارين مشينن جي ٽائرن ۽ چينن (Chains) هيٺيان اچي وڃي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن تہ هيءَ حڪيمن جي ڪشتن جي ور بہ چڙهيو وڃي. ڪڏهن وري سخت اُس ۾ (خاص ڪري وارياءَ وارن علائقن ۾) جليو سڙيو وڃي. هتي جي مقامي ڏيڏرن تي بہ چينين وڏي جلهہ ڪئي. منهنجو ٻائيٽيو، جو سانگهڙ واري آفيس ۾ سندن پٽي وارو هو، ان ڪري نوڪري ڇڏي آيو جو سندن هنڌ بسترن، ٽانوَ نڪرن ۽ ڪمرن مان ڪيس سدائين ڪچي ڏپ پئي ايندي هئي. وڏن هنڌن ۾ ٽسڪندڙ پاڻيءَ ۾ جڏهن جيئرا ڦٽڪندڙ ڪچون ڏسندو هو تہ بيمار ٿي پوندو هو. چينين تہ باقاعده پنهنجي رهائش گاهن ۾ وڏا وڏا تلاءَ نهرائي ڇڏيا هئا، جن ۾ هو ڏيڏر ۽ ڪچون اچي گڏ ڪندا هئا. جهنگلي جيوت ڪاتي وارن ڪڏهن بہ مٿن ڪو ڪيس ڪونہ ڪيو ۽ نہ ئي ڪين ائين ڪرڻ کان روڪيائون. ٿي سگهي ٿو تہ ڪين اها خبر ئي نہ هجي تہ ڏيڏرن ۽ ڪچوئن جو نسل بہ بچائڻو آهي، جو اڳيئي ڪيميائي زهرن جو ستو سئون ڪاچ بنجي رهيو آهي.

بهرحال حقيقت اها آهي تہ اسان ماڻهو نہ تہ مذهبي طور تي، نہ ئي بنيادي طور ”جهنگلي جيوت دوست“ آهيون. اسان ڳاڙهي رنگ کي ڏاڍو پسند ڪيون ٿا. پوءِ چو نہ اهو ڪنهن ماڻهوءَ جو هجي يا ڪاتيءَ هيٺان ڪسندڙ ڪنڌ جو، پر رت وهائيندڙ ذهني طور تي پاڻ کي بهادر ۽ اعليٰ سمجهي ٿو. اسان مان وحشيپڻي جي اها پيداوار جيستائين ختم نہ ٿيندي، تيستائين نہ تہ اسان سنا انسان ٿي سگهنداسين ۽ نہ ئي سٺي مخلوق. هجڻ تہ هيئن گهرجي جو زمين تي رهندڙ هر مخلوق لاءِ اسان جي دل ۾ محبت ۽ رحم جو جذبو پيدا ٿيڻ گهرجي، بلڪہ ان جي نسل کي بچائڻ لاءِ عملي جدوجهد ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ هڪ گڏيل نعرو هئڻ گهرجي: ”جهنگلي جيوت کي سندس نسل جي بقا لاءِ پاليو. سندس نسل ڪشيءَ لاءِ هرگز نہ!“



سنڌ جو نقشو 2001ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻوڪي مکي ۽ ان جي پرپاسي وارن علائقن جو نقشو 2001ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جت سنڌوءَ سمنڊ وهي ٿو

امر لغاري

موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي لاڙڪاڻو





امر لغاري سنڌ جو الوکو رائيٽر آهي، جنهن نه رڳو سنڌوءَ جي ڇوڙ واري ڊيلٽائي علائقي ۾ اتي جي ماڻهن ۽ پنهنجي جيوت تي هڪ اخباري خبر جي بدران اتي جي مسئلن کي انتهائي خوبصورت انداز ۾ رپوتاژ واري طرز ۾ لکيو آهي.

امر لغاري سنڌ کي پرينءَ جي پاڇي واري اک سان ڏسڻ جي ڪري رڳو ان کي خوبصورت شهرن، سرسبز باغن ۽ زرعي علائقن تائين محدود ڪرڻ بدران جهر جهنگ، بيابان، ٻيٽون، ڍٻون، ڇاڙهون، ڪاريون، ڍنڍون، ڏورا، رڻ جا پٽ، رڃ وارا پوٽا ۽ آٿيا لتاڙي سنڌ لهي ڳولي ٿو. امر لغاري بلڪل اها سنڌ ڳولي ٿو جنهن لاءِ ٿي اياز چيو، ”جت لڪ لڳي، جت اِڪ تپن سو ديس مسافر منهنجو ڙي.“

اهڙيءَ طرح اسان ڏسون ٿا ته امر لغاري رومانٽڪ ۽ سادي انداز ۾ سنڌ جي انتهائي سنجيده قسم وارن مسئلن کي ڇهيو آهي. هن ڊيلٽائي علائقي تي ڪنهن ٽيڪنوڪريٽ يا آبپاشي جو ماهر بنجي اهو بحث نه ڪيو آهي ته دريائي ڇوڙ لاءِ 27 ملين پاڻي کپي يا 10 ملين پاڻي کپي، پر هو ته هڪ سادي انداز ۾ علائقي جي صورتحال هڪ ملاح جي زباني ٻڌائڻ لڳي ٿو.

هو دنيا جي ڊيلٽائي علائقن وانگر سنڌ جي ساحلي علائقي کي ماحولياتي اک سان ڏسي ٿو. هو ڊيلٽائي علائقي ۾ رڳو ماحولياتي طور فيشن بنجي ويل ميڪروز جو قصو ڪونه ٿو ڪٿي، پر هو ته لطيف جي ڳايل سهڻ جي ڳاهه، اتي وارن ماڻهن، جانورن، پکين ۽ ٻوٽن تي لکڻ چاهي ٿو. هن تمر جي نه رڳو خوبصورت وڻ تي لکيو آهي، پر اهو وڻ جيڪو قدرتي طور سمنڊ جي آبي زندگيءَ لاءِ هڪ هيچري طور ڪم ڪري ٿو اهو به لکيو آهي. امر جي ڪئمرائي اک دريائي ڇاڙهن جي وچ ۾ آباد ڊيلٽائي علائقي جي شهر ڪاري ڇاڻ ۽ درياءَ جي خوبصورت ڪنڌي واري پٽڻ جنگي سر جو ذڪر ڪيو آهي.

اسحاق مگريو

حيدرآباد سنڌ

موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي لاڙڪاڻو

Rs. 120/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، پاڇوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولڻ سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بِين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمَ- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڪَلاءِ کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پڙهندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book